
منٽو جا 100 سال
سعادت حسن منٽو جون چونڊ پارنھن ڪھاڻيون
سنڌيڪار:
بشير منگي
AI QUAD CAMERA
Shot on realme 5

# منٽو جا 100 سال

**(1912ع کان 2012ع)**

**سعادت حسن منٽو جون چونڊ ڪهاڻيون**

سنڌيڪار:

**بشير منگي**

**ڊجيٽل ايڊيشن:**

2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا سنڌيڪار وٽ محفوظ آهن**

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | منٽو جا سئو سال |
| موضوع: | ڪهاڻيون |
| ليکڪ: | سعادت حسن منٽو |
| سنڌيڪار: | بشير منگي |
| تعداد: | هڪ هزار |
| ڇپائيندڙ: | ٽي اينڊ ٽي پبلشر، لاهور |
| سال: | جنوري 2012ع |
| ڪمپوزنگ: | امر اياز مهر 03322920262 |
| ٽائيٽل: | احسن (لاهور) |
| مُلهہ: | 300 رپيا |

ڊجيٽل ايڊيشن: 2020ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر
books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| Book: | Manto Ja Sao Saal |
| Subject: | Stories |
| Writer: | Saadat Hassan Manto |
| Translator: | Bashir Mangi |
| Total Copoies: | 1000 |
| Publisher: | T&T Publisher, Lahore |
| Year: | January 2012 |
| Title: | Ahsan (Lahore) |
| Price: | Rs: 300 |

**[هيءُ ڪتاب ڊجيٽل ايڊيشن جي صورت ۾ محمد سليمان وساڻ سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام ڪراچيءَ پاران پڌرو ڪيو.]**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”منٽو جا 100 سال“** اوهان اڳيان پيش آهي. اردوءَ جي نامياري افسانا نگار **سعادت حسن منٽو** جي 13 چونڊ ڪهاڻين جي سنڌي ترجمي تي مشتمل هن مجموعي جو سنڌيڪار ناميارو ليکڪ ۽ شاعر **بشير منگي** آهي.

منٽو جي زندگي به هڪ طويل درد جي ڪهاڻي آهي. هو اذيتناڪ دور ۾ گُذاري ويو، پر هو پنهنجي زندگيءَ ۾ آيل طوفانن جا داستان ڪاغذ تي لکي هڪ دور جي تاريخ رقم ڪري ويو. منٽو انساني مزاج ۽ فطرت کان بخوبي واقف هو ۽ هو لفظن جي فن جو جراح هو. هن جي ڪهاڻين ۾ ايتري ڪشش آهي جو پڙهندڙ تي جادو طاري ٿي وڃي ٿو.

هي ڪتاب 2012ع ۾ ٽي ايند ٽي پبلشر، لاهور پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون بشير منگي صاحب جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪلي.

ساٿ سلامت سنڌ سلامت

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# ارپنا

پياري دوست
**ڪهاڻيڪار اڪبر سومرو**

❖

۽ ننڍپڻ جي ساٿي
**علينواز ”شيدي“**
**جي نالي**




CAP

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| مهاڳ | عرفان احمد خان | 09 |
| پنهنجي پاران | بشير منگي | 11 |
| تقرير | سعادت حسن منٽو | 14 |


## ڪهاڻيون


1. ڪولي چڏ 19
2. ٽوبا ٽيڪ سنگهه 22
3. ڪرامتن وارو مولوي 29
4. ڪاري سلوار 42
5. هوءَ ڇوڪري 55
6. پيرن 59
7. سئو ڪينڊل پاور بلب 65
8. ڊونهون 72
9. بوءِ 79
10. ٿڌو گوشت (جسم) 84
11. شريفان 90
12. ينگياٽي 93
13. لاري اڏو 97



سعادت حسن منٽو



سعادت حسن منٽو پنهنجي سالي مسز حامد جلال ۽
پنهنجي گهر واري صفيه سان گڏ

# منٽو سال 2012ع

منهنجي پياري دوست بشير منگي منهنجي ئي چوڻ تي اردو جي عظيم افسانا نگار سعادت حسن منٽو جي افسانن کي سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جون خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. جنهن تي مون کي خوشي آهي، مان اميد ٿو ڪريان ته بشير منگي سعادت حسن منٽو جي چونڊ افسانن کي ترجمو ڪرڻ کان پوءِ هو اردو جي ٻين افسانا نگارن جي شاهڪار افسانن کي سنڌي زبان جو ويس پارائي سنڌي ادب جي ترجمن واري صنف ۾ وڏو مانُ ماڻيندو. سنڌي ٻوليءَ کي اهو به تاريخي طور تي اعزاز حاصل آهي ته پاڪستان جي علائقائي ٻولين ۾ سڀ کان پهريان قرآن شريف سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو ويو، ساڻ اهو به اعزاز آهي ته سنڌي ٻولي سڀ کان وڌيڪ پڙهي ۽ لکي وڃي ٿي.

منٽو جا جيڪي افسانا بشير منگيءَ ترجمي لاءِ چونڊ ڪيا آهن، ان ۾ "کولي ڇڏ"، "ٽوبا ٽيڪ سنگهه"، "ڪرامتن وارو مولوي"، "پيرنِ"، "ڪاري سلوار"، "سئوڪينڊل پاور جو بلب" "دونهون"، "بوءِ"، "ٺنڊو گوشت"، "شريفان"، "هوءَ ڇوڪري"، "پنگياٽي" ۽ "لاري اڏو" شامل آهن. بشير منگيءَ پاران ترجمو ڪيل تيرنهن افسانن جو مجموعو سنڌي پڙهندڙن جي خدمت ۾ منٽو سال 2012ع جي حوالي سان پيش ڪجي ٿو. اُميد آهي ته چونڊ افسانن وارو مجموعو "منٽو جا سئو سال" سنڌ ۾ وڏي پذيرائي ماڻيندو. بشير منگيءَ جو نالو سنڌي ادب ۾ ڪنهن تعارف جو محتاج ڪونهي ادب جي دنيا ۾ هو شاعر ۽ ڪالم نويس جي حيثيت سان سڃاڻپ رکي ٿو هن وقت ايشيا جي وڏي ادبي تنظيم سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي جهنڊي هينان هن جي رهنمائي ۽ خدمتن جو اعتراف سمورا دوست ڪن ٿا. هن ۾ جرئت ۽ بيباڪي به سعادت حسن منٽو واري ئي آهي. منٽو جيئن دليراڻي انداز ۾ لکيو آهي، ان ڪري ترجمو ڪرڻ واري جو به دلير ۽ جرئتمند هجڻ ضروري شرط آهي. ان ڪم لاءِ جنهن جرئتمند ماڻهوءَ جي ضرورت هئي ان لحاظ کان منهنجي چونڊ بشير منگيءَ جي لاءِ درست ثابت ٿي آهي. هن جي محنت ۽ منٽو سان عشق، سنڌي زبان ۾ ويس پاتل چونڊ ڪهاڻين کي پڙهي محسوس ڪري سگهي ٿو.

"ڪُن فيڪون" ته صرف قادر مطلق وٽ آهي. انسان ۽ هر جاندار کي زندگيءَ ۾ سخت محنت ۽ جدوجهد ڪرڻي پوي ٿي. مشهور سائنسدان آئن اسٽائن کان هڪ انٽرويو ۾ پڇيو ويو ته توهان قسمت تي ڪيترو يقين رکو ٿا؟ جواب ۾ آئن اسٽائن قسمت تي يقين ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ چيو ته هو صرف محنت تي يقين ۽ ايمان رکي ٿو ۽ جڏهن انٽرويو ڪندڙ پنهنجي ڳالهه يعني قسمت تي يقين ڪرڻ لاءِ زور ڏنو ته آئن اسٽائين انٽرويو ڪندڙ جي دل رکڻ لاءِ چيو ته جيڪڏهن تون زور ڏئي چوين ٿو ته مان زندگيءَ ۾ قسمت جو عمل دخل هڪ سيڪڙو مڃڻ لاءِ تيار آهيان، باقي نوانوي سيڪڙو محنت تي يقين ڪيان ٿو.

بشير منگي ۽ راقم الحروف بہ آئن اسٽائين وانگر سائنسي انداز فڪر تحت ڪم ڪيون ٿا.سئو سيڪڙو محنت تي ئي يقين رکون ٿا. اڄ اسان جنهن منٽو جي چونڊ ڪهاڻين ڪي سنڌي پڙهندڙن آڏو پيش ڪري رهيا آهيون اهو بہ محنت تي ئي ايمان رکندو هُئو ۽ هو زماني جي تڪليفن گردشن سان مقابلو ڪندي وات مان رتُ وهائيندي هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. صرف ٽيتاليهہ سالن جي عمر ۾ اردو ادب جي جهول ۾ عظيم شاهڪار افسانا ڏئي ويو. جنهن ڪان پوءِ اڄ ڏينهن تائين ڪو بہ اردو افسانو منٽو جي افسانن ڪان اڳ ڪڏي نہ سگهيو آهي.

عرفان احمد خان (لاهور)

# پنهنجي پاران

ماڻهو طويل عرصي کان هڪ لڳاتار عذاب ۾ زندگي گذاري وجي ٿو. بک، بيماري، بدامني، مهانگائي ۽ بنيادي گهرجن جي اڻپورائيءَ جو عذاب پوڳي تاريخ جو دور گذاري وجي ٿو. ماڻهو مايوسيءَ جي موذي مرض ۾ وڪوڙجي جڻ ته زنده ئي مري وجي ٿو.

منٽو جي زندگي به هڪ طويل درد جي ڪهاڻي آهي. هو اذيتناڪ دور ۾ گُذاري ويو، پر هو پنهنجي زندگيءَ ۾ آيل طوفانن جا داستان ڪاغذ تي لکي هڪ دور جي تاريخ رقم ڪري ويو. ان حوالي سان سعادت حسن منٽو لاءِ ڪرشن چندر جو حوالو ڏيڻ ضروري ٿو سمجهان:

“هڪ صبح جو ڪرشن جي گهر جو دروازو زور سان ڪڙڪيو، ڪرشن دروازو کوليو ته هڪ همراهه سامهون بيٺو هو، نهايت غمگين هيو ۽ ڏکويل لهجي ۾ ڪرشن چندر کي چيو، ته اوهان جو دوست منٽو گُذاري ويو آهي، تنهن تي ڪرشن چندر فورن ان همراهه کي وراڻيو ته “ هو زنده ڪڏهن هو....؟”

سعادت حسن منٽو پنهنجي جيئري ئي پنهنجي هٿن سان قبر جو ڪتبو هيئين لکيو هو:

پهريون لفظ
786
ڪتبو
هِتي
سعادت حسن منٽو دفن آهي
جنهن جي سيني ۾ فنِ افسانا نگاريءَ جا سمورا راز
۽ اسرار دفن ٿيل آهن،
هو هاڻِ به مٽين مٿيءَ هيٺان سوچي رهيو آهي،
ته هو وڏو افسانه نگار آهي،
يا خدا؟
سعادت حسن منٽو
18 آگسٽ 1954ع.

منٽو انساني مزاج ۽ فطرت کان بخوبي واقف هو ۽ هو لفظن جي فن جو جراح هو. هن جي ڪهاڻين ۾ ايتري ڪشش آهي جو پڙهندڙ تي جادو طاري ٿي وجي ٿو. منٽو پنهنجي سوچ ۾ هڪ پختو ماڻهو هو، پنهنجي دور جو هڪ وڏو سچ هو، جنهن مملڪت فرنگي ۽ مملڪت خداداد جي ريتن، روايتن تحت انهن جي مڙهيل قانونن سان پوري

عمر جنگ وڙهندي گذاري. هو نه صرف حاڪمن تي چٿرون ڪندو رهيو، پر انهن جي خلاف هميشه سچ لکندو رهيو، هن پنهنجن افسانن ۾ ڪوڙهه ورتل سماج جي مسئلن ۽ مونجهارن جي حل لاءِ پنهنجي قلم ڪان تلوار جو ڪم ورتو آهي. معاشرتي تعصب رکندڙ ۽ سچ جي وجود کان انڪاري ماڻهن ڪي منٽو ڏوهي قرار ڏنو آهي. منٽو، ڪهاڻي "دونهون" ۽ "ڪاري سلوار" لکڻ سبب 5 ڊسمبر 1944ع ۾ گرفتار به ٿيو. جڏهن ته "ٺنڊو جسم" ، "بوءِ" ۽ "کولي ڇڏ" جهڙين ڪهاڻين تي به هن خلاف ڪيس درج ڪيا ويا ۽ ڪورٽن جي ڪٽهڙن ۾ مرد مانجهي بڻجي پنهنجي ڪهاڻين جو دفاع ڪندي سگهارا دليل ڏنا. هن لکيو ته منهنجي ڪهاڻين ۾ "جيڪي بُرايون آهن اُهي هن دور جون بُرايون آهن منهنجي ڪهاڻين ۾ ڪو به نقص ناهي، جيڪو نقص منهنجي نالي سان منسوب ڪيو وڃي ٿو دراصل اُهو موجوده نظام جو نقص آهي مان تهذيب، تمدن ۽ سوسائٽيءَ جو چولو نه ٿو لاهي سگهان ڇاڪاڻ جو اها اڳ ۾ ئي ننگي آهي. مان ڪپڙا نه پارائيندس ڇاڪاڻ جو اهو به منهنجو ڪم ناهي." هن پنهنجي خلاف سيني ڪيسن ڪي همت ۽ جرئت سان منهن ڏنو.

منٽوءَ لکيو آهي ته "سماج لاءِ پلو سوچيندڙ ماڻهو اڄ به مونسان گڏ آهن، سياڻي به هوندا ۽ جيڪي اسان ڪان پوءِ ايندا اُهي به اسان سان گڏ سلهاڙيل نظر ايندا". ان حوالي سان منٽو گذريل صديءَ جو تخليقڪار نه پر هو ڪهاڻيءَ جي اُڀ تي چمڪندڙ ستاري وانگر اوسيتائين چمڪندو رهندو جيستائين هن ڌرتيءَ تي هڪ به ماڻهو جيئرو هوندو. جيستائين هن ڌرتيءَ تي ماڻهو هوندا ته ڪهاڻيون به جنم وٺنديون افسانه به جنم وٺندا، ماڻهن جا مسئلا به هوندا. ان وقت تائين هي عظيم انسان جيئن تاريخ ۾ جنگجو وطن پرست، سپهه سالار، فاتحن جا نالا زنده رهندا تئين هن جو نالو به تاريخ جي ورقن ۾ عظيم ڪهاڻيڪار جي نالي سان زندهه رهندو.

منٽو لاءِ اهو لکڻ ته هو وڏو افسانه نگار هو، نهايت معمولي ڳالهه آهي. هن لاءِ اهو لکڻ ته هن جديد افساني کي سگهه ڏني ته اهو به هن جي قد ڪاٺ اڳيان هڪ ننڍڙو جملو آهي.

منٽو تي ورهاڱي وقت اهو الزام لڳو ته هو صرف عورت جي جنسي مسئلن تي لکي ٿو، جڏهن ته هن خطي جو نقشو بدلجي رهيو آهي هن ان جي جواب ۾ چيو ته دنيا جو نقشو واقعي بدلجي رهيو آهي ۽ هندوستان ٻن حصن ۾ ورهائجي رهيو آهي پر جيڪڏهن مون انهن مسئلن تي لکيو ته منهنجي حلئي جو نقشو تبديل ٿي ويندو. هن لکيو آهي "مان ڊڄڻو ماڻهو آهيان، جيل ڪان ڏاڍو پئو ٿيندو اٿم، هيءَ زندگي جيڪا بسر ڪيان ٿو ڇا اها جيل جي عذاب ڪان گهٽ آهي، جيڪڏهن هن جيل ۾ هڪ ٻيو جيل اڳيان اچي وڃي ته منهنجو ساهه گهٽجي ويندو. مون کي زندگيءَ سان پيار آهي، سامهون هلندي گولي کائي سگهان ٿو پر جيل ۾ مڇر جي موت مرڻ نه ٿو چاهيان".

منٽو جي افسانن ۾ چڪلي جي رنڊيءَ جو ذڪر بار بار ملي ٿو، ان لاءِ هو لکي ٿو "منهنجي افسانن جي هيروئن چڪلي جي رنڊي ٿي سگهي ٿي جيڪا رات جاڳي

گذاري ٿي ۽ ڏينهن جو ڏجندڙ خواب ڏسي ڇرڪ ڀري اُٿي ويهي ٿي ته شايد پوڙهائپ هن جو دروازو کڙڪائي رهي هجي. ان خوف کري هوءَ ننڊ نه ٿي کري سگهي. ان عورت جي غلاظت، بيماري، چيڙاڪ طبيعت، گاريون، سڀ مون کي وڻنديون آهن انهن ڪيفيتن تي مان لکندو رهندس”.

عظيم ڪهاڻيڪار سعادت حسن منٽو جون ڪهاڻيون ترجمو ڪندي مون کي سرهائي ٿي رهي آهي، ڪيس سئو سالا جنم سال جي موقعي تي عقيدت جا گل پيش ڪندي “منٽو جا سئو سال” نالي ڪتاب دوستن آڏو پيش ڪريان ٿو. اميد ته منهنجي هيءَ ڪاوش پڙهندڙن کي پسند ايندي.

**بشير منگي**
03332927374

# پنو: جيڪو گيشوري ڪاليج بمبئيءَ ۾ پڙهيو ويو

## سعادت حسن منٽو

(پهرين جنوري 1944ع)

منهنجي مضمون جو عُنوان ”جديد اَدب“ آهي ۽ مزي جي ڳالهه اها آهي ته مان اُن جو مطلب ئي سمجهي نه سگهيو آهيان! پر هي زمانو ڪُجهه اهڙو آهي، جو ماڻهو اُن موضوع بابت ڳالهيون ڪن ٿا، جيڪي هُنن جي سمجهه کان ٻاهر آهن. مثال طور: ڪجهه ڏينهن اڳ مهاتما گانڌيءَ آغاخان جي مَحل ۾ ويهي روزو رکيو. ماڻهن کي سمجهه ۾ نه آيو ته مهاتما جيئرو رهندو يا..... هڪ نارنگي پيدا ٿي پئي جيڪا سمجهه ۾ نه پئي آئي: ڪنهن چيو ته نارنگي آهي، ڪنهن موسَمي سڏيو ته ڪنهن وري چيو ته مالٽو آهي.... ڳالهه صفا وڏي وئي ۽ ماڻهن موسمي جا سمورا قسم ڳڻايا: ڪن چيو ته مالٽو آهي، ڪن ڪٿو ليمو سڏيو ته ڪن وري سَنگترو چيو. ڊاڪٽرن وري ڇا ڪيو جو هر هڪ ۾ موجود وٽامن ڳڻائڻ لڳا ته ڪن وري مالٽي ۾ موجود ڪلوريز جي ڳالهه ڪئي. مثال طور: هڪڙي 75 سالن جي پوڙهي کي سال ۾ ڪيتري ڪلوريز کپن. ڳالهه وڏي وئي/ بحث ڇڙي پيو. مهاتما گانڌي جي ان نارنگي يا ليمو جيڪي ڪُجهه هو، اُن مان سعادت حسن منٽو جنم ورتو... ها، اهو ئي منهنجو نالو آهي پر ڪي ماڻهو جديد ادب يا نئين ادب يعني ترقي پسند ادب کي سعادت حسن منٽو چون ٿا ۽ جن کي وري اها جنس پسند ناهي ته پوءِ هو ان کي عصمت چُغتائي سڏين ٿا.

جهڙيءَ طرح سعادت حسن منٽو پنهنجي پاڻ کي ڪجهه نه ٿو سمجهي، اهڙيءَ طرح جديد ادب المعروف نئون ادب يا ترقي پسند ادب به منهنجي سمجهه کان بالاتر آهي ۽ جيئن مان عرض ڪري چڪو آهيان ته ٻين ماڻهن جي سمجهه کان مٿي آهي جيڪي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. مثال طور: ڪُجهه مضمون اهڙا آهن جن کي انهن اديبن فحش نگاري ۽ مزدور پرستي سان ڳنڍي ڇڏيو آهي.

مان ذاتي طرح شين جي نالن کي خراب نه ٿو سمجهان. جيڪڏهن منهنجو ڪو نالو نه هُجي ها ته اُهي گاريون ڪنهن کي ڏين ها. جيڪي لکن جي تعداد ۾ ادبي نقادن مون کي ڏنيون؟ نالو هُجي ته پوءِ ڪنهن کي گاريون ڏيڻ يا شهپارن تي داد ڏيڻ سئولو ٿي پوي ٿو پر نالا اگر گهٽا هوندا ته ماڻهو منجهي ويندا.

سڀ کان وڏيڪ مغالطو ترقي پسند ادب ڪري پيدا ٿيو آهي، جيڪو پيدا ٿيڻ نه کپي ها. ادب يا ته ادب آهي نه ته پوءِ ادب ناهي. جيئن ماڻهو آهي ۽ جي ماڻهو نه هوندو ته پوءِ گڏهُ سڏبو. جيئن گهر آهي، ميز آهي، ڪرسي آهي.... چيو وڃي ٿو ته سعادت حسن منٽو ترقي پسند انسان آهي. هيءَ ڪهڙي بڪواس آهي! بابا سعادت حسن بس انسان آهي ۽ هر انسان کي ترقي پسند هُجڻ گهرجي. هو مون کي ترقي پسند سڏي ڪا وڏي ڪيپ ڪو نه پيا ڪٽين، پر اصل ۾ پنهنجي برائيءَ جو ثبوت پيا ڏين.... مان سڀ

سمجھان ٿو. مطلب اھو ٿيو تہ ھو پاڻ ترقي پسند ناھن ۽ نہ وري انساني ترقي ڪي سُنو سنوڻ سمجھن ٿا.... ڳالھہ سڌي آھي: مان ھر شيءِ ۾ ترقيءَ جو خواھشمند آھيان ۽ چاھيان ٿو تہ اوھان بہ ترقي ڪريو! اڄ شاگرد آھيو، سڀاڻي ترقي ڪري پنھنجي مقصدن ۾ ڪامياب ٿي وڃو. ھر ماڻھو ترقي پسند ھوندو آھي. اُھي ماڻھو بہ جن ڪي تخريبي يا رجعت پسند سمجھو ٿا سي بہ پاڻ ڪي ترقي پسند سمجھندا آھن. ڏسو ھر شخص اڳوڻي نسل جي مقابلي ۾ وڌيڪ ذھين ۽ روشن خيال ھوندو آھي. اھو ئي حال ادب جو آھي: شرر جو ناول ھجي يا وري راشد الخيري جا افسانا اڄ اسان ڪي اھي مرده نظر اچن ٿا. پڙھندڙن جو بہ اھو ئي حال آھي: ڪتابن جي مارڪيٽ ۾ وڃو تہ اتي ڏھ/ويھہ سال پراڻا ڪتاب ڳولھيا نہ لڀندا پر انھن جي جاءِ تي ڪرشن چندر، راجندر سنگھہ بيدي، عصمت چغتائي ۽ سعادت حسن منٽو جا ڪتاب ايم. اسلم، تيرٿ رام فيروزپوري، امتياز علي تاج، عابد علي عابد جي ڪتابن کان وڌيڪ وڪامجن ٿا. ان لاءِ جو ڪرشن چندر ۽ سندس جوڙ جي اديبن پنھنجي لکڻين ۾ نواڻ پيدا ڪئي آھي. اڄ کان 20/22 سال اڳ ملڪ جون سياسي ۽ معاشي حالتون مختلف ھيون. توھان سمجھي ويا ھوندا تہ 60/50 سال پھريان مغلن جي حڪومت ھُجي ھا تہ منھنجي گھر ۾ بہ ھڪڙو حرم خانو ھجي ھا ۽ چار/ پنج رکيل (ٻانھيون) ھُجن ھا جيڪي مونکي زور ڏين ھا، مان تترن جو شڪاري ھُجان ھا ۽ ھي مضمون پڙھڻ بدران گيشوري ڪاليج جي پرنسپال جي شان ۾ ڪو قصيدو وينو لکان ھا ۽ ھو منھنجي جھول موتين سان ڀري ڇڏي ھا! پر اڄ حالتون بدلجي ويون آھن: ھن تقرير کان پوءِ مون کي فلم نگري ڏانھن پنڌ وڃڻو آھي ۽ اتان جي دادن کي وڃي جواب ڏيڻو پوندن تہ ايتري دير مان ڪٿي ھُيس، ٿي سگھي ٿو تہ ھنن جي آڏو ڪُوڙ بہ ڳالھائڻو پويم تہ مان ڊاڪٽر وٽ دوا وٺڻ ويو ھوس.

ھا، وري چوان ٿو تہ حالتون مٽجي ويون آھن ۽ حالتن جي مَتاسَتا ادب ۾ نرالو رنگ پيدا ڪري ڇڏيو آھي. اڳي ماڻھو واندا ھوندا ھئا، آرامي ۽ عيش پرست ھئا. ان زماني جو ادب دماغي عياشي ھوندو ھو ۽ مطالعي بعد محسوس ٿيندو ھو تہ ان زماني جا اديب نند جي ڪيپ ۾ ورتل ھئا ۽ شار ويچارا ڪُڪڙَ ويڙھائيندا ھئا پر اڄوڪو شاعر پنھنجي جواني جو نوحو وينو لکي، اڳوڻا ڪھاڻيڪار جنن ڀوتن جون ڪھاڻيون لکي نالو ڪمائيندا ھئا پر اڄوڪا ڪھاڻيڪار عورت ۽ مرد جي مسئلن تي لکن پيا جيڪي جنن ڀوتن کان وڌيڪ دلچسپ ڪھاڻيون آھن. اڳوڻو ليکڪ مطمئن نظر ايندو ھو پر اڄوڪو اديب بي چين آھي، ھو پنھنجي ماحول، سياسي نظام ۽ سڄي معاشري کان بيزار آھي ۽ روايتي ادب کان بہ ..... ھن جي ان بي اطميناني ڪي ماڻھن غلط رنگ ڏنو آھي: ڪو ان ڪي ترقي پسند ٿو سڏي، ڪو ان ڪي فحش نگاري سڏي ٿو ۽ ڪو وري ان ڪي مزدور پرستي سڏي ٿو! اھو بہ چيو ٿو وڃي تہ نون اديبن جي اعصابن تي رڳو عورت سوار آھي. چو نہ ھجي، مرد جي اعصابن تي عورت نہ تہ ڇا گھوڙو سوار ھوندو. اگر ڪبوتر ڪنھن ڪبوتريءَ ڪي ڏسي گُٽر گون ڪري نچڻ لڳي ٿو تہ پوءِ ڪنھن

خوبصورت عورت ڪي ڏسي غزل يا ڪو افسانو لکي نہ ٿو سگھجي ڇا؟ عورتون تہ ڪبوترين کان وڌيڪ حسين ۽ من موهيندڙ ٿين ٿيون. ڇا مان غلط ٿو چوان؟

ڪجھ وقت اڳ جي شاعري جيڪڏهن پڙهندئو تہ محبوب عورت بدران ڇوڪرو نظر ايندو. ظاهر آهي تہ ان زماني جي شاعرن جي ڪا مصلحت هوندي پر اجوڪي دور جا شاعر ان سوچ جي خلاف آهن.. اهي عورت جي چهري تي ڏاڙهي ڏسڻ جي خلاف آهن، عورت تہ خدا تي نظر اچي ۽ ڇا توهان پنهنجي پالڻهار جي ڳٽن تي ڏگهي ڏاڙهي ڏسڻ پسند ڪندا؟

مان عرض ڪري رهيو آهيان تہ زماني جي حالتن ڪي ڏسي ادب پنهنجو رويو تبديل ڪري ٿو. اڄ جيڪا بدليل حالت آهي ان جي خلاف اخبارن ۾ مضمون لکڻ يا جلسن ۾ تقريرون ڪرڻ بيڪار ڪم آهي اهي ماڻهو جيڪي جديد ادب، ترقي پسند ادب وارو فحش ادب جو خاتمو ڪرڻ چاهين ٿا انهن ڪي صلاح ڏيندس تہ انهن حالتن ڪي تبديل ڪري ڇڏين جنهن جو اظهار ادب ۾ ٿي رهيو آهي.

راجا صاحب محمود آباد، حيدرآباد جي شاعر ماهر القادري يا بمبئي جو دوا فروش حڪيم ميرزا حيدر بيگ جو جديد لٽريچر جي خلاف قرارداد پاس ڪرڻ بيڪار آهي. جيستائين مرد ۽ عورت جي جذبات جي وچ ۾ روين جي ديوار ڪڙي هوندي تہ عصمت چغتائي تيز ننهن سان ان ديوار کي کوٽيندي رهندي. جيستائين ڪشمير جي خوبصورت ڳوٺن ۾ شهرن جي غلاظت ڦهلبي رهندي تہ ويچارو ڪرشن چندر روئيندو رهندو. جيستائين انسان خاص طور سعادت حسن منٽو ۾ ڪمزوريون موجود هونديون تہ هو خوردبين سان جراثيمن کي ڳولهي ٻين کي خبردار ڪندو رهندو. راجا صاحب محمود آباد ۽ هن جا پرجهلو پل چوندا وتن تہ هي سڀ ڪجھ بيهودا آهي تون جيڪو ڪجھ لکين ٿو اهو سڀ بڪواس آهي تہ مان جواب ۾ چوندس توهان درست پيا چئو، ڇو تہ مان انهن بيهودگين ۽ واهيات پٽي تي لکندو رهيو آهيان. راجا صاحب محمود آباد کنهن ڪانفرنس ۾ صدر محفل بڻجي وڃي يا حڪيم حيدر بيگ صاحب کنگھ دور ڪرڻ جو شربت ايجاد ڪري تہ مون کي ان جي شربت مان ڪا بہ دلچسپي ناهي. ها مان ريل گاڏي ۾ ويهي قلم کڻي لکندو رهندس تہ جيئن ماڻهن کي ڪو سنئون دڳ ڏيکاري سگهان.... ڪا چڱي ڳالھ ٻڌائي سگهان.... منهنجي پاڙي ۾ ڪا عورت مڙس کان مار کائي ۽ پوءِ وري رئي سان مڙس جا بوٽ صاف ڪري تہ مون وٽ ان عورت لاءِ ڪا همدردي ڪانهي پر جيڪڏهن ڪا عورت مڙس سان وڙهي خودڪشي جي ڌمڪي ڏئي فلم ڏسڻ وڃي ٿي ۽ ان جي پويان مڙس ٻہ ڪلاڪ هن جي غير موجودگي ۾ پريشان رهي ٿو تہ ان عورت لاءِ منهنجي دل ۾ همدردي پيدا ٿئي ٿي، ڪنهن ڇوري کي ڇوڪريءَ سان عشق ٿي وڃي ٿو تہ مان زڪام جي برابر بہ نٿوسمجهان پر اهو ڇورو منهنجي توجھ ضرور ڇڪائيندو جيڪو ظاهر ڪري تہ هن تي سوين ڇوڪريون قربان ٿيڻ لاءِ تيار آهن. پر دراصل ۾ هو محبت جو ايترو بکيو آهي جيترو بنگال جو بکايل ماڻهو.

بظاهر ڪامياب عاشق جي رنگين ڳالهين ۾ جيڪا ٽريجڊي آهون ڀريندي هوندي ان کي مان پنهنجي دل ۾ ڪنن سان ضرور ٻڌندس ۽ ٻين کي به ٻڌائيندس.... چڪي پيئندڙ عورت جيڪا سڄي ڏينهن ۾ ڪم ڪار ڪري ٿي ۽ رات جو اطمينان سان سمهي ٿي منهنجي افسانن جو موضوع اها عورت نٿي بڻجي سگهي. منهنجي افسانن جي هيروئن چڪلي جي اها رنڊي ٿي سگهي ٿي جو سموري رات جاڳي گذاري ٿي ۽ ڏينهن جو ننڊ ۾ ڀوائتو خواب ڏسي اٿي ويهي ٿي رهي ته شايد پوڙهائپ هن جي در جو دروازو کڙڪائي رهي آهي.... هن جي ننڊاکڙين اکين جي دوڏن تي سالن کان اوجاڳيل اکين ۾ ننڊ ديرو ڄمائي ويٺي هجي.... منهنجي افسانن جا موضوع ٿي سگهن ٿا ان ۾ غلاظت، بيماريون هن جي چيڙائپ، هن جون گاريون اهي سڀ مون کي وڻنديون آهن.... مان ان بابت لکڻ ٿو چاهيان ۽ گهريلو عورتن جي پاڻ ۾ سُس پس، صحت، نفاست پسندي کي نظرانداز ڪري ٿو وڃان.

اعتراض واريو ٿو وڃي ته نون ليڪڪن عورت ۽ مرد جي جنسي تعلقاتن کي پنهنجو موضوع بڻايو آهي. مان ٻين جي ڳالهه نه ڪندس پر پاڻ متعلق ايترو ضرور چوندس ته مون کي اهو موضوع وڻي ٿو. ڇو ٿو وڻي....؟ بس وڻي ٿو... اوهان فرض ڪيو ته مون ۾ بدڪاري آهي ۽ جيڪڏهن اوهان عقلمند آهيو ۽ ڳالهه کي سمجهي وڃو ٿا ته پوءِ ضرور سمجهي ويندئو ته مون کي اها بيماري ڇو لڳي، زمانو جنهن ۾ اسين رهون ٿا ان کان جيڪڏهن توهين اڻ واقف آهيو ته پوءِ منهنجا افسانا غور سان پڙهو جيڪڏهن انهن افسانن پڙهڻ کان پوءِ توهان چڙي ٿا پئو ته هن جو مطلب اهو ٿيو ته توهان جو دور ناقابل برداشت آهي مون ۾ جيڪي برايون نظر اچن ٿيون اهي اصل ۾ هن دور برايون آهن نه کي منهنجي افسانن جو ڪمال آهي. مثال طور: جنهن خرابي کي منهنجي نالي سان سڏيو ٿو وڃي اها سموري سماج جي خرابي آهي مان ڪنهن کي چيڙائڻ نٿو چاهيان نه وري تهذيب ۽ معاشري جا چولا لاهڻ چاهيان ٿو اها تهذيب پاڻ اگهاڙي آهي مان هن کي ڪپڙا به پارائي نٿو سگهان ڇو ته اهو ليڪڪ جو نه درزين جو ڪم آهي. ماڻهو مونکي ڪاري قلم جو ليکاري سڏين ٿا. پر مان ڪاري پٽ تي اڇي چاڪ سان لکڻ جو عادي آهيان. اهو منهنجو مخصوص انداز آهي مان ڇا ڪريان....

مونکي فحش نگاهه، ترقي پسند نه ڄاڻ ڪهڙن ڪهڙن نالن سان سڏيو ويو آهي، لعنت هجي سعادت منٽو تي، جنهن نياڳي کي گاريون به ڏيڻ نٿيون اچن. ڇا ڪجي؟ مون جڏهن لکڻ شروع ڪيو هو ته سڀ گهر وارا بيزار ٿي پيا هئا پر ٻاهرين ماڻهن کي منهنجون لکڻيون وڻڻ لڳيون پر تنهن هوندي به گهر وارا چوندا هئا ڪا نوڪري ڪر.... ڪجهه ڪمائي وٺ، ائين بيڪار افسانا لکڻ مان ڪهڙو فائدو. ها اٽ ڏهه ورهيه اڳ افسانا نگاري کي بيڪار سمجهيو ويندو هو اڄ وري ان کي جديد ادب سڏيو ٿو وڃي ان جو مطلب اهو ٿيو ته ماڻهن جي ذهنن ڪجهه ترقي ڪري ورتي آهي. اهو وقت پري ناهي جڏهن جديد ادب جو درست مطلب واضح ٿي ويندو. حڪيم حيدر بيگ پنهنجي شفاخاني مان اٿي نون ليکڪن جا نبض ڏسڻ ڇڏي ڏيندو.

جڏهن ڪان ٻي جنگ عظيم شروع ٿي آهي جديد ادب تي نئين رخ ڪان حملا پيا ٿين: ڇيو وڃي ٿو ته سموري دنيا جنگ جي شعلن ۾ ورتل آهي هر روز هزارين ماڻهو مٽيءَ ۾ فنا ٿي رهيا آهن ٻين جنسن وانگر انساني گوشت جا دوڪان به کلي رهيا آهن پر اهي نوان ليکڪ پنهنجي ۾ پورا آهن. هنن جا قلم جنسيات جي مس سان ڀريا پيا آهن. دنيا جو نقشو بدلجي رهيو آهي هي وينا پنهنجي ڳالھ ڪن. نئون طوفان سامهون آهي پر هي پنهنجي ڳالھ پيا ڪن. مان ٻين جو جواب ته ڪو نٿو ڏيان پر پنهنجي پاران ايترو ضرور چوندس ته دنيا جو نقشو بدلجي رهيو آهي ان بابت لکيم ته منهنجو روپ ئي بدلجي ويندو.... مان انتهائي ڏڄڻو ماڻهو آهيان مون کي جيل کان ڀئو ٿيندو آهي پر جيڪا زندگي گهاري رهيو آهيان اها جيل کان گهٽ تڪليف واري ناهي. حالت بدلجي وڃي جيل اندر ٻي جيل قائم ڪري ويهان ته منهنجو ساھ منجهي ويندو. پر مون کي ته زندگي سان پيار آهي سدائين حرڪت ۾ رهيو آهيان سيني تي گولي کائي ويندس پر منگهڻ جي چڪ پائڻ کان الائي ڇو خوف ٿيندو اٿم. هتي اوهان سڀ اٽي مونکي مار ڏيو ته سهي ويندس پر جيڪڏهن هندو مسلم فساد ۾ منهنجو مٿو ڦاٽي تو پوي ته اها تڪليف سهي ڪو نه سگهندس مان آرٽسٽ آهيان، خراب زخم، گهرا گهاوَ سهي نه سگهندس. جنگ جي باري ۾ لکندس پر پستول ڏسي ڏکي ويندس ۽ جيل جي اونداهي بيرڪ ۾ مري وڃڻ مون کي پسند ناهي اهڙي موت کان بهتر آهي ته لکڻ کان توبه تائب ٿي ڪڪڙين جو فارم کولي ويهان يا وري پاڻي مليل کير وڪڻڻ شروع ڪريان. توپ جا گولا ۽ راڪيٽ هڪ طرف پر مون ته ڇُري واري هوائي بندوق به ڪو نه هلائي آهي.

نندپڻ جي ڳالھ آهي اسان جي پاڙي ۾ هڪ ٺاڻيدار رهندو هو ان وٽ پستول هو پيٽي لاهي جڏهن به ڪٽ تي رکي ڇڏيندو هو ته ٻارن کي سختي سان جهليندو هو، ”ڏسو ان پيٽيءَ تائين نه وڃجو ان ۾ پستول اٿوَ“. ڪڏهن اسان ڪمري ۾ ويندا هئاسين ته پري کان بيهي ان خطرناڪ پستول کي رڳو ڏسندا هئاسون ته دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳندي هئي ائين محسوس ٿيندو هو ته اجهو ٿو پستول مان فائر ٿئي هاڻي ٻڌايو مان توپن ۽ ٽينڪن بابت ڇا لکان... ها مان لکي سگهندس، جيڪڏهن جنگ ۾ پستول اوهان جي هٿ ۾ هجي ۽ اوهان جا هٿ ڏڪندا هجن ته ڪٿي اهو فائر نه ٿي وڃي ته توهان پنهنجي دشمن تي ڪهڙو وار ڪري سگهندئو. اهو پستول توهان کي پنهنجو پاڻ کي لڳي ويندو. ان موت تي منهنجو ڪو نقاد جيڪڏهن چوي ٿو ”منٽو وڏو ڪو ڇريو هو“ ته مان اهي لفظ پاڻ لاءِ وڏو اعزاز سمجهي سيني تي سجائي پيو گهمندس.

# کولي ڇڏ

امرتسر مان اسپيشل ٽرين ٻن پهرن جو ٻين وڳي هلي ۽ اٺن ڪلاڪن جي مسافريءَ کان پوءِ مغل پوره پهتي.

رستي ۾ ڪي ئي ماڻهو مارجي چُڪا ها، ڪيترائي زخمي ٿيا ۽ ڪجهه هيڏي هوڏي ڀٽڪي گم ٿي ويا هئا.

صبح ڏهين وڳي... ڪيمپ جي ٿڌڙي زمين تي جڏهن سراج الدين اکيون کوليون ته پنهنجي چئني طرفن ڏانهن نهاريائين ته ڪيس ماڻهن جو سمنڊ نظر آيو. هن جي سوچڻ جي سگهه ويتر ضعيف ٿي وئي ۽ هو ميرانجهڙي آسمان ڏانهن تمام دير تائين نهاريندو رهيو____ هونءَ ته هر طرف هل هنگامو متل هو پر پوڙهي سراج الدين جا ڄڻ ته ڪن بند هئا. هن کي ڪجهه ٻه ٻڌڻ ۾ نه ٿي آيو. ان دوران ڪنهن کي ڪيس ڏسي ٿي ورتو ته اهو خيال ڪري گذري پيو وجي ته ڄڻ پوڙهو ڪنهن اونهي فڪر ۾ غرق آهي____ ميرانجهڙي آسمان ڏانهن بغير ڪنهن ارادي جي ڏسندي ڏسندي سراج الدين جون اکيون جڏهن سج سان ٽڪريون ته تيز روشني هن جي وجود جي انگ انگ ۾ سمائجي وئي ۽ هو جاڳي پيو. هن جي دماغ ۾ ڪي ئي تصويرون تري آيون. لٽ مار، چوطرف باهه جا شعلا ... ڀڄ ڀڄان....اسٽيشن..... گوليون.... رات ۽ سڪينه....!

سراج الدين هڪدم اٿي بيهي رهيو ۽ چرين جيان چئن طرفن ۾ پکڙيل انسانن جي سمنڊ کي جاچڻ شروع ڪيو.

ٽن ڪلاڪن تائين هو سڪينه... سڪينه... رڙيون ڪندي سڏيندو رهيو ۽ هر ڪيمپ ۾ هن کي ڳوليندو رهيو، پر هن کي جوان ڌيءَ جو ڪو ٻه پتو نه پئجي سگهيو ڪيمپ اندر شور، ڀڄ ڊڪ متل هئي، ڪو پنهنجي ٻار کي پيو ڳولي ته ڪو پنهنجي ماءُ کي، ڪو زال کي ت ڪو ڌيءَ کي ڳولي رهيو هو.

سراج الدين، سڪينه کي ڳولهيندي ڳولهيندي ٿڪجي هڪ جاءِ تي وجي ويٺو ۽ حافظي تي زور ڏيندي سوچڻ لڳو ته سڪينه هن کان ڪڏهن ۽ ڪٿي جدا ٿي وئي هئي پر سوچيندي سوچيندي هن جو دماغ سڪينه جي ماءُ جي لاش تي اچي رڪجي ويو جنهن جا سمورا آنڊا ٻاهر نڪتل ها ____ هو ان کان وڌيڪ سوچي نه سگهيو.

سڪينه جي ماءُ مري چڪي هئي ___ ۽ هن سراج الدين جي اکين اڳيان دم ڏنو هو _____ پر سڪينه ڪٿي آهي؟ اهو سوال سراج الدين کان مرندي وقت سڪينه جي ماءُ پڇيو هيو.

"مون کي ڇڏ جيترو جلدي ٿي سگهئي سڪينه کي وٺي هتان ڀڄي وڃ..."

سڪينه سراج الدين سان گڏ هئي، پيءُ ڌيءَ پيرين اگهاڙا ڀڄندا پئي آيا. رستي ۾ سڪينه جو اوچتو رئو ڪري پيو ته رئي کي کڻڻ لاءِ هو ٿوري وقت لاءِ رڪيو تنهن تي سڪينه رڙ ڪندي پيءُ کي چيو هو:"ابا جي ..... ڇڏ ان رئي جي پچر".

پر سراج الدين اُهو رَئو رستي تان کڻي ورتو هو.

هاڻي هن هوش سنڀاليندي پنهنجي ڪوٽ جي کيسي ۾ هٿ وڌو ۽ ڪوٽ جي کيسي مان رَئو ڪڍيو جيڪو سڪينہ جو هو پر سڪينہ هن کي نظر نہ آئي؟

سراج الدين پنهنجي ٿڪل دماغ تي گهڻو زور ڏنو تہ سڪينہ ڪاڏي وئي پر هو ڪنهن بہ نتيجي تي نہ پهچي سگهيو. ڇا هو سڪينہ کي پاڻ سان گڏ اسٽيشن تائين وٺي آيو هو؟ ڇا هوءَ هن سان گڏ ريل گاڏيءَ ۾ سوار ٿي هئي؟ يا رستي ۾ جڏهن ٽرين بيٺي هئي تہ ٽرين ۾ وڳوڙي ماڻهون گهڙي آيا هئا. ان وقت هو بيهوش ٿي ويو هو؟ ۽ اُهي وڳوڙي سڪينہ کي کڻي ويا هئا....؟

سراج الدين جي ذهن ۾ گهڻا ئي سوال هئا پر هن وٽ انهن سوالن جو ڪو بہ جواب نہ هو ______ سراج الدين کي هن وقت همدرديءَ جي ڏاڍي ضرورت هئي پر چئني طرفن کان جيڪي انسان نظر پئي آيا انهن سڀني کي همدرديءَ جي ضرورت هئي _____ هن روئڻ پئي چاهيو پر هن جي اکين مان ڳوڙها نہ ٿمي سگهيا، نہ ڄاڻ اهي ڳوڙها ڪاڏي گم ٿي چُڪا ها.

ڇهن ڏينهن کان پوءِ جڏهن سراج الدين هوش ۾ آيو تہ هو انهن ماڻهن سان مليو جيڪي هن جي مدد ڪري رهيا ها ____ اهي اٺ رضاڪار نوجوان هئا. جن وٽ موٽر گاڏي هئي، ساڻ بندوقون هيون. سراج الدين هنن کي دعائون ڏيندي گم ٿيل سڪينہ جو حُليو ٻڌايو.

"هو نهايت خوبصورت ۽ گوري چٽي رنگ واري ڇوڪري آهي جيڪا پنهنجي ماءُ جي مهاندي آهي. عمر سترنهن سالن جي لڳ ڀڳ، وڏيون اکيون ڪارا وار، ساڄي ڳل تي تر جي نشاني اٿس.... ۽ اها منهنجي ڌيءَ آهي سڪينہ. خدا جي واسطي ان کي ڳولهڻ ۾ منهنجي مدد ڪريو، خدا توهان سان ڀلائي ڪندو.

رضاڪار نوجوانن سراج الدين کي يقين ڏياريو تہ هن جي ڌيءَ جيڪڏهن زنده هوندي تہ ٿورن ڏينهن ۾ هوءَ تنهنجي اکين اڳيان هوندي.

انهن اٺن نوجوانن سر ترِيءَ تي رکي ڀرپور ڪوشش ڪئي ۽ هو امرتسر روانا ٿي ويا. ڪيترين عورتن، مردن ٻارن کي هڪ هڪ ڪري ڪيمپن مان ڪڍي پنهنجن پنهنجن محفوظ جڳهن تائين پهچايو ____. پر ڪيترائي ڏينهن گذري ويا انهن نوجوانن کي سڪينہ جو ڪٿي بہ ڏس پتو نہ مِلي سگهيو.

هڪ ڏينهن هو ان ئي خدمت واري جذبي تحت پنهنجي موٽر گاڏيءَ ۾ امرتسر وڃي رهيا هئا تہ رستي ۾ هنن کي هڪ ڇوڪري نظر آئي ____ جنهن موٽر گاڏيءَ جو آواز ٻڌندي ئي تيزيءَ سان ڀڄڻ شروع ڪيو، نوجوانن موٽرگاڏي روڪي ان ڇوڪريءَ جي پٺيان پڪڙڻ لاءِ ڊوڙڻ لڳا....

نيٺ وڃي رستي جي پاسي تي ٻنيءَ ۾ هنن ڇوڪريءَ کي پڪڙي ورتو _____ ڇوڪري خوبصورت هئي ساڄي ڳل تي تِرَ جو نشان هو. هڪ نوجوان هن ڇوڪريءَ کي چيو "گهبراءِ نہ....! ڇا تنهنجو نالو سڪينہ آهي....؟"

ڇوڪري جي چهري جو رنگ بدلجي ويو. هن ڪو بہ جواب نہ ڏنو جڏهن سيني نوجوانن هن کي دلاسو ڏنو تہ ڪجھ ڇوڪريءَ کي آٿت ملي. ______ ۽ هن اِهو محجي ورتو تہ هوءَ ئي سراج الدين جي ڌيءَ سڪينہ آهي.

نوجوانن سڪينہ کي آٿت ڏني ۽ ماني کارائي، کير پيئاريو ۽ موٽر گاڏيءَ ۾ ويهاريو ____ هڪ نوجوان پنهنجو ڪوٽ لاهي سڪينہ جي تن کي ڍڪيو. ڇو تہ سڪينہ جي مٿي تي رَئو نہ هئڻ سبب، هوءَ پنهنجي ٻانهن سان سينو ڍڪي رهي هئي.

ڪيترا ئي ڏينهن گذري ويا .... سراج الدين کي سڪينہ جي ڪا خبر نہ ملي .... هو سڄو ڏينهن ڪيمپن ۾ دفترن ۾ ڌڪا کائيندو رهيو پر هن کي ڌيءَ جو ڪٿان بہ پتو نہ پيو. سڄي رات جاڳي جاڳي هو نوجوانن لاءِ دعائون گهرندو رهيو جيڪي هن جي ڌيءَ کي ڳولهڻ نڪتا ها.... هڪ ڏينهن سراج الدين انهن نوجوانن کي ڪيمپ ۾ ڏٺو تہ ڀڄندو ڀڄندو وٽن ويو ۽ انهن کان پڇيو:

"پٽ... منهنجي سڪينہ جي ڪا خبر پئي"

سيني هڪ زبان ٿي هن کي جواب ڏنو "خبر پئجي ويندي".

سراج الدين ڪنهن قدر مطمئن ٿيو ۽ هنن کي ويتر دعائون ڏيڻ لڳو.

شام جا پاڇا لڙي رهيا هئا. سراج الدين جتي ڪيمپ ۾ وينو هو ان جي قريب ئي ڪجھ گوڙ ٿيو، چار ماڻهو ڪجھ کنيون پئي آيا. سراج الدين ڪانئن پڇيو تہ هنن کيس ٻڌايو تہ هڪ ڇوڪري ريلوي لائين وٽ بيهوش پئي هئي. جنهن کي کڻيو اسپتال پيا وڃون.

ماڻهن ڇوڪريءَ کي اسپتال وارن جي حوالي ڪري ڇڏيو. سراج الدين اتي پهچي ويو.... هو ڪجھ دير تائين اسپتال جي ٻاهران بينو رهيو پوءِ آهستي آهستي اسپتال جي هڪ ڪمري ۾ داخل ٿي ويو.... ڪمري ۾ ٻيو ڪو بہ نہ هو.... هڪ اسٽريچر پيو هو.... جنهن تي لاش پيو هو. سراج الدين ننڍا ننڍا قدم پريندو اسٽريچر ڏانهن وڌيو..... ڪمري ۾ ڪجھ روشني ٿي. سراج الدين لاش جي پيلي ٿيل چهري تي چمڪندڙ تر کي ڏٺو ۽ رڙ ڪندي پُڪاريو "سڪينہ".

ڊاڪٽر، جنهن ڪمري ۾ اچي روشني ڪئي هئي، هن کان پڇيو "ڇا هي...؟" سراج الدين جي وات مان صرف هي لفظ نڪتا.

"جي مان.... جي مان..... هن جو پيءُ آهيان".

ڊاڪٽر اسٽيچر تي پيل لاش ڏانهن نهاريو ۽ هن ڏانهن وڌي وجي هن جي نبض جاچڻ لڳو. ڊاڪٽر سراج الدين کي چيو: "دري کولي ڇڏ".

سڪينہ جي مرده جسم ۾ حرڪت آئي. هن بي جان هٿن سان پنهنجو اڳٺ کوليو ۽ سلوار هيٺ سُرڪائي ڇڏي.

سراج الدين هلڪي رڙ ڪندي چيو "زنده آهي.... منهنجي ڌيءَ زنده آهي"

ڊاڪٽر مٿي کان وٺي پيرن تائين پگهرجي ويو.

# ٽوبا ٽيڪ سنگهه

ورهاڱي ڪان ٻه ٽي سال پوءِ پاڪستان ۽ هندوستان جي حڪومتن کي خيال آيو ته اخلاقي طور عام قيدين وانگر پاڳل قيدين جي به مٽا سٽا ڪئي وڃي يعني جيڪي مسلمان پاڳل هندوستان جي پاڳل خانن ۾ قيد آهن انهن کي پاڪستان موڪليو وڃي ۽ جيڪي هندو ۽ سِک پاڪستان جي پاڳل خانن ۾ قيد آهن انهن کي هندوستاني سرڪار جي حوالي ڪيو وڃي.

ان سلسلي ۾ ٻنهي حڪومتن وچ ۾ ڪانفرنسون، گڏجاڻيون منعقد ڪيون ويون، نتيجو اهو نڪتو ته ٻئي حڪومتون ان ڳالهه تي راضي ٿي ويون ته پاڳل قيدين جي مٽاسٽا ڪئي وڃي نيٺ هڪ ڏينهن مقرر ٿيو. مسلمان پاڳلن کي پنهنجن پنهنجن مائٽن ڏانهن اُماڻڻ جو بندوبست ڪيو ويو ۽ حڪومتن وچ ۾ ڪاغذي ڪارروائيءَ ڪان پوءِ سرحدن ڏانهن انهن پاڳلن کي روانو ڪيو ويو. جڏهن ته پاڪستان مان گهڻي ڀاڱي هندو ۽ سِک هندوستان هليا ويا ان لاءِ پاڪستان ۾ ڪو اهڙو مسئلو پيش نه آيو. پر ڪجهه سِک پاڳل ضرور هئا جن کي حفاظت سان هندوستاني سرحد ڏانهن روانو ڪرڻ ضروري هيو.

هتي لاهور ۾ جڏهن پاڳلن جي مٽاسٽا جي خبر پهتي ته عجيب ڳالهيون ٻڌڻ ۾ آيون. هڪ مسلمان پاڳل جيڪو ٻارنهن سالن ڪان زميندار اخبار پڙهندو هو، ان ڪان هڪ پاڳل دوست پڇيو مولوي صاحب "پاڪستان ڇا آهي؟" ته هن وڏي غور و فڪر ڪان پوءِ جواب ڏنس:

"هندوستان ۾ هڪ اهڙي جاءِ آهي جتي پاڪيون ناهيون وجن ٿيون" هي جواب ٻڌي هُن جو دوست مطمئن ٿي ويو. اهڙي طرح هڪ سِک پاڳل ٻئي سِک پاڳل ڪان پڇيو "سردار جي، اسان کي هندوستان ڇو روانو ڪيو وڃي ٿو؟... اسان کي اتان جي ٻولي ڳالهائڻ به نه ٿي اچي".

دوست ٻڌي مسڪرايو ۽ وراڻيو ته "مون کي ته ٻولي اچي ٿي.... هندوستاني وڏا حرڪتي ۽ آڪڙ ڪري گهمندا آهن".

هڪ ڏينهن وهنجندي هڪ مسلمان پاڳل زور سان پاڪستان زندهه باد جا نعرا هڻندي ترڪي زمين تي ڪري پيو ۽ بيهوش ٿي ويو. پاڳل خاني ۾ ڪجهه اهڙا به پاڳل هئا جيڪي پاڳل نه هئا. انهن ۾ اڪثريت اهڙن قاتلن جي هئي جن کي مائٽن پاڳل خاني ۾ قيد ڪرايو هو ته جيئن هو ڦاسي ڪان بچي وڃن. هي قيدي ڪجهه ڪجهه سمجهن پيا ته هندوستان جو ورهاڱو ڇو ٿيو آهي، پاڪستان ڇا آهي؟ ۽ پر اهي رونما

ٽيندڙ روزانو جي واقعن کان بي خبر هئا. اخبارن پڙهڻ سان ايتري خبر نہ پوندي هئي، پاڳل خاني جا سپاهي بہ اڻپڙهيل ۽ جاهل هئا، انهن کي صرف ايتري خبر هئي تہ هڪ ماڻهو محمد علي جناح آهي، جنهن کي قائد اعظم چون ٿا، اهو مسلمانن لاءِ الڳ ملڪ ناهي رهيو آهي، جنهن جو نالو پاڪستان آهي، اهو پاڪستان ڪٿي ۽ ڪهڙي جاءِ تي نهندو، ان بابت ڪا خبر ڪا نہ هئي، اُهي پاڳل ۽ نيم پاڳل حالتن کان ڏاڍو مايوس هئا ۽ سخت پريشان هئا تہ پاڪستان ڪٿي آهي؟ جيڪڏهن هوُ پاڪستان ۾ آهن تہ اهو ڪيئن آهي، اڳ ۾ تہ هو لاهور ۾ رهندي بہ هندوستان ۾ هئا.

هڪ پاڳل پاڪستان ۽ هندوستان، هندوستان ۽ پاڪستان جي چڪر ۾ وڏيڪ پاڳل ٿي پيو، هو هڪ ڏينهن ٻهارو ڏيندي هڪ وڻ تي چڙهي ويو، ۽ ڏار تي ويهي بہ ڪلاڪ مسلسل تقرير ڪندو رهيو. جيڪا پاڪستان ۽ هندوستان جي ورهاڱي بابت هئي، سپاهين وڻ تان هيٺ لهڻ لاءِ چيس تہ اُهو پاڳل وڏيڪ مٿي وڻ تي چڙهي ويو. سپاهين هن کي وڏيڪ ڊيڄاريو ۽ دڙڪا ڏنا تہ پاڳل چيو:

”مان هندوستان ۾ رهڻ ٿو گهران پاڪستان ۾ نہ...، ٻي صورت ۾ مان هن وڻ تي رهڻ پسند ڪندس“.

وڏي مشڪل سان پاڳل کي وڻ تان هيٺ لاٿو ويو... هو لهڻ سان پنهنجي سِڪ دوستن سان ڀاڪر پائي اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳو، ان خيال کان تہ ان جو دوست هندو ۽ سِک هن کي ڇڏي هندوستان هليا ويندا.

هڪ ايم ايس سي پاس ريڊيو انجنيئر جيڪو مسلمان هو ۽ ٻين پاڳلن کان الڳ ٿلڳ رهندو هو، باغ ۾ سارو ڏينهن خاموش ٿهلندو هو، ان ۾ هڪ تبديلي نمودار ٿي. ان ڏينهن هن پنهنجي جسم تان ڪپڙا لاهي ڦٽي ڪيا. ۽ ننگو ساري باغ ۾ ٿهلندو رهيو.

چينوٽ جي هڪ ٿلهي متاري مسلمان پاڳل جيڪو مسلم ليگ جو سرگرم ڪارڪن رهي چڪو هو ۽ ڏينهن ۾ پندرهن سورنهن ڀيرا وهنجندو هو، تنهن وهنجڻ واري عادت ڇڏي ڏني. ان پاڳل جو نالو محمد علي هو. تنهن هڪ ڏينهن پاڳل وارڊ ۾ رڙيون ڪندي اعلان ڪيو تہ مان قائد اعظم محمد علي جناح آهيان. ساڳي وارڊ ۾ قيد هن پاڳل کي ڏسي ٻيو سک پاڳل قيدي پاڻ کي ماسٽر تارا سنگهہ سڏائڻ لڳو ۽ هو پاڻ ۾ وڙهڻ جون تياريون ڪرڻ لڳا. پر سپاهين ٻنهي قيدين کي خطرناڪ پاڳل قرار ڏيئي الڳ الڳ وارڊن ۾ بند ڪري ڇڏيو.

لاهور جي هڪ هندو وڪيل هو جيڪو محبت ۾ ناڪام ٿي پاڳل ٿي پيو هو، جڏهن هن ٻڌو تہ امرتسر هندوستان ۾ هليو ويو آهي تہ هن کي سخت صدمو رسيو، امرتسر ۾ رهندڙ هندو ڇوڪري سان محبت ڪندو هو، ڇوڪري وڪيل کي ٺُڪرائي ڇڏيو هو، پر وڪيل اڄ بہ ان ڇوڪري کي ديوانگي جي عالم ۾ بہ وساري ناهي سگهيو، وڪيل ورهاڱي ڪندڙ سياسي اڳواڻن کي گاريون ڏيئي رهيو هو، جن جي ڪري

هندوستان کي ٻن ٽڪرن ۾ ورهايو پيو وڃي، جنهن ڪري هن جي محبوبه هندوستاني ٿي وئي ۽ پاڻ پاڪستاني“.

جڏهن پاڳلن جي مٿاسٺا واري ڳالهه هلي ته وڪيل کي پاڳلن سمجهايو، ته هو دل برداشت نه ٿي، هن کي به هندوستان موڪليو ويندو. اتي هندوستان ۾ جتي هن جي محبوبه رهندي آهي، پر هُو لاهور ڇڏڻ نه پيو چاهي ان خيال کان ته هن جي وڪالت واري پريڪٽس امرتسر ۾ هلي نه سگهندي.

يورپين وارڊ ۾ به اينگلو انڊين پاڳل قيد هئا انهن کي جڏهن اها خبر پئي ته انگريز هندوستان آزاد ڪري هليو ويو آهي ته انهن کي سخت صدمو رسيو. هو پاڻ ۾ لڪي لڪي ان ڳالهه تي بحث ڪندا هئا ته هاڻي هن پاڳل خاني ۾ هنن سان ڪهڙو ورتاءُ ڪيو ويندو. يورپين وارڊ رهندو يا ان کي ٻم سان اڏايو ويندو، ناشتو ملندو يا نه ڊبل روٽي ملندي يا انڊين چپاتي...؟

هڪ سِک هو، جنهن کي پاڳل خاني ۾ داخل ٿئي پندرنهن سالن جو عرصو ٿي چڪو هو. هر وقت هن جي زبان تان عجيب و غريب جملا ٻڌڻ لاءِ ملندا هئا. هن پاڳل کان ننڊ ڪوهين ڏور هئي. رات ڏينهن جاڳي گذاريندو هو. سپاهين جو چوڻ هو ته پندرنهن سالن ۾ هن ڪڏهن به ننڊ نه ڪئي نه ئي ليٽندو هو. ڪڏهن ڪڏهن پٽ کي ٽيڪ ڏئي ويهي وقت گذاريندو هو.

هو اڪثر بيٺل نظر ايندو هو جنهن ڪري هن جا پير ۽ پنيون سڄيل رهنديون هيس. هو جسماني تڪليف باوجود به ليٽي آرام نه ڪندو هو. هندوستان ۽ پاڪستان پاڳلن جي وچ ۾ پاڳلن جي مٽاسٽا متعلق جڏهن به پاڳل خاني ۾ گفتگو ٿيندي هئي ته هو غور سان ٻڌندو هو ڪو هن کان ورهاڱي بابت پڇندو هو ته تنهنجو ڇا خيال آهي؟ ته هو ڇپن ۾ پٽڪي پنهنجي خيالن جي دنيا ۾ هليو ويندو هيو، هڪ ڏينهن هو ڏاڍو پريشان هو ۽ هن ٻين پاڳلن کان پڇڻ شروع ڪيو ته ٽوبا ٽيڪ سنگهه ڪٿي آهي؟ جتان جو هو رهاڪو هو پر اهو ته ڪنهن به پاڳل کي معلوم نه هو ته هندوستان ۾ آهي يا پاڪستان ۾ جيڪو ٻڌائي پيو اهو پاڻ اُلجهي پيو پوي ته سيالڪوٽ پهريون هندوستان ۾ هو هاڻ ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته پاڪستان ۾ آهي ڪهڙي خبر ته لاهور جيڪو هاڻ پاڪستان ۾ آهي اهو سياڻي هندوستان ۾ هليو وڃي يا سمورو هندوستان ئي پاڪستان بڻجي وڃي! يا اهو ڪير به نه ٿو ٻڌائي سگهي ته هندوستان ۽ پاڪستان ٻئي ملڪ هڪ ڏينهن منڊان کان ئي ڌرتيءَ تان غائب ٿي وڃن.

پاڳل خاني ۾ هو صحت صفائي تي گهٽ ڌيان ڏيندو هو، هن جي ڏاڙهي ۽ مٿي جا وارَ وڏا ٿي پاڻ ۾ ڳنڍجي ويا هئا. هن جي شڪل ڊيڄاريندڙ ٿي چڪي هئي پر هو هڪ خوددار انسان هو، پندرنهن سالن ۾ هن ڪنهن سان به جهيڙو فساد نه ڪيو، پاڳل خاني جا پراڻا ملازم هن بابت ٻڌائين ٿا ته ٽوبا ٽيڪ سنگهه ۾ وڏي زرعي زمين جو مالڪ هو، وڏو زميندار هو، اوچتو هن جو دماغ ڦري ويو ۽ چريو ٿي پيو، هن کي مائٽن لوهي زنجيرن ۾ جڪڙي هتي ڪٺي آيا هئا ۽ پاڳل خاني ۾ داخل ڪرائي هليا

ويا. مهيني ۾ هڪ ڀيرو ملاقات لاءِ ڪو نہ ڪو ايندو هوس، خير خيريت وٺي هليو ويندو هو، ڪافي عرصو اهو سلسلو هليو پوءِ جڏهن هندوستان ۽ پاڪستان جي هندو مسلمانن وچ ۾ جهيڙا شروع ٿيا تہ هن جي مائٽن جو اچڻ وڃڻ بند ٿي ويو.

هن پاڳل جو نالو بشن سنگهہ هو پر پاڳل خاني ۾ هن کي سڀ ٽوبا ٽيڪ سنگهہ چوندا هئا. هن کي ڪا بہ خبر نہ هئي تہ ڏينهن ڪهڙو آهي يا مهينو، يا ڪيترا سال هن کي قيدخاني ۾ گذري چڪا آهن. هنکي ايتري خبرهوندي هئي تہ اڄ هن جا ملاقاتي ايندا هو اڳواٽ سپاهين کي ٻڌائيندو هو تہ اڄ هن جا ملاقاتي ملڻ ايندا تنهن ڪري هو ان ڏينهن صابڻ سان وهنجي سهنجي مٿي ۾ تيل وجهي ڦڻي ڪندو هو نوان ڪپڙا پهري هو ملاقاتي مائٽن سان ملڻ ايندو هو.

مائٽن جي سوالن جوابن تي هو خاموش رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڳالهين وچ ۾ چپن ۾ عجيب قسم جو پٽڪو ڪري خاموش ٿي ويندو هو.

هن کي اولاد ۾ هڪ ڌيءَ هئي جنهن کي هن ننڍپڻ ۾ روئيندي ڏٺو هو. سا هاڻ پندرنهن سالن جي جوان ٿي چڪي آهي، بشن سنگهہ هن کي سڃاڻي ئي نہ سگهيو، نوجوان ڌيءَ جڏهن پنهنجي والد بشن سنگهہ کي پاڳل خاني ۾ ڏٺو هو تہ هو زارو قطار روئڻ لڳي.

هوءَ بلڪل ننڍڙي هئي جڏهن پيءُ کي ڏسي روئي ويهندي هئي، هاڻ هوءَ جوان آهي تڏهن بہ هوءَ پيءُ کي ڏسي روئي ويني.

پاڪستان ۽ هندوستان جو قصو شروع ٿيو تہ هن ٻين پاڳلن کان پڇيو تہ ٽوبا ٽيڪ سنگهہ ڪٿي آهي؟ جڏهن هن کي مطمئن ڪندڙ جواب نہ ملندو هو تہ هن جي تڪليف ڏسي نہ سگهبي هئي، وڏي اذيت مان گذرندو هو، هاڻ ڪو بہ ملاقاتي هن سان ملڻ ڪو نہ ٿو اچي، پهريان تہ هن کي مائٽن ذريعي ملڪ ۾ اُٿل پٿل جي خبر چار ملندي هئي ۽ انهن مائٽن جي آمد جي گهڙين جي خبر هوندي هئس پر هاڻ اهو بہ مشڪل ٿي ويو آهي، هن جي دل جو آواز بہ ويهجي ويو آهي، ۽ هن جي دل ۾ اُٿڻ وڏي وئي آهي ڇاڪاڻ جو هن کي مائٽن جي اچڻ جي ڪا خبر ئي نہ ٿي پوي.

هن جي وڏي خوشي ان ۾ هئي تہ هن جا ملاقاتي اچن ۽ هن سان همدردي ڪن. ساڻ ڪپڙا، ضروري سامان ۽ ميوا وغيره کڻي اچن، ۽ اهي هن کي ٻڌائي سگهن تہ ٽوبا ٽيڪ سنگهہ پاڪستان ۾ آهي يا هندوستان ۾؟ پر هن کي يقين هو تہ هن جا مائٽ ٽوبہ ٽيڪ سنگهہ مان اچن پيا، جتي هن جون وڏيون زرخيز زمينون هيون.

پاڳل خاني ۾ هڪ پاڳل اهڙو هو جيڪو پاڻ کي خدا چوندو هو، ان کان هڪ ڏينهن بشن سنگهہ پڇيو تہ ٽوبا ٽيڪ سنگهہ پاڪستان ۾ آهي يا هندوستان ۾. ان پاڳل حسب عادت وڏا ٽهڪ ڏيندي چيو تہ "ٽوبا ٽيڪ سنگهہ نہ پاڪستان ۾ آهي نہ هندوستان ۾، ڇاڪاڻ جو ان بابت مون ڪو بہ حڪم ناهي ڏنو".

بشن سنگهه ان خدا آڏو ڪيترا ڀيرا منٿون ميڙون ڪيون ته هو حڪم ڏي ته جيئن جلد جهنجهٽ ختم ٿي پر ان ڏينهن اهو خدا انتهائي مصروف هو. هن کي ٻيا بيشمار حڪمناما جاري ڪرڻا هئا.

هڪ ڏينهن بشن سنگهه ان خدا مٿان ڪڙڪي پيو، "اوپردي گڙگڙ دي اينڪس سي بي دهيانا دي منگ دي وال آف دي گروجي خالصه اينڊ واهي گورو جي ڪي فتح، جو بولي سو نهال، ست سري آڪال"

مٿاسٽا وارن ڏهاڙن کان ڪجهه ڏينهن اڳ ٽوبا ٽيڪ سنگهه جو هڪ مسلمان دوست ملاقات لاءِ آيو. بشن سنگهه هن کي ڏسي سڃاڻي نه سگهيو ۽ موٽي وارڊ ڏانهن وڃڻ لڳو ته اتي بيٺل سپاهين هن کي روڪي ورتو ۽ چيائونس ته " هي ماڻهو توسان ملڻ ايو آهي، هي تنهنجو پراڻو دوست فضل الدين آهي".

بشن سنگهه فضل الدين تي هڪ نظر وڌي ۽ ڪجهه چپن ۾ پڙڪڻ لڳو فضل الدين اڳتي وڌيو هن جي ڪُلهي تي هٿ رکيو، "مان گهڻن ڏينهن کان سوچيان پيو ته توسان مِلان، پر فرصت ئي نه ملي، تنهنجا سڀ مائٽ خيريت سان هندوستان لڏي ويا آهن. مون کان جيتري مدد پُڄي مون ڪئي تنهنجي ڌيءَ روپ ڪور...." هو چوندي چوندي رُڪجي ويو. بشن سنگهه ڪجهه ياد ڪرڻ لڳو "منهنجي ڌيءَ روپ ڪور!" فضل الدين رڪجي رڪجي چيو "جي... هوءَ .... هوءَ به ٺيڪ آهي ساڻ هوءَ به مائٽن سان گڏ هندوستان هلي وئي آهي.

بشن سنگهه خاموش رهيو، فضل الدين چوڻ لڳو "انهن تنهنجي خيريت معلوم ڪرڻ لاءِ چيو هو......"

پر هاڻي مون ٻڌو آهي ته تون به هندوستان پيو وڃين،

ڀاءُ بلبير سنگهه ۽ ڀاءُ وڌاوا سنگهه کي منهنجا سلام چوندا ۽ ڀيڻ امرت ڪور کي به .... بلبير سنگهه کي چئجانءِ ته فضل الدين بلڪل خوش آهي... ان جون ڇڏي ويل ٻن ڀورين مينهن مان هڪ کي مون کُهي ڇڏيو آهي ٻي مينهن بيماريءَ ۾ مري وئي، منهنجي لاءِ ڪا خدمت آهي ته مان هر وقت حاضر آهيان.... ۽ ها هي وٺ تنهنجي لاءِ ڪجهه سامان آندو اٿم...."

بشن سنگهه سامان کڻي پرسان بيٺل سپاهيءَ جي حوالي ڪيو، هڪ ڀيرو ٻيهر فضل الدين کان بشن سنگهه پڇيو ته ٽوبا ٽيڪ سنگهه ڪٿي آهي".

فضل الدين حيرت مان چيو "ڪٿي آهي!"..... اتي آهي جتي هيو.....!" بشن سنگهه وري پڇيو......؟"

هندوستان ۾ ...... يا پاڪستان ۾؟"

"هندوستان ۾ .... نه نه پاڪستان ۾" فضل الدين وائڙو ٿيندي جواب ڏنو. بشن سنگهه پڙڪندو واپس وارڊ ۾ هليو ويو.

مٽاسٽا جون تياريون مڪمل ٿي چُڪيون هيون، پاڪستان ۽ هندوستان جي قيدي پاڳلن جون فهرستون پاڳل خاني جي انتظاميه وٽ پهچي چُڪيون هيون، ڏينهن به مقرر ٿي چڪو هو.

سخت سردين جي موسم هئي، لاهور جي پاڳل خاني مان هندو ۽ سِکَ پاڳلن جون بسون پري پوليس جي پهري هيٺ باربڊر ڏانهن روانيون ڪيون ويون، لاڳاپيل آفيسر به گڏ هئا. واڳها بارڊر تي ٻنهي ملڪن جا آفيسر سپرنٽينڊنٽ هڪ ٻئي سان مليا، ڪاغذي ڪارروائي مڪمل ڪئي وئي، بعد ۾ مٽاسٽا جو عمل شروع ٿيو، جيڪو رات دير تائين جاري رهيو.

پاڳلن کي بسن مان لاهي ٻنهي ملڪن جي آفيسرن جي حوالي ڪيو ويو. جيڪو ڪم انتهائي ڪٺن هو. ڪجهه پاڳل ته بسن مان هيٺ ئي نه پيا لهن. ڪن کي منٿون ڪري لاٿو ويو ته ڪي ڀڄي پيا وڃن. ڪن کي پڪڙڻ مشڪل ٿي پيو پوي، جيڪي پاڳل ننگا هئا انهن کي ڪپڙا پارايا وڃن پيا ته اهي ڪپڙا ڦاڙي ڦٽي پيا ڪن. ڪو پاڳل گاريون پيو ڏيئي ته ڪو گانا ڳائي رهيو هو ته ڪي وري پاڻ ۾ وڙهي رهيا هئا، ڪي روئي رهيا هئا. مطلب ته وڏو شور ۽ گوڙ هيو، پاڳل عورتن جو به وڏو شور هيو. سردي تيز هئي. پاڳلن جا سيءَ ۾ ڏند ڪٽڪي رهيا هئا.

پاڳلن جي اڪثريت مٽاسٽا جي حق ۾ نه هئي، هنن کي اهو سمجهه ۾ پيو اچي ته هي ڇا ٿي رهيو آهي ۽ هنن کي هڪ جاءِ تان ڪٽي ٻي جاءِ تي زوري ڇو ٿو اچليو وڃي. چند پاڳلن پاڪستان زنده باد ۽ ڪي وري پاڪستان مرده باد جا نعرا هڻي رهيا هئا. هڪ ٻه ڀيرا جهيڙو ٿيندي ٿري ويو، ڇاڪاڻ جو مسلمانن ۽ سکن کي نعري تي ڪاوڙ پئي لڳي.

جڏهن بشن سنگهه جو وارو آيو ته واڳها جي هن پار لاڳاپيل آفيسر هن جو نالو رجسٽر ۾ داخل ڪرڻ لڳو ته هن آفيسر کان پڇيو ٽوبا ٽيڪ سنگهه ڪٿي آهي؟

“پاڪستان ۾ يا هندوستان ۾” آفيسر مرڪندي جواب ڏنس ته اهو پاڪستان ۾ آهي، اهو ٻڌي بشن سنگهه ٽپو ڏئي پاڪستان واري پاسي ڏانهن ڀڄي وڃي پنهنجي باقي دوستن وٽ پهتو. پاڪستاني سپاهين هن کي پڪڙي ورتو. ۽ هن کي هندوستان واري پاسي وني وڃڻ لڳا. پر هن هلڻ کان انڪار ڪيو هو زور سان رڙيون ڪندي چوڻ لڳو ٽوبا ٽيڪ سنگهه هتي آهي.

بشن سنگهه کي ڏاڍو سمجهايو ويو ته هاڻي ٽوبا ٽيڪ سنگهه هندوستان ۾ هليو ويو آهي جيڪڏهن نه ويو آهي ته جلد هن کي اوڏانهن اماڻيو ويندو. پر هن نه مڃيو هن کي زبردستي هندوستان وني وڃڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته بشن سنگهه بارڊر جي وچ واري حصي ۾ پنهنجي سڄيل ٽنگن تي بيهي رهيو. ائين بيهي رهيو ڄڻ هن کي دنيا جي ڪا به طاقت هٽائي نه سگهندي.

بشن سنگهه خوددار ۽ سڌو سنئون ماڻهو هو، ان ڪري هن سان وڏيڪ زور زبردستي نہ ڪئي وئي، هن کي اتي بيهڻ ئي ڏنو ويو، باقي مٿاسٽا وارو ڪم هلندو رهيو.

سج نڪرڻ ڪان اڳ بشن سنگهه ڪان هڪ زوردار اپ ڏاريندڙ رڙ نڪتي، پرپاسي بينل سپ آفيسر ڀڄندا هن وٽ پهتا، ڇا ڏسن تہ پندرنهن سالن ڪان رات ڏينهن ٽنگن تي بيهڻ وارو ماڻهو، زمين تي اونڌي منهن ڪريل هو، هوڏانهن خاردار تارن جي پوئيان هندوستان هو هيڏانهن تارن جي پوئيان پاڪستان هو. هو بارڊر جي وچ واري زمين جي حصي تي جنهن جو ڪو بہ نالو نہ هو، اهو ئي هن جو ٽوبا ٽيڪ سنگهه هو، جتي هو اونڌي منهن ڪريل هو.

# ڪرامتن وارو مولوي

چوڌري موجو پراڻي ٻڙ جي ڇانوَ ۾ کٽ تي سڪون سان حقو پي رهيو هو ۽ هن جي وات مان دونهون نڪري ٻن ٻنپهرن جي گرم هوا ۾ گم ٿي پئي ويو.

هو صبح کان پنهنجي ٻنيءَ ۾ هر هلائي ٿڪجي پيو هو، سخت گرمي هئي ڪانوَ جي پئي اک نڪتي، پر هن سڪون سان حقو پي مزو پئي ورتو. حقو پيئڻ سان هن جو سارو ٿڪ لهي ويو هو.

هن جو پگهر به سُڪي ويو آهي پر هن کي جسم ۾ ٿڌاڻ محسوس ڪو نه ٿي هو جيڪڏهن ٿڌاڻ محسوس ڪري پيو ته اها هن کي حقي پيئڻ سان نصيب ٿئي پئي.

هو حُقي مان ڀرپور مزو وٺي رهيو هو، هن کي خبر آهي ته هن جو ٿڪُ صرف چند گهڙيون حقو پيئڻ سان لهي سگهي ٿو.

هن جو پگهر بلڪل سُڪي ويو آهي ۽ گرم هوا هن کي ڪا به ٿڌاڻ ڪو نه ٿي پهچائي، پر حقي جو ٿڌو لذيذ دونهون هن جي دل ۽ دماغ کي سُرور پهچائي رهيو آهي.

ماڻي مانيءَ جو وقت هو، ماني ۽ لسي هن ڏانهن سندس اڪيلي سڪيلڌي ڌيءَ جينان کڻي ايندي هئي، هو روزانو نيڪ وقت تي ماني کڻي پهچندي هئي. گهر ۾ جينان کي ڪو به هٿ ونڊائڻ وارو ڪو نه هو. هن جي ماءُ هئي جنهن کي ٻه ڀه سال اڳ چوڌري موجوءَ طلاق ڏيئي ڇڏي هئي.

هن جي سڪيلڌي ڌيءَ جينان نهايت فرمانبردار ڇوڪري هئي، هو پنهنجي پيءُ جو تمام گهڻو خيال رکندي هئي، گهر جو ڪم ڪار به نهايت هوشياري سان ڪندي هئي، واندڪائي ۾ هوءَ چرخو هلائيندي هئي يا پنهنجي سهيلين سان ڳالهين ۾ گذاريندي هئي. چوڌري موجو جي زمين ايڏي وڏي به ڪا نه هئي پر هن کي پنهنجي گذاري لاءِ ڪافي هئي. جنهن ڳوٺ ۾ چوڌري موجو رهندو هو، اهو ڳوٺ بلڪل ننڍڙو ڳوٺ هو. هن جي ڳوٺ پرسان ڪا به ريلوي اسٽيشن ڪا نه هئي. ڪو به سڌو رستو شهر ڏانهن ڪو نه پئي آيو. ڪچو رستو هو جيڪو ڪنهن ٻئي وڏي ڳوٺ وٽان پڪي رستي سان ملندو هو. چوڌري موجو هر مهيني ۾ هڪ ٻه ڀيرا پنهنجي گهوڙي سوار ڪري ان وڏي ڳوٺ ڏانهن ويندو هو ۽ روزمره جو ضروري سامان وٺي ايندو هو.

ٻهريون هو ڏاڍو خوش هو. هن کي ڪو به فڪر ڪو نه هو. ٻن ٽن سالن کان هن کي پٽ جي اولاد/وارث بابت فڪر ورايس جيڪا سندس نصيب ۾ نه هئي پر پوءِ هن شڪر ڪندي چيو ته جيڪو الله کي منظور، هيئنئر جڏهن کان هن پنهنجي زال کي طلاق ڏئي پيڪين اماڻي ڇڏيو آهي تڏهن کان هن جي زندگي ٽتل رڻ بڻجي وئي آهي، هو سمجهي ٿو ته سندس زال سجو پاڳ ساڻ کڻي وئي آهي.

چوڌري موجود هڪ مذهبي ماڻهو آهي پر هن کي صرف ٽن شين جي خبر آهي هڪ الله جي عبادت ڪرڻ، ٻيو محمد ﷺ جيڪو الله جو رسول ﷺ آهي ان جا حڪم

مجڻ ۽ ٽيون قرآن پاڪ جيڪو خدا جو ڪلام پاڪ آهي ۽ محمد ﷺ جن تي نازل ٿيو آهي ۽ بس.

نمازن ۽ روزي کان بي پرواهه ماڻهو هن ڳوٺ ۾ رهندا هئا. هن جي ڳوٺ ۾ ڪا به مسجد ڪا نه هئي ڏهه پندرهن گهر هئا اهي به ٿوري ٿوري سڌ پنڌ تي آباد هئا. ماڻهو صرف الله جو ذڪر ڪندا هئا. انهن جي دلين ۾ صرف خدا جو خوف رهندو هو. تقريبا هر گهر ۾ قرآن شريف موجود هوندو هو پر پڙهڻ ڪو به ڪو نه ڄاڻيندو هو. سيئي احترام قرآن شريف کي پوتيون پهرائي طاق تي رکي ڇڏيندا هئا. قرآن شريف جي ضرورت تڏهن پوندي هئي جڏهن ڪنهن کان ڪا ڳالهه سچي ڪرائڻي پوندي هئي يا ڪنهن ڳالهه تي قسم کڻڻو پوندو هو.

ڳوٺ ۾ ملان، مولوي جي شڪل تڏهن نظر ايندي هئي، جڏهن ڪو وهانءُ ٿيندو هو باقي جنازي جي نماز به ڳوٺ وارا پاڻ پڙهندا هئا. چوڌري موجو اهڙن موقعن تي تمام گهڻو ماڻهن جي ڪم ايندو هو. هن جي گفتار ۾ وڏو اثر هو، هو جڏهن به ڪنهن مرحوم جي خوبين جي واکاڻ ڪندو هو يا مغفرت لاءِ دعا ڪندو هو جڻ هن جي گهر جو ڀاتي هو.

گذريل سال هن جي دوست دينو جو جوان پٽ مري ويو ته هن ان نوجوان جي لاش کي قبر ۾ لاهيندي چيو ته هاءِ هاءِ ڇا ته حسين جوان هو، ٽُڪ اچليندو هو ته ويهه وال پري ڪرندي هئي، هن جي پيشاب جي ڌار تمام پري وڃي ڪرندي هئي، ساهه منجهائڻ جو ته ماهر هو نعرو هڻي ٻن آڱرين سان نڪ کي ائين ڪوليندو هو جيئن ڪرتي جو بٽڻ کلي پوي. يار دينو تو لئه اڄ قيامت جو ڏينهن آهي، تون ڪڏهن به هي صدمو برداشت ڪري نه سگهندين، اهڙو حسين نوجوان...

اهڙو خوبصورت للنگ جوان.... نيتي سونارڻ جهڙي خوبصورت هنيلي ڇوڪريءَ هن کي قابو ڪرڻ لاءِ ڪيترائي تعويذ ڪيا پر واهه سائين واهه قربان وڃانس دينو تنهنجي پٽ تان... تنهنجو ڇوڪرو لنگوٽي ٻڌڻ جو ماهر هو، خدا ڪري جنت ۾ سڀ کان حسين حور هن کي ملي ۽ اتي به لنگوٽي ٻڌڻ ۾ پڪو رهي ته جيئن الله تعاليٰ خوش ٿي هن مٿان رحمتون نازل ڪندو رهي آمين.

هن جي خطبي ٻڌڻ کانپوءِ ماڻهن جنهن ۾ دينو به شامل هو اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳا ۽ پاڻ موجوءَ جي اکين مان به ڳوڙها وهي نڪتا هئا.

چوڌري موجوءَ جڏهن پنهنجي زال ڦتان کي طلاق ڏني هئي ته هن ڪنهن بزرگ يا ملان مولوي سان صلاح جي ضرورت محسوس ڪو نه ڪئي، هي وڏن کان ٻڌندو پئي آيو ته ٽي ڀيرا طلاق.... طلاق.... طلاق چوڻ سان قصو ئي ختم ٿي وڃي ٿو. طلاق ڏيڻ کانپوءِ ٿورن ئي ڏينهن ۾ هن کي احساس ٿيو ته هن جلدبازي مان ڪم ورتو آهي ۽ غلط فيصلو ڪيو آهي، جنهن تي هن کي پشيماني ٿي ۽ هاٿي هو پڇتائي رهيو هو. زال مڙس وچ ۾ جهيڙو ٿيندو رهندو آهي پر طلاق واري نوبت نه ايندي آهي، درگذر ڪرڻ گهرجي هان!

ڦتان هن کي بيحد پسند هئي هاڻي هو جوان ڪو نہ هئي پر پوءِ بہ هن کي هن جو سينڊول جسم وٽندو هو، هن جون منيون منيون ڳالهيون هن کي موهي وجهنديون هيون. آخر هوءَ جينان جي ماءُ بہ هئي هاڻي چا ٿيندو تير ڪمان مان نڪري چڪو هو.

چوڌري موجو جڏهن بہ ڦتان بابت سوچيندو هو تہ هن جي حقي جو دونهون هن جي نڙي ۾ ڦاسي پوندو هو.

ماءُ وانگر جينان بہ نهايت حسين خوبصورت هئي، ٻن سالن ۾ ڪافي وڏي ٿي چڪي هئي، هاڻي خوبصورت جينان جواني جي ڏاڪي تي چڙهي چُڪي هئي، هن جي انگ انگ مان جواني ڦٽي نڪتي هئي، چوڌري موجوءَ کي هاڻي هن جي وهانءَ جو بہ فڪر هو، ان موقعي تي ڦتان هن کي گهڻو ياد ايندي هئي.

وڏي ڪٽ تي چوڌري موجو پنهنجي جاءِ ناهيندي ۽ گوڏ کي نيڪ ڪري حُقي مان ڊگها ڊگها ڪش هڻڻ لڳو ۽ ڪنگهڻ لڳو. ڪنگهڻ دوران هن کي ڪنهنجو آواز ٻڌڻ ۾ آيو "السلام عليڪم ورحمتہ الله وبرڪاتہ".

چوڌري موجوءَ ڪنڌ ورائي پوئتي ڏٺو تہ هن کي سفيد ڪپڙن ۾ هڪ ڊگهي ڏاڙهيءَ وارو بزرگ نظر آيو. هن سلام جو جواب ڏنو ۽ سوچڻ لڳو تہ هي شخص ڪٿان آيو؟ بزرگ وڏين اکين ۾ سرموپاتل هو ۽ رعبدار پئي لڳو. سندس ڏاڙهي (سونهاري) جا وار اڌ اڇا ۽ اڌ ڪارا هئس پر ڪارا گهٽ هئا. سفيد دستار سان مٿو ڍڪيل هو ۽ ڪنڌ تي پيلي رنگ وارو رشمي رومال ۽ هٿ ۾ چانديءَ جي منئي واري ٿُلهي لٺ هئي، پيرن ۾ ڳاڙهي رنگ جو نرم جوتو پهريل هوس.

چوڌري موجوءَ جڏهن بزرگ کي غور سان ڏٺو تہ هن جي دل ۾ عزت ۽ احترام پيدا ٿيو ۽ هو ڪٽ تان جلدي اُٿي بزرگ کي هٿ ادب جا ٻڌي چوڻ لڳو سائين اوهان ڪٿان ڪان آياآهيو ۽ ڪيئن حاضر ٿيا آهيو؟

بزرگ چپن تي هلڪي مسڪراهٽ آڻي چيو پير فقير ڪٿان بہ اچن هنن جو ڪو بہ گهر نہ هوندو آهي هنن جي اچڻ وڃڻ جو ڪو بہ وقت مقرر ڪونهي. الله تبارڪ تعاليٰ جيڏانهن وڃڻ جو حڪم ڏنو اوڏانهن هلي پوڻ، جتي رڪجڻ جو حڪم مليو اتي رڪجي پياسين".

چوڌري موجو، بزرگ جي انهن لفظن مان تمام گهڻو متاثر ٿيو هن اڳتي اچي بزرگ جا هٿ وڏي احترام سان چميا ۽ پنهنجي اکين تي رکيا. چوڌري موجوءَ جو گهر اوهان جو پنهنجو گهر آهي "بزرگ سائين".

بزرگ سڳورو هلڪي مرڪ سان ڪٽ تي وينو ۽ پنهنجي چانديءَ جي منئي واري لٺ کي ٻنهي هٿن سان جهلي ان تي پنهنجو مٿو ٽيڪي چيو "الله جل شانہُ کي تنهنجي الائي ڪهڙي ڳالهہ پسند آئي جو پنهنجي هن حقير ۽ عارضي بندي کي تو وٽ موڪليو آهي".

چوڌري موجو خوش ٿي پڇيو تہ مولوي صاحب اوهان الله جي حڪم سان هتي آيا آهيو؟

مولوي صاحب پنهنجو لٺ مٿان ٽيڪيل ڪنڌ مٿي ڪٽي چيو " ته ڇا مان تنهنجي حَڪم تي آيو آهيان اسين تنهنجا ٻانها آهيون يا ان جا جنهن جي عبادت ۾ چاليهه سال گذاري رتبو حاصل ڪيو آهي؟

چوڌري موجو ڊڄي ويو ۽ پنهنجي مخصوص سادي ۽ ٻوڏاٽي پُر خلوص سچن جذبن سان احترامن مولوي صاحب کان معافي ورتي ۽ چيائين "مولوي صاحب اسان کي ته نماز پڙهڻ به ڪو نه ٿي اچي اسان کان روزانو ڏوهه به ٿي وڃن ٿا. اسين گهنگار آهيون اسان جي بخشش هاڻي تنهنجي هٿن ۾ آهي".

مولوي صاحب سرمي لڳل وڏين اکين کي بند ڪندي چيو "مان ان لاءِ هتي آيو آهيان".

چوڌري موجو پاڻ زمين تي هيٺ ويهي رهيو ۽ مولوي صاحب جي پيرن کي زور ڏيڻ لڳو، ان وچ ۾ چوڌري موجوءَ جي سڪيلڌي ڌيءَ جيناں به آئي. جيناں مولوي کي ڏٺو ته رئي سان مُنهن کي ڍڪي پردو ڪرڻ لڳي، مولوي جڏهن جيناں کي ڏٺو ته پڇيو چوڌري هي ڪير آهي؟

منهنجي ڌيءَ مولوي صاحب "جيناں"

مولوي صاحب اڌ اکيون کليل ۽ اڌ اکيون بند ڪري جيناں کي ڏسي چوڌري کي چيو " اسان جهڙن فقيرن کان ڪهڙو پردو؟".

"اوهان کان ڪو به پردو ڪونهي مولوي صاحب، پردو وري ڪهڙو سائين".

چوڌري جيناں کي چوڻ لڳو "جيناں هي مولوي صاحب آهي، الله جو خاص نمائندو هن کي ڪهڙو پردو ٿي ڪرين، پردو نه ڪر".

جيناں رئي سان ڍڪيل چهري تان رَئو هٽائي پنهنجي پيءُ جي حڪم جي بجا آوري ڪئي. مولوي سرمي لڳل اکين مان جيناں کي ڏسي، موجو کي چيو تنهنجي ڌيءَ خوبصورت آهي چوڌري".

انهن لفظن تي جيناں شرمائڻ لڳي ۽ مولوي صاحب کي موجوءَ جواب ڏيندي چيو: "مولوي صاحب، ماءُ تي وئي آهي".

مولوي صاحب وري جيناں جي ڦوهه جواني تي نظر وڌي.

چوڌري موجو گهبرائجي ويو ته هو هاڻي ڪهڙو جواب ڏي. مولوي صاحب وري پڇيو "هن جي ماءُ ڪٿي آهي چوڌري؟".

چوڌري جلدي جواب ڏنو "گذاي وئي آهي".

مولوي صاحب جون اکيون وري جيناں ڏانهن گهورڻ لڳيون. مولوي صاحب چوڌري جي جواب مان مطمئن نه ٿيو ۽ وڏي رعب سان پڇيو "چوڌري تون ڪوڙ ٿو هڻين؟".

موجو مولوي صاحب جي پيرن تي ڪري پيو ۽ پشيماني واري حالت ۾ چيو "جي سائين مون ڪوڙ ڳالهايو آهي... مون کي معاف ڪندا.. .مان وڏو ڪوڙو ماڻهو آهيان، مون جيناں جي ماءُ کي طلاق ڏئي ڇڏي آهي." مولوي هڪ ڊگهي "هون" ڪري نظرون

جينان کان هٽائي موجوءَ کي چيو "تون گنهگار آهين کهڙو قصور هن ان بي زبان جو".

موجو پريشان ٿي ويو ۽ چيائين "مون کي ته ڪا خبر ڪانهي مولوي صاحب.... معمولي ڳالهه هئي جو وڏي وجي طلاق تائين پهتي، مان واقعي گهنگار آهيان، طلاق ڏيڻ کان پوءِ ٻي ڏينهن تي ئي مون سوچيو هو ته مان کهڙي بيوقوفي ڪئي آهي؟ پر ان وقت چا ٿي سگهيو پئي، جهرڪيون فصل چُڳي چڪيون هيون پڇتاءُ سان چا ٿي سگهيو پئي مولوي صاحب.

مولوي صاحب چاندي جي مُنئي واري لٺ موجو جي ڪنڌ تي رکي چيو "الله تعاليٰ جي ذات وڏي آهي هو رحيم ۽ وڏو ڪريم آهي هو چاهي ته بگڙيل ڪم به بڻائي سگهي ٿو. ان جو حڪم ٿيو ته هي حقير فقير تنهنجي نجات لاءِ ڪو رستو ڪڍي وٺندو".

موجو شڪر گذار ٿي مولوي جي ٽنگن کي چنبڙي پيو ۽ روئڻ لڳو. مولوي صاحب وري جينان کي گهورڻ لڳو. هن جي اکين مان به ڳوڙها وهي نڪتا هئا.

مولوي صاحب رعبدار ۽ حاڪماڻي لهجي ۾ جينان کي چيو "هيڏانهن اچ چوڪري اهڙي حُڪم کي جينان به ٽاري نه سگهي. هوءَ ماني ۽ لسي کي هڪ پاسي رکي مولويءَ جي کٽ ڏانهن هلي آئي. مولوي صاحب هن کي ٻانهن کان وٺي چيو "هتي ويهه....".

جينان زمين تي ويهڻ لڳي ته مولوي هن جي ٻانهن کي مٿي چڪي چيو "مٿي کٽ تي مون سان ويهه...".

جينان مولوي سان کٽ تي ويهي رهي. مولوي صاحب جينان جي چيلهه ۾ ٻانهن ٽپائي چڪي پنهنجي ويجهو ڪري پڇيو "چا کٽي آئي آهين منهنجي کائڻ لاءِ".

جينان هن کان پاڻ ڇڏائڻ لڳي پر مولوي جي ٻانهن هن جي چيلهه ۾ مضبوط جڪڙيل هئي، جينان ڪو چارو نه سمجهي جواب ڏنو "جي... جي ماني ساڳ ۽ لَسي آهي".

مولوي صاحب جينان جي نازڪ پر مضبوط چيلهه کي هڪ ڀيرو وري هٿ سان زور ڏيندي چيو "ماني ڪڍ ۽ مون کي کاراءِ".

جينان اُٿي ته مولوي صاحب جي موجو جي ڪنڌ کي چانديءَ جي مُنئي واي لٺ سان زور ڏئي اٿاريو.

اُٿ چوڌري.... منهنجا هٿ ڌوئار".

موجو ٽِپ ڏئي اٿيو، پرسان کوهه هو اتان پاڻي ڀري آيو ۽ مولوي جا هٿ عاجزي ۽ مريداڻي انداز ۾ ڌوئاريا، جينان کٽ تي ماني رکي مولوي صاحب سموري ماني ۽ ساڳ چٽ ڪري ويو. مٿان لَسيءَ جا ٻه ٽي وٽا پي جينان کي حڪم ڏنو ته هوءَ هاڻي هٿ ڌوئاري. جينان حڪم جي انحرافي نه ڪري سگهي چاڪاڻ جو مولوي جي شڪل صورت ۽ ان جو لب و لهجو حاڪماڻو هو.

مولوي صاحب اوڳرايون ڏئي زور سان الحمدالله چيو ۽ ڏاڙهي تي آلو هٿ ڦيرايائين ته ايتري ۾ هڪ ٻي اوڳرائي ڏئي ڪٽ تي ليٽي پيو. مولوي هڪ اک کي بند ڪري ٻي اک سان جينان جي اپريل چاتين کي ڏسندو رهيو. جينا جلدي ٿانوَ ڪٺي هلي وئي مولوي صاحب هاڻي ٻئي اکيون بند ڪري چيو "موجو هاڻي آءُ آرام ڪندس".

موجو ڪافي دير تائين مولوي صاحب جي ٽنگن ۽ پيرن کي زور ڏيندو رهيو. جڏهن هن ڏٺو ته مولوي سمهي پيو آهي ته هن چلم ۾ تماڪ وجهي ٻکي پيٽ حقو پيئڻ لڳو. پر هو اڄ ڏاڍو خوش هو هن کي ائين محسوس ٿي رهيو هو جڻ هن جي زندگيءَ جووڏو بار هلڪو ٿي ويو هجي. هن دل ۾ پنهنجي مخصوص سادي ۽ ڳوناڻي انداز ۾ الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪيو. جنهن پنهنجي طرفان مولوي صاحب جي روپ ۾ رحمت جو فرشتو هن ڏانهن موڪليو هجي.

پهريون هن چيو ته مولوي وٽ وينو رهي ته جيئن خدمت ۾ ڪا ڪسر نه رهجي وڃي، پر جڏهن ڏٺائين ته ڪافي دير ٿي وئي آهي ۽ مولوي به گهري ننڊ ۾ ستل آهي ته هو اٿيو ۽ پنهنجي زمين ڏانهن هليو ويو ۽ پنهنجي ڪم ۾ مشغول ٿي ويو. هن کي ته اهو به خيال نه رهيو ته هو پيٽ بُکيو آهي پر هو نهايت خوش هو ته هن جي حصي جي ماني به مولوي کائي ويو ۽ هن کي ان جو ثواب ضرور مليو هوندو.

شام کان پهريائين جڏهن زمين جي ڪم ڪار کان واندو ٿي واپس وريو ته هن کي نهايت ڏک پهتو ته مولوي صاحب موجود ڪو نه هو. هن پنهنجو پاڻ تي لعنت ملامت ڪئي ته هو مولوي کي اڪيلو ڇڏي چو ويو هو، ڪاش! هن جي حضور ۾ وينو رهان ها. شايد هو ناراض ٿي ويو هجي ۽ بد دعا ڪري ويو هجي، جڏهن موجو اهو سوچي رهيو هو ته هن جو جسم ڏڪي رهيو هو ۽ اکين مان نير وهي نڪتا هئا.

موجوءَ مولوي صاحب کي هر هنڌ تلاش ڪيو،پر هو ڪٿي به ڪو نه مليو شام ٿي وئي، هن جو ڪو به اطلاع يا پتو نه پئجي سگهيو. موجو پنهنجو پاڻ کي سست ڪاهل چئي لعنت ملامت ڪئي. هو ڪنڌ هيٺ ڪري پنهنجي گهر ڏانهن وڃڻ لڳو هن کي رستي ۾ ٻه گهبرايل نوجوان مليا، موجو انهن نوجوانن کان گهبراهٽ ۽ پريشاني جو سبب پڇيو ته هنن پهريائين لنوايو پر پوءِ اصل ڳالهه ڪري ٻڌائي ته هو جڏهن زمين ۾ پوريل شراب جو مَٽُ ڪڍي پي رهيا ته هڪ نوراني صورت وارو بزرگ يڪدم نظر آيو ۽ غضبناڪ نظرن سان اسان کي ڏسي چيو ته اوهين حرام پي رهيا آهيو جنهن شيءِ کي الله تبارڪ و تعاليٰ حرام قرار ڏنو آهي اهو پي ڪري ڪيڏو گناهه ڪيو آهي جنهن جو ڪو به ڪفارو ڪونهي. پوءِ اسان کي ڪا به جرئت ڪا نه ٿي سگهي ته ڪجهه چئي سگهون واءُ مينهن هڪ ڪري هتي پهچي ساهه ڪنيو آهي.

موجوءَ انهن نوجوانن کي ٻڌايو ته اهو نوراني صورت وارو بزرگ الله جو پهتل ٻانهو آهي، خدا خير ڪري هاڻي هن ڳوٺ تي الائي ڪهڙو عذاب نازل ٿيندو. هڪ ته هو هن کي اڪيلو ڇڏي هليو ويو ٻيو وري نوجوانن کي حرام شئي پيئندي ڏسي ورتو هُئائين.

“الله پناهه ۾ رکي... هاڻي الله ئي نگهبان آهي نوجوانو”. چوڌري وقلندو پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿيو. جينان گهر ۾ موجود هئي پر هن سان ڪا به ڳالهه ٻولهه نه ڪيائين خاموش ٿي کٽ تي حُقو پيئڻ لڳو. هن جي ذهن تي پهتل ٻانهو سوار هو. هاڻي هن کي يقين ٿي ويو ته خدا جي آفت ضرور نازل ٿيندي.

شام جو ماني تيار هئي جينان مولويءَ لاءِ به ماني تيار ڪئي هئي جڏهن هن پنهنجي پيءُ موجوءَ کان مولويءَ بابت پڇيو ته هو ڪٿي آهي؟ ته موجوءَ ڏک ڀري لهجي ۾ چيو “هليو ويو... هليو ويو....” هن جو اسان گنهگارن وٽ ڪهڙو ڪم....”.

جينان کي خود ڏک ٿيو ڇاڪاڻ جو مولوي صاحب چيو هو ته ڦتان واپس اچي سگهي ٿي. پر هينئر ته هو الائي ڪيڏانهن وڃي چُڪو هو. جينان خاموش ٿي نِنڊڙي کٽولي تي ويهي رهي ۽ ماني به ٿڌي ٿي وئي.

ٿوري دير ۾ ڪنهن جي اچڻ جو آواز آيو. پيءُ ۽ ڌيءَ ڇرڪجي ويا. موجو تڪڙ ۾ اٿي ٻاهر ويو ۽ چند گهڙين ۾ مولويءَ سميت گهر ۾ داخل ٿيو. ڏيئي جي هلڪي روشني ۾ جينان مولوي کي ڏٺو ته هو لڏندو لمندو پئي آيو ساڻ هن جي هٿ ۾ هڪ ننڍڙو مَٽُ هو.

موجوءَ مولوي صاحب کي سهارو ڏئي کٽ تي ويهاريو، مولويءَ مَٽُ موجو کي ڏيندي وقلندي چيو “اڄ خُدا منهنجو سخت امتحان ورتو آهي”. تنهنجي ڳوٺ جا ٻه نوجوان شراب جو مَٽُ ڪڍي پيئڻ وارا هئا ته آءٌ پهچي ويس. اُهي نوجوان مون کي ڏسي وٺي ڀڳا. مون کي گهرو صدمو پهتو ته ننڍڙي عمر ۾ ايڏو وڏو گناهه پر پوءِ مون سوچيو ته هن عمر ۾ اڪثر نوجوان ڀٽڪي وڃن ٿا. ان لاءِ مون لاءِ الله تعاليٰ جي حضور ۾ نياز نوڙت سان منٿون ڪري عرض ڪيو ته اي الله هنن نوجوانن جو گناهه معاف ڪيو وڃي، نيٺ جواب مليو، خبر اٿئي موجو! ڪهڙو جواب مليو؟”

“نه سائين، نه....”.

“الله تبارڪ و تعاليٰ جواب ۾ فرمايو ته ڇا تون انهن نوجوانن جو گناهه پاڻ تي کڻين ٿو”. مون عرض ڪيو “ها سائين...” آواز آيو ته “هي سارو مَٽُ ڪڍي پي وڃ، مان الله..... انهن جوانن جي بخشش ڪري ڇڏيندس”.

موجو وري اهڙي دنيا ۾ هليو ويو جيڪا هن جي پنهنجي خيال جي پيداوار هئي، هن جي لڱن مان سيسراٽيون نڪري ويون، “ته اوهان پي ڇڏيو”.

مولوي ڳالهائڻ وقت تمام گهڻو وقلي رهيو هو.

ها! مون پي.... پي.... مون نوجوانن جو گناهه پنهنجي سِر تي ڪنيو آهي... رب العزت جي آڏو سرخرو ٿيڻ لاءِ پيتو آهي. مَٽُ ۾ اجان شراب آهي اهو به مون کي ئي پيئڻو پوندو. مٽُ کي سنڀالي رک ۽ ڏس هن مان هڪ ڍُڪ به هيڏي هوڏي نه ٿئي.

موجوءَ مٽ جو منهن ڪپڙي سان بند ڪري ڪمري ۾ رکي آيو ۽ موجو واپس صحن ۾ آيو ته مولوي صاحب جينا کان مٿي تي زور ڏياري رهيو هو ۽ هن کي چئي رهيو هو “جيڪو ماڻهو ٻي ماڻهوءَ جي ڪم اچي اهو شخص الله تعاليٰ کي تمام گهڻو

پيارو آهي ۽ الله ان مان خوش رهندو آهي ۽ هاڻي هو مون مان تمام گهڻو خوش آهي ۽ مان تو مان گهڻو خوش آهيان“.

ان خوشيءَ ۾ مولوي صاحب جينان کي پرسان ويهاري هن جي پيشاني چُمي ورتي ۽ جينان اٿڻ جي ڪوشش ڪئي پر مولويءَ زوريءَ پاڪر وجهي ويهي رهيو. مولوي جينان کي پنهنجي سيني سان لڳائي موجو کي چيو ”چوڌري تنهنجي ڌيءَ جينان جا ڀاڳ کُليا اٿي.“ چوڌري اها ڳالهه ٻڌي مولوي آڏو هٿ ادب جا ٻڌي احسانمند ۽ شڪر گذار ٿيڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ” هي سڀ اوهان جي ڪرم سان ٿيو آهي. اوهان جون لک لک ڀلايون.

مولويءَ جينان کي وري ڀيهر پنهنجي سيني سان لڳائي ڇڏيو. ”الله مهربان آهي، جينان آءٌ توکي هڪ وظيفو ٻڌائيندس اهو پڙهندي رهه توتي الله تعاليٰ هميشه مهربان رهندو“.

ٻي ڏينهن مولوي ڏاڍي دير سان ننڊ مان اٿيو. موجو پَوَ ڪان زمين تي ٻه ڪو نه ويو ۽ صحن ۾ مولوي جي ڪٽ پرسان وينو رهيو. جڏهن هو اٿيو ته هن کي ڏنڊڻ ڪرايو. وهنجاريو ۽ هن جي حڪم مطابق شراب جو مٽُ ڪڍي هن جي آڏو رکيو. مولوي صاحب ڪجهه پڙهي مٽ جو منهن کولي ٽي پيرا مٽ ۾ شوڪاريو ۽ ٽي پيالا ڀري پي ويو ۽ مٿي آسمان ڏانهن نهاري ڪجهه پڙهيائين ۽ بلند آواز ۾ چيو ”يا منهنجا مولا آءٌ تنهنجي هر امتحان ۾ پورو لهندس“.
موجو وڃ.... حڪم ٿيو آهي ته تون هاڻي وڃ ۽ پنهنجي گهر واري ڦتان کي وٺي اچ. هينئر رستو ملي ويو آهي تون وڃ.
موجو ڏاڍو خوش ٿيو. جلدي جلدي هن گهوڙي تي زين رکي مولوي کي چيائين آءٌ صبح کي سج ۾ واپس وريندس ۽ جينان کي چيائين ته مولوي صاحب جو خيال رکجانءِ ۽ خدمت ۾ ڪا ٻه ڪسر نه رهائيجانءِ.

جينان ٿانوَ صاف ڪرڻ ۾ رڌل هئي ۽ هوڏانهن مولوي ڪٽ تي ويهي هن کي گهوري رهيو ۽ شراب جون پياليون پي رهيو هو. ان ڪان پوءِ هن ٿلهن مڻين واري تسبيح کيسي مان ڪڍي پڙهڻ شروع ڪئي. جڏهن جينان ڪم مان واندي ٿي ته مولوي چيو ”جينان وضو ڪري آءُ“ جينان سادگيءَ سان جواب ڏنو مولوي صاحب مون کي وضو ڪرڻ نه ٿو اچي.

مولوي پيار مان جينان کي هدايت ڪئي ته هوءَ الله تعاليٰ کي ڪهڙو جواب ڏيندي. اهو چئي مولوي جينان کي وضو ڪرائڻ لڳو ۽ جيئن ئي جينان وضو ڪري رهي هئي ته مولوي هن جي بدن جي هر عضوي کي تڪيندو رهيو.
” وضو ڪرائڻ ڪانپوءِ مولوي صاحب مُصلو گهرايو مُصلو نه مليو ته مولويءَ جينان کي دڙڪا ڏنا ۽ رلهي وڇائڻ لاءِ چيو هوءَ رلهي ڪڍي آئي مولوي حڪم ڏنو ته هن کي اندر ڪمري ۾ وڇاءِ ۽ جينان ڪمري ۾ رلهي وڇائي، جڏهن جينان رلهي وڇائي ته مولوي جينان کي ٻاهرين در جي ڪندي لڳائڻ لاءِ حڪم ڪيو ۽ جينان در کي ڪندي ڏني پوءِ

مولوي صاحب چيو شراب ۽ پيالو ڪٽي آ. جينان شراب جو مٽ ۽ پيالو ڪٽي هن جي اڳيان رکيو، مولويءَ شراب جو مَٽُ ۽ پيالو پري اڏ پيالو هڪ ڳيت ۾ پي ويو ۽ اڏ پيالو سامهون رکي ڇڏيو. پوءِ تسبيح کي سورڻ لڳو انهيءَ دوران جينان سندس پرسان وٺي رهي ڪافي دير مولوي اکيون بند ڪري وظيفو پڙهندو رهيو ۽ اکيون کولي ٽي ڀيرا شراب جي پيالي ۾ شوڪاريو ۽ جينان کي حڪم ڪيو تہ هي شراب جو پيالو پي ڇڏ".

جينان شراب جو پيالو هٿن ۾ ڪنيو تہ هن جا هٿ ڏڪڻ لڳا مولوي جلال ۾ اچي ويو ۽ جينان کي گهورڻ لڳو "مان چوانءِ ٿو پي وڃ تنهنجا سمورا ڏک سور لهي ويندا".

جينان شراب جو پيالو ڪٽي پي وئي مولوي چپن تي هلڪي مسڪُراهٽ آڻي جينان کي چيو آءُ وري وظيفو پڙهڻ شروع ڪيان ٿو جڏهن وظيفو پڙهندي شهادت جي آڱر سان اشارو ڏيانءِ تہ اڏ پيالو مَٽُ مان ڪڍي پي ڇڏجانءِ... سمجهي وئينءَ".

مولوي صاحب هن کي ڳالهائڻ جو موقعو ئي ڪو نہ ڏنو ۽ اکيون بند ڪري مراقبي ۾ هليو ويو جينان جي وات جو ذائقو خراب ٿي ويو. هن کي ائين لڳو تہ هن جي سيني مان باهہ جا اُلا نڪري رهيا هجن. هوءَ چاهي پئي تہ اُٿي ٽڏو پاٽي پيئي پر هوءَ اُٿي نہ سگهي. نڙي سڙي رهي هئي ايتري ۾ مولوي صاحب شهادت واري آڱر مٿي کنئين. جينان بہ مڪمل هپناٽائيز ٿي چُڪي هئي. هن بي وسي ۾جلدي پيالو مَٽُ مان پري پي ڇڏيو.. هن کي ڪوڙاڻ جو احساس ٿيو ۽ ٿوڪڻ بہ چاهيو پر هوءَ اُٿي نہ سگهي. مولوي صاحب وري اکيون بند ڪري تسبيح کي سورڻ لڳو. جينان جو مٿو چڪرائجي رهيو هو ۽ هن کي ننڊ اچي رهي هئي. هن نيم بيهوشي واري حالت ۾ محسوس ڪيو تہ هوءَ ڪنهن ڏاڙهي مڇ ڪوڙيل جوان مرد جي هنج ۾ هئي ۽ هو بهشت ڏيکارڻ لاءِ وٺي وڃي رهيو هو.

جينان جڏهن اکيون کوليون تہ هن پاڻ کي رلهيءَ تي ليٽيل محسوس ڪيو. هن خماريل اکين سان هيڏي هوڏي نهاريو پوءِ هن ان متعلق سوچڻ شروع ڪيو تہ هوءَ هتي ڇو سمهي پئي هئي. ٿوري دير ۾ جينان کي سڀ ڪجهہ سمجهہ ۾ اچي ويو ۽ هوءَ وري سمهڻ لڳي پر هڪدم اُٿي ويني، مولوي صاحب ڪٿي هو؟ ۽ بهشت...؟

ڪير بہ ڪو نہ هو هوءَ ڪمري کان نڪري صحن ۾ آئي تہ ڪافي ڏينهن گذري چڪو هو ۽ مولوي ٻاهر وضو ڪري رهيو هو. مولوي جينان جي پيرن جو آواز ٻڌي پوئتي جينان ڏانهن نهاريو ۽ هلڪي مسڪراهٽ چپن تي آنڌئين ايتري ۾ جينان واپس ڪمري اندر هلي وئي ۽ رلهيءَ تي ويهي پنهنجي ماءُ بابت سوچڻ لڳي جنهن کي پٽس موجو وٺڻ ويو هو، جنهن جي واپس ورڻ ۾ پوري رات باقي هئي.

هن کي سخت بک لڳي هئي، هن ڪجهہ پچايو بہ نہ هو. هن جي ننڍڙي پريشان دماغ ۾ بيشمار ڳالهيون آيون ان وچ ۾ مولوي صاحب آيو ۽ چئي هليو ويو تہ "مون کي تنهنجي پيءُ لاءِ هڪ وظيفو ڪرڻو آهي. ساري رات قبر مٿان ويهندس ۽ صبح سوير موٽي ايندس ساڻ تنهنجي لاءِ دعا گهرندس".

مولوي صبح سوير گهر ۾ آيو هن جي وڏين اکين ۾ سرمو ڪو نہ هو. اکيون ڳاڙهيون هيون. هو هٻڪي هٻڪي ڳالهائي رهيو هو ۽ قدم بہ لڙڪڙائجي رهيا هئس. هو صحن ۾ ايندي ئي جينان ڪي ڏسي مسڪرائڻ لڳو ۽ اڳتي وڌي جينان ڪي پنهنجي ڀاڪر ۾ آڻي چمڻ لڳو پوءِ کٽ تي ويهي رهيو. جينان ننڍڙي کٽ تي ويهي رهي ۽ گذريل ڏنڌلي واقعي بابت سوچڻ لڳي. هاڻي هن ڪي پيءُ جو بہ انتظار هو جنهن ڪي هينئر تائين پهچڻ گهرجي ها. ماءُ ڪان وڇڙي بہ هن ڪي ٻہ سال ٿي چڪا هئا ۽ بهشت.... بهشت ڇا تہ بهشت هو ۽ ڇا تہ بهشت جا مزا ها.....!! اهو مولوي صاحب هو؟ پر هن ڪي ڏنڌلو خيال هو تہ ان ماڻهوءَ ڪي ڏاڙهي مڇ بلڪل ڪو نہ هئي ۽ هو بلڪل ڀيرو جوان هو.

مولوي ٿوري دير ڪان پوءِ جينان ڪي چيو "جينان اڃان تائين موجو ڪو نہ پهتو آهي".

جينا خاموش رهي.

مولويءَ وري هن ڪي چيو "مون ساري رات هڪ پراڻي قبر مٿان ڪنڌ جهڪائي اونداهي رات ۾ هن لاءِ وظيفو پڙهندو رهيس ڪڏهن ايندو هو؟ ڇا هو تنهنجي ماءُ ڪي وٺي ايندو؟

جينا صرف ايترو جواب ۾ چيو "مونکي خبر ناهي شايد ايندا هجن..." ايندا.....!" امان بہ ايندي پر صحي خبر نٿي پوي".

ايتري ۾ ڪنهن جي اچڻ جو آواز آيو. جينان جيئن ئي اُٿي تہ سندس ماءُ قُتان سامهون نظر آيس هوءَ هن ڪي ڏسي ڀاڪر ۾ پئجي وئي ۽ هن جي اکين مان لڙڪ وهي نڪتا. موجو اچڻ سان ئي مولوي صاحب ڪي وڏي عزت ۽ احترام سان سلام ڪيو. هن پنهنجي زال قُتان ڪي چيو "قُتان سلام ڪر مولوي صاحب ڪي".

قُتان ڏيءَ ڪان الڳ ٿي ۽ اکين مان وهندڙ ڳوڙهن ڪي اگهي اڳيان وڌي ڪري مولوي ڪي سلام ڪيو. مولوي پنهنجي ڳاڙهين اکين سان قُتان ڪي گهوري موجوءَ ڪي چيو "ساري رات قبر مٿان ويهي تنهنجي لاءِ وظيفو ڪيو آهي. هاڻي جو هاڻي اتان اٿي آيو آهيان. الله تعاليٰ منهنجي ٻڌي ورتي آهي انشاءَ الله سڀ نيڪ ٿي ويندو".

موجو فرش تي ويهي مولوي جي پيرن ڪي زور ڏيڻ لڳو ۽ ايترو تہ مولوي جو احسانمند هو جو ان احسان جو اظهار بہ نہ ڪري پئي سگهيو. هن قُتان ڪي روئڻهارڪي آواز ۾ چيو "هيڏانهن اچ قُتان تون ئي مولوي جو شڪر ادا ڪر مون کي تہ نٿو اچي".

قُتان پنهنجي مڙس سان گڏ اچي ويني ۽ صرف ايترو چئي سگهي تہ "اسين غريب تنهنجي احسان جو بدلو ڪيئن چڪائينداسين".

مولوي قُتان ڪي غور سان ڏسي موجو ڪي چيو "موجو تون درست چيو تہ قُتان خوبصورت آهي، هن عمر ۾ بہ جوان آهي بلڪل ٻي جينان ٿي لڳي، پر ان ڪان بہ وڌيڪ خوبصورت آهي آءٌ سڀ ڪجھ نيڪ ڪري ڇڏيندس، قُتان اهو سڀ الله جو فضل ۽ ڪرم سان ٿيو آهي".

زال مڙس خاموش ٿي ويا. موجوءَ مولوي جي پيرن ۾ ٽنگن ڪي زور ڏيندو رهيو. جينان چلهو ٻاري رهي هئي ٿوري دير ۾ مولوي اٿيو ڦتان جي مٿي تي هٿ رکي شفقت ۽ پيار ڏنو. موجو کي چيو تہ الله تعاليٰ جو حڪم آهي تہ جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي زال کي طلاق ڏيئي ۽ پوءِ وري انهيءَ کي پنهنجي زال بڻائڻ چاهي تہ اها عورت ڪنهن ٻي مرد سان نڪاح ڪري ۽ پوءِ ان کان طلاق حاصل ڪري. اهڙيءَ طرح پوءِ اها ساڳي زال ساڳئي مڙس جي جائز زال آهي".
موجو آهستي چيو "سائين اهو تہ مون بہ ٻڌو آهي".
مولوي موجو کي اٿاريو ۽ هن جي ڪنڌ تي هٿ رکي چيو "مون خدا تعاليٰ جي حضور ۾ دعا گهري آهي تہ موجو کي اهڙي ڏکي سزا نہ ڏي هن غريب کان ڀُل ٿي چڪي آهي. پوءِ آواز آيو تہ آءٌ الله روزانو تنهنجون سفارشون ڪيستائين ٻڌندو رهندس. توکي پنهنجي لاءِ جيڪو گهرڻو آهي گهر. آءٌ الله ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. مون عرض ڪيو يا الله منهنجا آقا، دنيا جهان جا مالڪ مان پنهنجي لاءِ ڪجهہ بہ نہ گهرندس. تنهنجو سڀ ڪجهہ مون کي ڏنل آهي موجوءَ کي پنهنجي زال سان محبت آهي. ارشاد فرمايائون "آءٌ الله موجوءَ جي پنهنجي زال سان محبت جو ۽ تنهنجي ايمان جو امتحان وٺندس. تون هڪ ڏينهن لاءِ ڦتان سان نڪاح ڪر ۽ ٻي ڏينهن طلاق ڏئي موجو جي حوالي ڪري ڇڏ" مان الله تنهنجي لاءِ صرف اهو ئي ڪري سگهان ٿو. اهو بہ ان ڪري جو تون چاليهہ سال منهنجي دل سان عبادت ڪئي آهي.
موجو خوش ٿيندي مولوي صاحب کي چيو "سائين مون کي منظور آهي....." مون کي منظور آهي". موجو جي منظوري کان پوءِ مولوي جي منهن جو رنگ ڳاڙهو ٿي ويو ڦتان تي فاتحانہ نظر وجهندي پڇيو "تون ٻڌاءِ ڦتان؟
پر موجوءَ ڦتان جي جواب جو انتظار ئي ڪو نہ ڪيو ۽ چئي ڇڏيو "سائين اسان ٻنهي کي منظور آهي".
مولوي اکيون بند ڪري چپن ۾ ڪجهہ پڙهڻ لڳو، پڙهي ٻنهي مٿان ڦوڪاريائين ۽ آسمان ۾ نهاريائين.
"الله تبارڪ تعاليٰ اسان سيني کي امتحان ۾ پاس ڪيو آهي، موجو کي چيائين "چڱو موجو مان هاڻي هلان ٿو. تون ۽ جينان اڄ رات ڪٿي هليا وڃجو ۽ صبح سوير اچجو". اهو چئي مولوي ٻاهر هليو ويو.
جينان ۽ موجو تياري ڪئي. جڏهن شام جو مولوي واپس آيو تہ هنن سان نهايت مختصر ڳالهايو. شايد هو ڪجهہ ورد ڪري رهيو هو. آخر ۾ مولوي اشارو ڪيو جنهن تي موجو جينان کي ساڻ ڪري گهر کان ٻاهر نڪري ويو.
مولوي صاحب در جي ڪنڊي چاڙهي ڦتان کي چيو "تون اڄ رات منهنجي زال آهين وڃ اندران بسترو کڻي کٽ تي وڇاءِ اسين سمهنداسين".
ڦتان اندران ڪمري مان بسترو کڻي کٽ تي وڇايو مولوي ڦتان کي چيو "تون ويهہ مان اچان ٿو".

اهو چئي مولوي اندر ڪمري ۾ ويو ۽ ڪمري ۾ ڏيئو ٻاري ڪنڊ ۾ پيل مٽ کي چلڪائي ڏنو. اجان شراب اٿس، هن مٽ کي وات تي چاڙهي وڏا وڏا ڍڪ پيتا ۽ ڪنڊ ۾ پيل ريشمي رومال سان ڏاڙهي، مڇن ۽ چپن کي صاف ڪرڻ لڳو.
ڦتان کٽ تي ويٺي رهي. ڪافي دير ڪان پوءِ مولوي ڪمري کان ٻاهر آيو ته هن جي هٿ ۾ پيالو هو ۽ پيالي ۾ تي پيرا پڙهي دم ڪيائين پوءِ ڦتان کي ڏنائين "وٺ هي پيالو پي وڃ".
ڦتان سارو پيالو پي وئي، اُلٽي اچڻ لڳس ته مولوي هن جي پٺيءَ کي مهٽڻ لڳو ۽ چيائين "جلدي نيڪ ٿي وڃ".
ڦتان مولوي جي ڪرامت سان جلدي نيڪ ٿي وئي ۽ مولوي صاحب هن جي جسم کي چنبڙي پيو.
صبح سوير جينان ۽ موجو گهر واپس آيا ته هنن ڏٺو ته صحن ۾ ڦتان ليٽي پئي آهي ۽ مولوي موجود ڪو نه هو موجو سوچيو ته شايد مولوي ٻاهر زمين ڏانهن ويو آهي. هن ڦتان کي ننڊ مان جاڳايو. ڦتان آرس ڀجندي آهسته آهسته اکيون کولي چپن ۾ ڀٽڪڻ لڳي.
بهشت....
بهشت... پر جڏهن هن موجوءَ کي سامهون ڏٺو ته هن مڪمل اکيون کوليون ۽ بستري تي ليٽي پئي.
موجوءَ پڇيو "مولوي صاحب ڪٿي آهي".
ڦتان اجان پوري هوش ۾ ڪو نه آئي هئي. "مولوي صاحب ڪهڙو؟ مولوي صاحب هو ته ... خبر ناهي ڪيڏانهن ويو هتي ته ڪونهي".
"ناهي" موجوءَ چيو "مان ٻاهر تو ڏسانس".
هو وڃي رهيو هو ته ڦتان جي هلڪي رڙ هن کي ٻڌڻ ۾ آئي، موجو واپس وريو. هن ڏٺو ته ڦتان ڪاشئي وهاڻي هيٺان ڪڍي رهي هئي ۽ جڏهن پوري ڪڍي ٻاهر رکيائين ته چيو "هي ڇا آهي...!".
موجوءَ چيو .... "وار"
ڦتان وارن کي فرش تي اڇلايو، موجوءَ وارن کي فرش تان کڻي غور سان نهاريو ته ڏاڙهي ۽ مُڇ".
جينان گڏ بيٺي هئي تنهن چيو "مولوي جي ڏاڙهي ۽ مُڇ".
ڦتان کٽ تي ويٺي ئي چيو "ها! ها مولوي جي ڏاڙهي ۽ مڇون آهن".
موجو وڏي چڪر ۾ پئجي ويو "ته مولوي ويو ڪيڏانهن" پر جلد هن جي سادي ۽ سٻاجهي دماغ ۾ خيال آيو ته هن جينان ۽ ڦتان کي چيو ته توهان بلڪل نه سمجهو پر مان سمجهي ويس. ڪوئي ڪرامتن وارو بزرگ هو، جيڪو اسان جو ڪم لاهي ويو ۽ هي نشاني ڇڏي ويو. هن انهن وارن کي چميو ۽ اکين تي رکيو ۽ وارن کي جينان کي ڏيندي چيو "وڃ انهن وارن کي صاف ڪپڙي ۾ ويڙهي وڏي صندوق ۾ رک، خدا جي

حڪم سان گهر ۾ برڪت رهندي. جينان اندر ڪمري ۾ وئي موجوءَ ڦتان جي پرسان ويهي رهيو ۽ پيار سان چوڻ لڳو "مان هاڻي نماز پڙهڻ سگهندس ۽ ان بزرگ لاءِ دعا گهرندس جنهن اسان ٻنهي کي ملايو. موجوءَ جي انهن لفظن تي ڦتان خاموش ٿي وئي.

# ڪاري سلوار

دهلي اچڻ کان اڳ ۾ هوءَ انبالا ڇانوڻيءَ ۾ رهندي هئي جتي ڪيئي گورا انگريز هن جا گراهڪ هئا. انهن گورن سان ملڻ جلڻ ڪري هن انگريزي جا ڏهه پندرنهن جملا سکي ورتا هئا پر هوءَ انهن جملن کي گهٽي پاڳي ڳالهائڻ وقت استعمال نہ ڪندي هئي پر جڏهن هوءَ دهلي ۾ آئيءَ هن جو ڪاروبار نہ هليو تہ هڪ ڏينهن هن پنهنجي پاڙيسري تمنچہ جان کي چيو، ”دس ليف- ويري بيڊ“ معنيٰ هي زندگي ڏاڍي خراب آهي، ڇاڪاڻ جو کجهہ کائڻ لاءِ بہ ڪونہ ٿو ملي.

امبالا ڇانوڻي ۾ هن جو ڌنڌو ڏاڍو سنو هلندو هو. ڇانوڻيءَ جا گورا شراب پي هن وٽ ايندا هئا ۽ ٽن چئن ڪلاڪن ۾ ئي اٺن ڏهن گورن سان منهن ڏئي ويهہ ويهہ رپيا ڪمائي وٺندي هئي. هي گورا هن جي هم وطنن جي مقابلي ۾ ڏاڍا سٺا هئا. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هو اهڙي زبان ڳالهائيندا هئا جنهن جو مطلب سلطانہ سمجهي نہ سگهندي هئي پر انهن جي زبان کان لاعلمي سلطانہ جي حق ۾ سٺي ثابت ٿي. جڏهن گورن کي ڪجهہ رعايت ڪپندي هئي تہ هوءَ چوندي هئي، ”صاحب منهنجي سمجهہ ۾ توهان جي ٻولي نہ ٿي اچي.“ گورا هن سان حد کان وڌيڪ ڇيڙ ڇاڙ ڪندا هئا تہ هوءَ پنهنجي زبان ۾ گورن کي گاريون ڏيڻ شروع ڪندي هئي ۽ اهي گورا حيرت مان هن جي منهن کي ڏسندا هئا.ا هوءَ چوندي هئي ”صاحب تون چبرو آهين، حرام زادو آهين – سمجهيئي؟ “ اهي لفظ چوڻ وقت هو پنهنجي لهجي ۾ سختي پيدا نہ ڪندي هئي پر وڏي پيار سان انهن کي چنپيندي هئي، ان تي گورا کلندا هئا ان وقت اهي گورا سلطانہ کي واقعي چبرا نظر ايندا هئا.

پر هتي دهليءَ ۾ جڏهن هو آئي آهي تہ هڪ بہ گورو هن وٽ نہ آيو، ٽي مهينا هن کي هندستان جي هن شهر ۾ رهندي گذري ويا، جنهن جي لاءِ هن ٻڌو هو تہ وڏا امير ماڻهو هتي رهن ٿا جيڪي گرمين ۾ شملا هليا ويندا آهن، پر صرف ڇهہ ماڻهو هن وٽ ايندا رهندا هئا. صرف ڇهہ يعنيٰ مهيني ۾ ٻہ .ٻيا بہ اڙيا ٽڙيا ان ڇهن گراهڪن کان سواءِ آيا هئا. هن کي خدا ڪوڙ کان بچائي تہ ساڍا ارڙهن رپيا وصول ٿيا هئا. ٽن رپين کان وڌيڪ ڪوبہ گراهڪ ڏيڻ لاءِ تيار ئي نہ هو، سلطانہ انهن مان پنج ماڻهن کي پنهنجو ريٽ ڏهہ رپيا ٻڌائيندي هئي پر تعجب جي ڳالهہ آ تہ انهن مان هڪ ائين چئي ڏنو تہ ”مان ٽن رپين کان هڪ رپيو بہ وڌيڪ نہ ڏيندس.“ الائي ڪهڙي سبب کان هر هڪ ماڻهو سلطانہ کي ٽن رپين جي قابل سمجهندو هو پر جڏهن ڇهون ماڻهو آيو تہ هن خود ان کي چيو، ”ڏس مان ٽي رپيا هڪ ٽائيم جا وٺندس، ان کان گهٽ بلڪل نہ هاڻي تنهنجي مرضي آهي تہ مونسان ٽائيم پاس ڪرين يا پنهنجو رستو وٺ.“ ڇهين ماڻهو اها ڳالهہ ٻڌي ڪو بہ اعتراض نہ ڪيو ۽ هن وٽ خاموشي سان هليو آيو. جڏهن هو ڪمري جي دروازي کي بند ڪري پنهنجو ڪوٽ لاهڻ لڳو تہ سلطانہ چيو ”هڪ

رپيو ڪير جو ٻه ڏي" هن هڪ رپيو ته نه ڏنو پر ڪيسي مان اٺ آنا ڪڍي هن جي تريءَ تي رکيا ۽ سلطانا خاموشي سان اٺ آنا غنيمت سمجهي ورتا ۽ پوءِ اتان هلي وئي.

ساڍا ارڙهن رپيا ٽن مهينن ۾..... ويهه رپيا ماهوار هن جي جڳهه جو ڪرايو هيو، جنهن کي مالڪ مڪان انگريزي زبان ۾ فليٽ چوندو هو، ان ۾ هڪ اهڙو واش روم هو جنهن ۾ زنجير ڇڪڻ سان ساري گندگي پاڻي جي زور سان هڪدم غائب ٿي ويندي هئي ۽ پاڻي گڙ گڙ ڪري نڪري ويندو هو. شروع شروع ۾ ته پاڻي جي گڙ گڙ هن کي وڏو ڊيڄاري وڌو، پهرين ڏينهن جڏهن هوءَ واش روم ۾ وئي ته هن جي چيلهه ۾ شدت سان سور ٿي رهيو هو. هو جڏهن رفع حاجت مان فارغ ٿي مٿي اٿي ته هن لٽڪيل زنجير جو سهارو ورتو، زنجير کي ڏسي هن کي خيال آيو ته هي فليٽ خاص ماڻهن جي رهائش لاءِ تيار ڪيو ويو هو، هيءَ زنجير ان لاءِ لڳائي وئي آهي ته اٿڻ وقت تڪليف نه ٿي ۽ سهارو ملي وڃي، پر هن جڏهن زنجير کي پڪڙي اٿڻ چاهيو ته مٿان ڪٽ ڪٽ جو آواز آيو ۽ پوءِ هڪدم پاڻي گڙ گڙ ڪري نڪتو ۽ هن جي وات مان رڙ نڪري وئي.

خدا بخش ٻئي ڪمري ۾ پنهنجو فوٽو گرافيءَ جو سامان ٺاهي رهيو هو، هڪ صاف بوتل ۾ هائيڊروڪونين وجهي رهيو هو ته هن سلطانه جي رڙ ٻڌي، ڪمري کان ٻاهر نڪري آيو ۽ سلطانه کان پڇيو"ڇا ٿيو؟- هيءَ رڙ ته تنهنجي هئي؟"

سلطانه جي دل ڌڙڪي رهي هئي. هن چيو "هي نئون واش روم آ.... الائي ڇا آهي؟ ريل گاڏيءَ ۾ لٽڪيل زنجير وانگر هتي به واش روم ۾ زنجير لٽڪيل آهي، منهنجي چيلهه ۾ سور هو مون سوچيو ته زنجير جو سهارو وٺان پر هن زنجير سان ڇيڙ ڇاڙ مون کي ايترو پريشان ڪري ڇڏيو جو تو کي ڇا ٻڌايان؟"

ان تي خدا بخش ڏاڍو کليو ۽ هن سلطانه کي واش روم بابت سڀ ڪجهه سمجهايو ۽ چيو ته هي واش روم نئين فيشن وارو آهي، جنهن ۾ زنجير ڇڪڻ سان سڄي واش روم جي گندگي هيٺ زمين ۾ دفن ٿي وڃي ٿي.

خدا بخش ۽ سلطانه جو پاڻ ۾ ڪيئن ميلاپ ٿيو هو، اها هڪ ڊگهي ڪهاڻي آهي. خدا بخش راولپنڊي جو رهاڪو هو. انٽر پاس ڪرڻ کان پوءِ هن لاري هلائڻ سکي، ڇئن سالن تائين هو راولپنڊي ۽ ڪشمير جي وچ ۾ لاري هلائيندو رهيو، ان کان پوءِ ڪشمير ۾ هن جي دوستي هڪ عورت سان ٿي جنهن کي هو ڀڄائي لاهور وٺي آيو، لاهور ۾ جڏهن هن کي ڪوبه ڪم نه مليو ته مجبورن هن ان ڪشميري عورت کي بدپيشي تي ويهاري ڇڏيو. ٻه ٽي سال مسلسل ڪم هلندو رهيو پر هوءَ عورت گهڻي دير هن سان نه هلي سگهي ۽ ٻئي شاهينگ سان گڏ ڀڄي وئي. جڏهن خدا بخش کي اها خبر پئي ته اها ڪشمير عورت امبالي ۾ آهي ته هن امبالي اچي ان عورت جي ڳولها شروع ڪئي، ڳولهيندي ڳولهيندي هن کي سلطانه ملي وئي، سلطانه به هن کي پسند ڪيو اهڙي طرح ٻنهي جو ميلاپ ٿيو.

خدا بخش جي اچڻ کان پوءِ سلطانہ جو ڪاروبار عروج تي پهتو، عورت جيئن تہ اعتماد وڏيڪ رکندي آهي تنهن ڪري سلطانہ سمجهيو تہ خدا بخش وڏو ڀاڳوان آهي، جنهن جي اچڻ سان هن جي قسمت جاڳي پئي ۽ هن جي ترقي ٿيندي وئي. اهڙي طرح سلطانہ جي دل ۾ خدا بخش جي لاءِ عزت وڌي وئي.

خدا بخش محنتي ماڻهو هو، سڄو ڏينهن محنت ڪندو هو. هن جي هڪ فوٽو گرافر سان دوستي ٿي پئي جو ريلوي اسٽيشن جي ٻاهران ڪئميرا سان فوٽو ڪڍندو هو، ان کان هن فوٽو گرافري واري هنر ۾ مهارت سکي ورتي. پوءِ هڪ ڏينهن سلطانہ کان سٺ رپيا وٺي نئين ڪئميرا خريد ڪري آيو، هن پردو ٺهرايو، ٻہ ڪرسيون خريد ڪيون ۽ فوٽو ڌوئڻ وارو سڀ سامان خريد ڪري پنهنجو جدا ڪم شروع ڪيو.

هن جي فوٽو گرافري شاندار هئي جنهن ڪري هن ٿوري وقت ۾ پنهنجو دڪان امبالا ڇانوڻي ۾ کولي ورتو، جتي هو گورن جا فوٽو ڪڍندو هو. هڪ مهيني اندر هن جي ڪيترن گورن سان واقفيت ٿي آخر هو سلطانہ کي ڇانوڻي واري علائقي ۾ وٺي ويو ۽ اتي ئي رهڻ لڳو. خدا بخش جي ذريعي ڪيئي گورا سلطانہ جي زلفن جا اسير بڻجي ويا ۽ آمدني ۾ ٻيڻي ٿي وئي.

سلطانہ ڪنن لاءِ والا خريد ڪري ورتا، ساڍ ساڍن پنجن تولن جا ڪنگڻ بہ ٺهرائي ورتا، ڏهہ پندرنهن سنيون سنيون ساڙيون بہ خريد ڪري ورتيون، گهر ۾ فرنيچر بہ نئون گهرايو ويو. قصو مختصر امبالا ڇانوڻي ۾ هو خوشحال زندگي گذارڻ لڳا پر هڪ ڏينهن خدا بخش جي دل ڪي الاءِ ڇا ٿيو جو هن دهلي وڃڻ جو فيصلو ڪري ورتو، ڪيئن سلطانہ انڪاري ڪري!! ڇاڪاڻ جو خدا بخش کي پنهنجي لاءِ مبارڪ ۽ ڀاڳن ڀري شخصيت سمجهي پئي، سلطانہ خوشيءَ خوشي سان دهلي وڃڻ قبول ڪري ورتو. هن اهو بہ سوچيو تہ دهلي جهڙي وڏي شهر ۾ جتي وڏا امير ماڻهو رهن ٿا هن جو ڌنڌو سٺو هلندو. هن پنهنجي سهيلين جي واتان دهلي جي وڏي تعريف ٻڌي هئي، هتي حضرت نظام الدين اولياءَ جي درگاهہ بہ آهي، جنهن سان سلطانہ کي بيحد عقيدت هئي، تنهن ڪري جلدي جلدي گهر جو سامان وڪڻي هوءَ خدا بخش سان گڏ دهليءَ پهتي. هتي پهچي خدا بخش ويهہ رپيا ماهوار تي هڪ ننڍو فليٽ ڪرائي تي ورتو جتي هو ٻئي رهڻ لڳا.

هڪ ئي قسم جي نون تعمير ٿيل گهرن ۾ ڊگهي قطار جيڪا سڙڪ سان گڏ هلي رهئي هئي. ميونسپل ڪاميٽي پاران شهر جو هڪ حصو خاص طور محنت ڪش ماڻهن لاءِ مقرر ڪيو هو، جيئن هو وچ شهر ۾ جڳهہ جڳهہ تي پنهنجا ننڍڙا ڪاروبار نہ ڪن، هيٺ دڪان هئا ۽ مٿي بہ ماڙ رهائشي فليٽ، سڀ عمارتون هڪ ئي ڊزائين جون هيون تنهن ڪري شروع شروع ۾ سلطانہ کي پنهنجو فليٽ ڳولهڻ ۾ وڏي تڪليف ٿي هئي پر جڏهن هيٺ ڌوبي واري پنهنجو بورڊ در جي اڳيان لڳايو تہ هن کي هڪ پڪي نشاني ملي، ”هتي ميرا ڪپڙا ڌوتا وڃن ٿا“ هي بورڊ پڙهندي ئي پنهنجو فليٽ ڳولهي وٺندي هئي. اهڙي طرح هن ڪيئي نشانيون پنهنجي گهر ڳولهڻ لاءِ قائم

ڪيون هيون ته جيئن هو پلجي نه پوي. مثال طور وڏن اکرن ۾ جتي " ڪوئلن جو دڪان" لکيل هوندو هو اتي هن جي سهيلي هيرا بائي رهندي هئي، جا ڪڏهن ڪڏهن ريڊيو تي راڳ ڳائيندي هئي. جتي "اميرن جي کاڌي جو خاص انتظام آهي" لکيل هوندو هو اتي هن جي ٻي سهيلي مختيار رهندي هئي. واڻ جي ڪارخاني مٿان انوري رهندي هئي، انوري ان ڪارخاني جي سيٺ وٽ ملازم هئي، سيٺ صاحب رات جو پنهنجي ڪارخاني جي سنڀال پاڻ ڪندو هو، ان ڪري اڪثر راتيون انوري وٽ گذاريندو هو.

دڪان کوليندي ئي گراهڪ ٿورا ايندا هئا. سلطانه بيڪار ويٺي هوندي هئي پر هن ان اميد تي پاڻ کي تسلي ڏني ته هي مهينو به گذري ويندو. ٻئي مهيني ۾ ڪافي ماڻهو ايندا پر ٻئي مهيني به هن جي ڪوٺي تي ڪو گراهڪ نه آيو. هن کي سخت پريشاني ٿي. هڪ ڏينهن هن خدا بخش کي چيو ، "خدا بخش- هتي آئي به مهينا پورا ٿي ويا آهن پر ڪنهن اسان جي ڪوٺي طرف رخ نه ڪيو آهي- مڃان ٿي اڄ ڪلهه بازار ٺڏي آهي، پر ايتري به ٺڏي نه هجي جو مهيني پر ۾ به ڪو ماڻهو شڪل ڏسڻ نه اچي!"

خدا بخش کي به اها ڳالهه پريشان ڪري رهي هئي، هو خاموش هو پر جڏهن سلطانه پاڻ هن سان ڳالهه ڇيڙي وڌي ته هن چيو، "مان ڪيترن ئي ڏينهن کان ان ڳالهه تي سوچيان ٿو، اڄ ڳالهه سمجهه ۾ آئي آهي ته جنگ جي سبب ڪري ماڻهو پريشان آهن ۽ هيڏانهن جو رستو وساري چڪا آهن، يا وري هيئن به ٿي سگهي ٿو...." هو ڪجهه چوڻ وارو ئي هو ته ڏاڪڻ تي ڪنهن جي چڙهڻ جو آواز آيو. خدا بخش ۽ سلطانه ان آواز طرف ڌيان ڏنو ، ٿوري دير ۾ در تي ٺڪ ٺڪ ٿي. خدا بخش وڃي دروازو کوليو. هڪ ماڻهو اندر داخل ٿيو، هي پهريون گراهڪ هو، جنهن ٽن رپين ۾ سودو طئه ڪيو. ان کان پوءِ پنج ٻيا آيا، معنيٰ ٽن مهينن ۾ ڇهه ماڻهو جنهن مان سلطانه کي صرف ساڍا ارڙهن رپيا وصول ٿيا. ويهه رپيا ماهوار فليٽ جي ڪرائي ۾ هلايا ويندا هئا. پاڻي جو ٽيڪس، بجلي جو بل جدا هو، ان کان سواءِ گهر جا ٻيا خرچ به هئا. جنهن ۾ کاڌو پيتو، لٽا ڪپڙا دوا دارون شامل هو. ساڍا ارڙهن رپيا ٽن مهينن ۾ آيا ته هن کي آمدني نه ٿو چئي سگهجي. سلطانه پريشان ٿي وئي. ساڍن پنجن تولن جا اٺ ڪنگڻ جيڪي هن امبالي ۾ نهرائي ورتا هاء آهستي آهستي وڪڻ شروع ڪيائين. جڏهن آخري ڪنگڻ وڃي بچيو ته هن خدا بخش کي چيو، "تون منهنجي ڳالهه ٻڌ ۽ هل ته واپس امبالي ۾ هلون، هتي اسان جو ڇاهي؟ اسان کي هي شهر راس نه آيو، تنهنجو ڪم به امبالي ۾ سٺو هلندو هو، هل ته اُتي هلون. جيڪو نقصان ٿيو آهي، ان کي پنهنجي سر جو صدقو سمجهي هن آخري ڪنگڻ کي به وڪڻي اچ، مان سامان ٻڌي ٿي ونان اڄ رات جي گاڏي ۾ هتان نڪري هلنداسين."

خدا بخش آخري ڪنگڻ سلطانه کان ورتو ۽ چيو، "نه منهنجي جان، امبالا هاڻي ڪونه هلنداسين. هاڻي دهلي ۾ ئي رهي ڪمائينداسين. هي تنهنجون چوڙيون ۽ ڪنگڻ

سپ واپس ايندا. الله تي ڀروسو رک هو وڏو ڪار ساز آهي، هتي به ڪونه ڪو هيلو وسيلو بڻائيندو.“

سلطانه خاموش ٿي وئي. هن جو آخري ڪنگڻ به هن جي ٻانهن مان لهي ويو، هن کي گهڻو ڏک پهتو، پر هوءَ ڇا ڪري. پيٽ به ته آخر ڪنهن حيلي سان پالڻو آهي. جڏهن پنج مهينا گذري ويا آمدني خرچ جي مقابلي ۾ چوٿائيءَ کان به گهٽ رهي ته سلطانه وڏيک پريشان ٿي وئي. خدا بخش به سارو ڏينهن گهر کان ٻاهر رهڻ لڳو. سلطانه کي اهو ڏک به کائي ويو. ان ۾ ڪو شڪ نه هو ته پاڙي ۾ هن سان به ٻه ٽي سهيليون ملڻ ايندڙيون هيون، جن سان هوءَ پنهنجو فارغ وقت گذاريندي هئي پر هن وٽ روز انهن جو اچڻ ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهڻ هن کي برو لڳندو هو، تنهن ڪري آهسته آهسته سلطانه انهن سهيلين سان ملڻ جلڻ بند ڪري ڇڏيو. سارو ڏينهن هوءَ گهر ۾ اڪيلي رهندي هئي. ڪڏهن هو پنهنجي پراڻن ڦاٽل ڪپڙن جي سلائي ڪندي هئي ته ڪڏهن ٻاهر بالڪونيءَ ۾ لوهي جهنگلي وٽ بيهي رهندي هئي ۽ سامهون ريلوي شيڊ ۾ انجڻن کي ڏسندي ڪلاڪن جا ڪلاڪ بي مطلب وقت گذاريندي هئي.

سڙڪ جي ٻئي طرف مال گدام هو جيڪو هڪ ڪنڊ کان ٻئي ڪنڊ تائين ڦهليل هو. ساڄي هٿ تي لوهي ڇت جي هيٺان وڏيون وڏيون ٻوريون پيل هيون ۽ هر قسم جو سامان وکريل پيو هوندو هو جڏهن ته کٻي هٿ تي هڪ وڏو ميدان هو، جنهن اندر بيشمار ريل جون پٽڙيون وڇايل هيون. اس ۾ لوهه جون پٽڙيون چمڪنديون هيون ته سلطانه پنهنجي هٿن طرف ڏسندي هئي جن جون نيريون رڳون بلڪل ان پٽڙين وانگر ابريل نظر اينديون هيون. ان ڊگهي ۽ کليل ميدان ۾ هر وقت انجڻ ۽ گاڏا هلندا رهندا هئا، ڪڏهن هت ته ڪڏهن هت. انهن انجڻن ۽ گاڏن جي هلڻ سان ڇڪ ڇڪ ڦڪ ڦڪ جو آواز گونجندو هو. هڪ ڏينهن صبح سوير جڏهن هوءَ ننڊ مان اٿي بالڪونيءَ ۾ آئي ته هن کي هڪ عجيب منظر نظر آيو. ڌنڌ ۾ انجڻن مان گهاٽو دونهون نڪري رهيو هو، جيڪو آسمان طرف ٿلهن ماڻهن وانگر مٿي ويندي نظر آيو، ٻاڦ جا وڏا وڏا ڪڪر هڪ وڏي آواز سان پٽڙين مان اٿندا نظر آيا، جيڪي اک ڇنڀ جي دير ۾ پاڻ ۾ ملي ٿي ويا، پوءِ ائين محسوس ٿي رهيو هو ته ريل گاڏي جي ڪنهن دٻي کي انجڻ ڌڪو ڏئي ڇڏي ڏنو هجي ۽ اهو دٻو اڪيلو پٽڙين تي هلندو ڏسي هن کي پنهنجو خيال آيو. هوءَ سوچي پئي ته هن کي به ڪنهن زندگيءَ جي پٽڙي تي ڌڪو ڏئي ڇڏي ڏنو آهي ۽ هوءَ خوبخود هلي رهي آهي، ٻيا ماڻهو هن جو ڪانٽو بدلائي رهيا آهن ۽ هوءَ هلي رهي آهي.- پوءِ هڪ ڏينهن اهڙو ايندو جو ڌڪي جو زور به آهستي آهستي ختم ٿي ويندو. هوءَ ڪٿي بيهجي ويندي، ڪنهن اهڙي جڳهه تي جيڪا هن ڪڏهن ڏٺي به نه هوندي!

هوءَ ته اڪثر بنا مقصد ڪيئي ڪلاڪ ريل جي انهن پٽڙين تي هلندڙ انجڻن طرف ڏسندي رهندي هئي ۽ طرح طرح جا خيال هن جي دماغ ۾ ايندا رهندا هئا. امبالا ڇانوڻي ۾ جڏهن هوءَ رهندي هئي ته اسٽيشن جي ڀرسان ئي هن جو گهر هيو پر اتي هن ڪڏهن به انهن شين کي اهڙين نظرن سان نه ڏٺو هو. هاڻي ته هن جي دماغ ۾ اهو

خيال هر هر ڦري رهيو هو. جيڪو سامهون ريل جي پٽڙين جو حال هيو، جڳهه جڳهه ٻاڦ ۽ دونهون اٿي رهيو هو، هڪ تمام وڏو ڇڪلو لڳي رهيو هو. جتي ڪيترين ريل گاڏيون هيون جن کي چند ڳورا انجڻ ڌڪي رهيا هئا. سلطانه کي اهي ڳورا انجڻ سيٺ محسوس ٿيندا هئا، جيڪي امبالا ۾ هن وٽ ايندا ويندا هئا. پوءِ وري ڪڏهن ڪڏهن هو ڪنهن انجڻ کي آهسته آهسته گاڏن جي قطار وٽان گذرندي ڏسندي هئي ته هن کي محسوس ٿيندو هو ته ڇڪلي جي بازار ۾ مٿي ڪوٺن طرف ڪو نهاريندو پيو وڃي.

سلطانه سمجهي پئي ته اهي ڳالهيون سوچڻ دماغ جي خرابي جو سبب بڻجي سگهن ٿيون. ان خيال کان هن بالڪوني ۾ وڃڻ ڇڏي ڏنو. خدا بخش کي هن ڪيئي ڀيرا چيو ، ”ڏس منهنجي حال تي رحم ڪر هاڻ تون گهر ۾ رهندو ڪر. مان سڄو ڏينهن بيمارن وانگر پئي آهيان.“ پر خدا بخش هر دفعي سلطانه کي اهو چئي تسلي ڏني،”جان من.... منهنجي ٻاهر وڃڻ جو سبب روزگار جي ڳولا آهي، الله ڪندو ته ڪجهه ڏينهن ۾ ٻيڙو پار ٿي ويندو.“

پورا پنج مهينا گذري ويا پر سلطانه جو ٻيڙو پار نه ٿيو ۽ نه وري خدا بخش جو. محرم جو مهينو مٿان اچي رهيو هو پر سلطانه وٽ ڪارا ماتمي ڪپڙا نهرائڻ لاءِ پئسا ڪونه هئا. مختيار ليڊي هيملٽن واري نئين ڊزائين جي قميص نهرائي هئي، جنهن جون ٻانهون ڪاري جهارجهٽ جون هيون، ان سان گڏ ميچ لاءِ هن وٽ ڪاري ساٽن جي سلوار هئي، جيڪا ڪجل وانگر چمڪندي هئي. انوريءَ ريشمي جارجهٽ جي هڪ وڏي ملائم ساڙهي خريد ڪئي هئي. هن سلطانه کي ٻڌايو ته هوءَ ساڙهي جي هيٺان سفيد بوسڪي جو پيٽي ڪوٽ پائيندي جيڪو نئون فيشن آهي. ساڙهيءَ سان گڏ پائڻ لاءِ انوري ڪاري بخمل جو هڪ جوتو به خريد ڪري آئي هئي. سلطانه جڏهن اهي سڀ شيون ڏٺيون ته هن کي اهو احساس ڪائي ويو ته محرم ملهائڻ لاءِ هن وٽ اهڙو لباس خريد ڪرڻ جي طاقت ناهي.

انوري ۽ مختيار وٽ جڏهن اهي ڪپڙا ڏسي گهر واپس آئي ته هن جي دل ڏاڍي غمگين ٿي، هن کي ائين معلوم ٿيو ته ڄڻ هن جي جسم ۾ ناسور پيدا ٿي چڪو هجي. گهر بلڪل خالي هو خدا بخش هميشه جيان ٻاهر هو، دير تائين هو رلهيءَ تي وهاڻو رکي هيٺ ليٽي پئي هئي، پر جڏهن هن جي ڳچي مٿي هئڻ ڪري سور ٿيو ته هو اتان اٿي ٻاهر بالڪوني ۾ هلي آئي جيئن ڏکايل خيالن کي دماغ مان ڪڍي سگهي.

سامهون پٽڙين تي ريل گاڏي جا ڊٻا بيٺا هئا، پر اتي ڪا به انجڻ موجود نه هئي. شام جو وقت هو اوندهه ٿيڻ واري هئي. بازار ۾ اهڙن ماڻهن جي اچ وڃ شروع ٿي چڪي هئي جيڪي هيڏي هوڏي نهاريندي پنهنجي گهرن ڏانهن راهي هئا. انهيءَ دوران هڪ ماڻهو ڪنڌ مٿي ڪري سلطانه طرف نهاريو. سلطانه به هن ڏانهن ڏسي مسڪرايو، ٻئي طرف کان سلطانه اهو وساري ويٺي ته سامهون پٽڙين تي هڪ انجڻ اچي رهي هئي. سلطانه ان طرف غور سان ڏٺو ۽ هن جي دل ۾ خيال آيو ته انجڻ به ڪاري رنگ جو لباس پهريو آهي. اهڙو عجيب و غريب خيال دماغ مان ڪڍڻ لاءِ هن هڪ ڀيرو وري

سڙڪ ڏانهن نهاريو ته اهو ساڳيو ماڻهو ريل گاڏي پرسان بيٺو هو جيڪو سلطانه طرف حوس ڀري نظرن سان نهاري رهيو هو. سلطانه هن کي هلڪو هٿ جو اشارو ڏنو ۽ ان ماڻهو هيڏي هوڏي ڏسي سلطانه کي اشارو ڪيو ته ڪهڙي طرف کان اچي؟سلطانه هٿ جي اشاري سان هن کي مٿي اچڻ جو رستو ٻڌايو. ٿوري دير ۾ اهو ماڻهو مٿي هليو آيو.

سلطانه هن کي رلهيءَ تي ويهاريو. جڏهن هو ويٺو ته هن ڳالهائڻ ٻولهائڻ شروع ڪندي چيو، ”مٿي ايندي ڊڄو پيا؟“ هن ماڻهو اهو ٻڌي مسڪرائيندي چيو، ”تو کي ڪيئن معلوم ٿيو...؟ گهبرائڻ جي ڪا ڳالهه ئي ڪونهي.“

سلطانه چيو، ”اهو مون ان لاءِ چيو ته توهان دير تائين اتي بيٺا رهيا ۽ پوءِ ڪجهه سوچي مٿي آيئو.“

هن اهو ٻڌي ڏاڍو مسڪرايو، ”تو کي غلط فهمي ٿي آهي مان تنهنجي مٿان واري فليٽ طرف ڏسان پيو، ته اتي به هڪ عورت بيٺي هئي جيڪا ڪنهن مرد کي آڱوٺا ڏيکاري رهي هئي. مون کي اهو منظر پسند آيو پر بالڪوني ۾ سبز بلب روشن ٿيو ته مان ڪجهه دير بيهي رهيس، سبز روشني مون کي ڏاڍي پسند آهي اکين کي سٺي لڳندي آهي.“ اهو چئي هن ڪمري جو جائزو ورتو ۽ پوءِ اٿي بيٺو

سلطانه پڇيس ”توهان وڃي رهيا آهيو؟“

هن ماڻهو جواب ڏنو ”نه، مان تنهنجي هن گهر کي ڏسڻ چاهيان ٿو — هل مون کي سمورا ڪمرا ڏيکار.“

سلطانه هن کي ٽئي ڪمرا هڪ هڪ ڪري ڏيکاريا. هن ماڻهو بلڪل خاموشيءَ سان انهن ڪمرن کي ڏٺو جنهن کان پوءِ هو ٻئي واپس ساڳي ڪمري ۾ آيا، جتي پهريون ويٺا هئا ته ان ماڻهوءَ چيو ”منهنجو نالو شنڪر آهي.“ سلطانه پهريون دفعو غور سان شنڪر طرف نهاريو. هو ننڍي وچولي قد جو معمولي شڪل ۽ صورت جو ماڻهو هو پر هن جون اکيون غير معمولي طور تي صاف ۽ شفاف هيون. ڪڏهن ڪڏهن اکين ۾ هڪ عجيب قسم جي چمڪ پيدا ٿئي پئي طاقتور ۽ ڪسرتي جسم وارو هو، ڪنن جي مٿان ٿورا اڇا وار هئس، خاڪي رنگ جي گرم پتلون پاتل هئس. سفيد قميص، جنهن جو ڪالر ڳچي وٽان مٿي هيو.

شنڪر ڪجهه وقت ان رلهي تي ائين ويٺو رهيو ڄڻ لڳي پيو ته سلطانه هن جي گراهڪ هجي. ان احساس سلطانه کي پريشان ڪري ڇڏيو تنهن ڪري هن شنڪر کي چيو، ”حڪم ڪيو.....“

شنڪر ويٺو هو، اهو ٻڌي ڪري ليٽي پيو ”مان ڇا چوان ڪجهه تو چئه. سڏ به مون کي تو ئي ڪيو آهي.“ جڏهن سلطانه ڪجهه نه ڳالهايو ته اهو ماڻهو اٿي بيٺو،

سلطانا ڪجهه ڳالهائڻ چاهيو، ”مون سمجهيو....“

ان ماڻهوءَ چيو، ”هاڻي منهنجي ڳالهه ٻڌ. جيڪو ڪجھ تو سممجهيو اهو غلط آهي. مان انهن ماڻهن منجهان ناهيان جو ڪجھ ڏين، ڊاڪٽرن وانگر منهنجي بہ فيس آهي. مون کي جڏهن تو مٿي گهرايو تہ فيس تہ تو کي هاڻي ڏيڻي پوندي.“

اهو ٻڌي سلطانہ جو ذهن چڪرائجي ويو، پر ان جي باوجود هن کان بي اختيار کل نڪري وئي، ”توهان ڇا ڪندا آهيو؟“

شنڪر جواب ڏنو ”اهو جيڪو ڪم توهان ڪندا آهيو.“

”ڇا...؟“

”تون ڇا ڪندي آهين؟“

”مان... .مان.... مان ڪجھ بہ تہ ناهيان ڪندي.“

”مان بہ ڪجھ نہ ڪندو آهيان.“

سلطانہ ڪاوڙ مان چيس، ”اها تہ ڳالھ نہ ٿي....توهان ڪجھ نہ ڪجھ تہ ضرور ڪندا هوندؤ.“

شنڪر وڏي اطمينان سان جواب ڏنو، ”تون بہ تہ ڪجھ نہ ڪجھ ضرور ڪندي هوندينءَ“

”جهڪ ماريندي آهيان.“

”مان بہ جهڪ ماريندو آهيان.“

”تہ اچ ٻئي جهڪ ماريون.“

”مان حاضر آهيان، مگر جهڪ مارڻ جا پئسا مان ڪڏهن ڏيندو ناهيان.“

”هوش ڪر... هي لنگر خانو ناهي.“

”مان بہ والنٽيئر ناهيان.“

سلطانہ اهو ٻڌي چپ ٿي وئي. هن پڇيو ”والنٽيئر ڇا ٿيندو آهي؟“

شنڪر جواب ڏنو ”ڇٻرو.“

”پر مان تہ ڇٻري ناهيان!“

”پر هو خدا بخش جيڪو تو سان گڏ رهندو آهي اهو ضرور ڇٻرو آهي.“

”ڇو؟“

”ان لاءِ تہ هو ڪيترن ئي ڏينهن کان هڪ اهڙي خدا ترس فقير وٽ پنهنجي قسمت بهتر بنائڻ خاطر وڃي ٿو، جنهن جي پنهنجي قسمت زنگ ڳل تالي ۾ بند آهي.“ اهو چئي شنڪر وڏو ٽهڪ ڏنو.

سلطانہ چيو، ”تون هندو آهين ان لاءِ تو کي اسان جي بزرگ هستين جو مذاق نہ اڏائڻ گهرجي.“

شنڪر مسڪرايو، ”اهڙين جاين تي هندو مسلم سوال پيدا نہ ٿو ٿئي.“

”تون هرو ڀرو ڇو ٿو ابتيون سبتيون ڳالهيون ڪرين.... رڳو ڳالهائيندو رهندين ڇا؟“

”انهيءَ شرط تي جيڪو مان تو کي ڦريون ٻڌائي چڪو آهيان....“

سلطانہ اُٿي بيني ”هاڻي هتان هليو وڃ پنهنجو رستو وٺ.“

شنڪر آرام سان اٿيو، پتلون جي ڪيسن ۾ ٻئي هٿ وڌائين ۽ ويندي ويندي چيائين، “مان ڪڏهن ڪڏهن هن بازار مان گذرندو آهيان، جڏهن بہ تو ڪي منهنجي ضرورت پوي مون کي سڏي ونجانءِ..... مان وڏي ڪم جو ماڻهو آهيان.”

شنڪر هليو ويو. سلطانہ ڪاري رنگ وارو لباس وساري دير تائين اهو سوچيندي رهي تہ هن ماڻهوءَ جي ڳالهين هن جي ڏک کي هلڪو ڪيو آهي. اگر هو امبالي ۾ آيو هجي ها جتي هوءَ خوشحال هئي تہ هوءَ ان ماڻهوءَ کي ڪنهن ٻي رنگ ۾ ڏسي ها. ممڪن هو تہ ان ماڻهو کي هوءَ ڌڪا ڏئي ٻاهر ڪڍي ها پر هتي هوءَ ڏاڍي اُداس رهندي هئي ۽ غريب بہ ٿي وئي هئي تنهن ڪري شنڪر جون ڳالهيون هن کي پسند آيون.

شام جو جڏهن خدا بخش آيو سلطانہ هن کان پڇيو “اج تون ساور ڏينهن ڪٿي غائب هئين؟”

خدا بخش ٿڪجي چور چور ٿي چڪو هو ، تنهن وراڻي ڏنس، “پراڻي قلعي کان پيو اچان، جتي هڪ بزرگ ڪجهہ ڏينهن کان ترسيل آهي، ان وٽ روزانو ويندو آهيان تہ جيئن اسان جا ڀلا ڏينهن اچن .....”

“تو کي ان بزرگ ڪجهہ اُميد ڏني آهي؟”

“نہ اجا تائين هو مون مٿان مهربان نہ ٿيو آهي، پر سلطانہ مان ان جي خدمت ڪيان ٿو ،ان جو اجر ضرور ملندو، الله جي فضل سان مان ان وٽ روزانو ويندو رهيس تہ ضرور اسان جا ڀاڳ ڀلا ٿيندا.”

سلطانہ جي دماغ ۾ محرم جو خيال هو. خدا بخش کي روئڻهارڪي لهجي ۾ چوڻ لڳي تہ “سڄو ڏينهن گهر کان ٻاهر ٿو رهين.... ۽ مان هتي پڃري ۾ قيد رهان ٿي نہ ڪنهن ڏانهن اچي ٿي سگهان، نہ وري وڃي ٿي سگهان. محرم مٿان اچي پيو، پر تو کي ڪو فڪر ئي ناهي تہ مون کي ڪارا ڪپڙا وٺڻا آهن، گهر ۾ ٽڪو بہ ناهي منهنجا سونا ڪنگڻ هيا سي بہ هڪ هڪ ڪري وڪڻي ڇڏيئي، هاڻي تون ئي ٻڌاءِ تہ ڇا ٿيندو؟ هئين فقيرن جي پويان ڪيستائين ڦرندو رهندين. مون کي اهو ٿو نظر اچي تہ هتي دهليءَ ۾ خدا بہ اسان کان منهن موڙي چڪو آهي، منهنجي مڃين تہ پهنجو ڪم ڪار شروع ڪر ڪجهہ تہ سهارو ملي پوندو.”

خدا بخش رلهيءَ تي ليٽندي چيو، “پر ڪم شروع ڪرڻ لاءِ بہ تہ پئسا ڪپن- خدا جي واسطي اهڙيون ڏک ڀريون ڳالهيون تہ نہ ڪر مون کان هاڻي برداشت نہ ٿو ٿئي. مون سچ پچ تہ امبالا کي ڇڏڻ واي وڏي غلطي ڪئي هئي، پر جيڪو ڪجهہ ٿئي ٿو اهو سڀ ڪجهہ الله جي وس ۾ آهي، ۽ هو اسان لاءِ ڀلائي ڪندو، ٿي سگهي ٿو ڪجهہ تڪليفن برداشت ڪرڻ کان پوءِ اسان.....”

سلطانہ خدا بخش جي ڳالهہ ڪٽيندي چيو “تون خدا واسطي ڪجهہ ڪر تہ سهي. چوري ڪر يا ڌاڙو هڻ پر مون کي هڪ سلوار جو ڪپڙو ضرور وٺي ڏي. مون وٽ سفيد بوسڪيءَ جي هڪ قميص پئي آهي، ان کي مان ڪارو رنگ ڏياري ٿي وٺان ۽ سفيد رنگ جو رئو بہ مون وٽ موجود آهي، اهو ئي جيڪو تو مون کي ديواليءَ تي ڏنو هو،

ان کي بہ قميص سان گڏ ڪارو رنگ ڪرايان ٿي. بس رڳو سلوار جي ڪوٽ آهي. ڇا بہ ٿي پئي اها سلوار مون کي وٺي ڏي.... ڏس، تو کي منهنجو قسم، ڪٿان نہ ڪٿان مون کي ضرور وٺي ڏي-”
خدا بخش اٿي وينو” هاڻي تون هرو ڀرو ان ڳالهہ تي زور ڏئي رهي آهين- مان ڪٿان آڻيان- مون کي آفيم کائڻ لاءِ بہ پئسا ڪونهن.“ڪجهہ بہ ڪر پر مون ساڍن چئن والن واري ڪاري ساٽن جي سلوار خريد ڪري ڏي”
“دعا ڪر اڄ رات ئي الله تعاليٰ بہ ٽي گراهڪ توڏي موڪلي ڏي.”
“پر تون ڪجهہ نہ ڪندين- تون جيڪڏهن چاهين تہ ايترا پئسا پيدا ڪري سگهين ٿو. جنگ کان پهريائين ساٽن جو ڪپڙو ٻارنهن چوڏهن آنن ۾ وال ملي ويندو هو سو هاڻي سوا رپئي وال جي حساب سان ملي ٿو. ساڍن چئن والن تي ڪيترو خرچ ٿيندو؟”
“تون چوين ٿي تہ ڪوشش ڪريان ٿو.” اهو چئي خدا بخش اٿيو.
“هاڻي تون انهن ڳالهين کي وساري ڇڏ تہ مان هوٽل تان ماني وٺي اچان”.
خدا بخش هوٽل تان ماني وٺي آيو، ٻنهي گڏجي ماني کاڌي ۽ سمهي پيا. صبح ٿيو تہ خدا بخش پراڻي قلعي واري بزرگ فقير وٽ هليو ويو ۽ گهر ۾ سلطانہ اڪيلي رهجي وئي ٿوري دير ليٽي رهي ڪجهہ دير سمهي پئي، هيڏي هوڏي ڪمرن ۾ گهمندي رهي، منهجند جي ماني کائڻ کان پوءِ هن پنهنجو سفيد رئو ۽ سفيد بوسڪي جي قميص کڻي هيٺ لانڊري واري کي رنگڻ لاءِ ڏئي آئي، جتي ڪپڙن ڌوئڻ کانسواءِ رنڱائي جو ڪم بہ ٿيندو هو.
اهو ڪم ڪرڻ کان پوءِ واپس اچي هو فلمي رسالن کي پڙهڻ لڳي جنهن ۾ هن جي ڏٺل فلمن جون ڪيترين ئي ڪهاڻيون ۽ گيت ڇپيل هئا. هوءَ ڪتاب ۽ رسالا پڙهندي پڙهندي سمهي پئي، جڏهن ننڊ مان اٿي تہ شام جا چار ٿي چڪا هئا، اس اڱڻ ۾ ٿوري موجود هئي. هوءَ اُن جي سهڻي گرم چادر ويڙهي اچي بالڪوني ۾ ويٺي. هڪ ڪلاڪ سلطانہ بالڪوني ۾ ويٺي رهي هاڻي تہ سج بہ لهڻ وارو هو. بتيون روشن ٿي چڪيون هيون، هيٺ سڙڪ تي رونق لڳي پئي هئي. سردي ۾ شدت هئي. سڙڪ تي ايندڙ ويندڙ ٽانگن ۽ موٽرن جي طرف ڪجهہ وقت هو ڏسندي رهي، ايتري ۾ هن کي اوچتو شنڪر نظر آيو. گهر جي هيٺان پهچندي ئي هن ڪنڌ مٿي ڪري سلطانہ کي ڏسي مسڪرايو. سلطانہ نہ چاهيندي بہ هن کي هٿ جو اشارو ڏئي مٿي سڏي ورتو.
جڏهن شنڪر مٿي آيو تہ سلطانہ سخت پريشان ٿي تہ هاڻي هن کي ڇا چوي. دراصل هن شنڪر کي ائين ئي بنا سوچ سمجهہ جي اشارو ڪيو هو. شنڪر بي حد مطمئن هو، هو گهر ۾ ائين وينو هو جيئن پنهنجي گهر ۾. وڏي بي تڪلفيءَ سان پهرين ئي ڏينهن وانگر، هو وهاڻو مٿي هيٺان ڏئي ليٽي پيو. جڏهن سلطانہ دير تائين هن سان نہ ڳالهايو تہ هن سلطانہ کي چيو، ”تون مون کي سئو دفعا مٿي سڏي سگهين ٿي ۽ سئو دفعا چئي سگهين ٿي تہ گهر مان نڪري وڃ..... مان تنهنجي ڳالهين تي ناراض نہ ٿيندس.”

سلطانه پريشان ٿيندي چيو، ”ويهه تو ڪي وڃڻ لاءِ ڪير ٿو چوي.“
شنڪر مسڪرايو، ”ته هاڻي منهنجون شرطون تو کي سڀ منظور آهن!“
سلطانه مسڪرائيندي چيو ”ڇا تون مون سان نڪاح ڪري رهيو آهين؟“
”نڪاح يا شادي ڇا جي؟ نه تون ڪنهن سان پوري عمر نڪاح ڪري سگهندينءَ ۽ نه مان. اهي سڀ رسمون اسان جي لاءِ ناهن.... ڇڏ انهن فضول ڳالهين کي ڪم جي ڳالهه ڪر.“
”ٻڌاءِ ڪهڙي ڳالهه ڪيان؟“
”تون عورت آهين.... اهڙي ڳالهه شروع ڪر جو ٻه گهڙيون منهنجي دل بهلجي وڃي، هن دنيا ۾ صرف دڪاندار ئي ته ناهن، ڪجهه ٻيو به آهي.“
سلطانه ذهني طور تي هاڻي شنڪر کي قبول ڪري چڪي هئي، سا چوڻ لڳي، ”صاف صاف چئه تو کي مون کان ڇا گهرجي؟“
”جيڪو تو کان ٻيا گهر ڪندا آهن.“ ليٽيل شنڪر اٿي ويهي رهيو.“
”تو ۾ ۽ ٻين ۾ پوءِ ڪهڙو فرق رهندو؟“
”تو ۾ ۽ مون ۾ ڪو فرق ڪونهي. ها پر ٻين ۽ مون ۾ زمين آسمان جو فرق آهي.“
”اهڙيون ڪوڙ ساريون ڳالهيون آهن جيڪي پڇبيون ناهن، ماڻهو پاڻ سمجهي ويندو آهي....“
”سلطانه ڪافي دير تائين شنڪر جي ڳالهه کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پوءِ چيو، ”مان سمجهي وئي آهيان“
ته ٻڌاءِ تنهنجو ڇا ارادو آهي؟“
”تون ڪٿي وئين مان هارائي ويس، پر مان چوان ٿي اڄ ڏينهن تائين تنهنجي ائين ڪنهن به ڳالهه قبول نه ڪئي هوندي.“
”تون غلط ٿي چوين.... هن محلي ۾ ڪيتريون ئي ساديون عورتون ملي وڃن ٿيون، جو تو کي يقين نه ايندو ته عورت اهڙي ذلت به قبولي ٿي وٺي، جيڪا تو بغير ڪنهن احساس جي قبول ڪري ورتي آهي.... تنهنجو نالو سلطانه آهي نه؟“
”ها، سلطانه آهي.“
شنڪر اٿي بيٺو ۽ کلڻ لڳو ”منهنجو نالو شنڪر آهي... منهنجو نالو به عجيب آهي، هلي آ ته اندر ڪمري ۾ هلون.“
شنڪر ۽ سلطانه رلهي واري ڪمري ۾ واپس آيا. ٻئي هڪ ٻئي کي ڏسي مسڪرائي رهيا هئا. خبر ناهي ڪهڙي ڳالهه تي. جڏهن شنڪر وڃڻ لڳو ته سلطانه چيس”شنڪر! منهنجي هڪڙي ڳالهه مجيندين؟“
شنڪر چيس”پهرين ڳالهه ٻڌاءِ.“
سلطانه پشيمان ٿيندي چيو، ”تون چوندين ته مان پئسا وصول ڪرڻ چاهيان ٿي پر....“
”چئه چئه... چپ ڇو وئينءَ؟“

سلطانہ همت ڪان ڪم وٺندي چيو "محرم اچي رهيو آهي ۽ مون وٽ ايترا پئسا ڪونهن تہ مان ڪارو سلوار ٺهرائي سگهان..... منهنجي گهر جا حال تنهنجي اڳيان آهن. قميص ۽ رئو مون وٽ موجود آهن جيڪي مون رنگ واري کي رنگڻ لاءِ ڏنا آهن."
شنڪر اهو ٻڌي چيو "تون چا ٿي چاهين تہ مان تو کي ڪجهہ پئسا ڏيان جو تون ڪاري سلوار ٺهرائي سگهين؟"
سلطانہ جلدي ۾ جواب ڏنو "نہ منهنجو مطلب هي آهي تہ جيڪڏهن ٿي سگهئي تہ تون مون کي هڪ ڪاري سلوار ٺهرائي ڏي."
شنڪر مسڪرايو، "منهنجي کيسي ۾ اتفاق سان ڪڏهن ڪڏهن ڪجهہ پئسا هوندا آهن. بهرحال مان ڪوشش ڪيان ٿو تہ محرم جي پهرين تاريخ تي توکي ڪاري سلوار ملي. بس هاڻي تہ خوش ٿي."
سلطانہ جي ڪنن ۾ پيل والن ڪي ڏسندي شنڪر چيو، "چا هي والا تون مون کي ڏئي سگهين ٿي؟"
سلطانہ مسڪرائيندي چيو "تون انهن کي چا ڪندين؟ چاندي جا معمولي والا آهن، جن جي قيمت وڌ ۾ وڌ پنج رپيا ٿيندي."
ان تي شنڪر چيس، "مون تو کا والا گهريا آهن انهن جي قيمت ناهي پڇي؟ ٻڌاءِ ڏين ٿي؟"
"هان هي وٺ." سلطانہ والا لاهي شنڪر کي ڏنا.
شنڪر جي وڃڻ ڪان پوءِ هن کي ڏاڍو افسوس ٿيو پر شنڪر وڃي چڪو هو. سلطانہ کي قطعي يقين نہ هو تہ شنڪر پنهنجو واعدو پورو ڪندو ، پر اٺن ڏينهن ڪان پوءِ محرم جي پهرين تاريخ تي صبح جو نائين وڳي دروازي تي ٺڪ ٺڪ ٿي. سلطانہ در کوليو تہ سامهون شنڪر بيٺو هو. هن اخبار ۾ ويڙهيل شيءِ سلطانہ کي هٿن ۾ ڏيندي چيو "ساٽن جي ڪاري سلوار آهي. ڏسي وٺ، شايد ڊگهي نہ هجي.... هاڻي مان هلان ٿو."
شنڪر سلوار ڏئي هليو ويو. هن سلطانہ سان وڌيڪ ڪا بہ ڳالهہ نہ ڪئي. هن جي پتلون ۾ گهنج پيل هئا ۽ سندس وار وکريل هئا. ائين پيو لڳي جڻ هاڻ ڪو ننڊ مان اٿي سڌو هن وٽ آيو هجي.
سلطانہ اخبار ۾ ويڙهيل شيءِ کي کولي ڏٺو، ساٽن جي ڪاري سلوار هئي ۽ اهڙِ ئي سلوار هئي جيڪا هوءَ مختيار وٽ ڏسي آئي هئي. سلطانہ ڏاڍي خوش هئي ۽ والن جي سودي جو هن کي افسوس نہ هو، ڇو تہ سلوار ڏئي شنڪر پنهنجو واعدو وفا ڪيو هو.
ٻن پهرن جو هوءَ هيٺ لانڊري واري وٽان پنهنجي رنگيل قميص ۽ رئو کڻي آئي. ٽئي ڪارا ڪپڙا جڏهن هن پنهنجي تن تي پهريا تہ دروازي تي ٺڪ ٺڪ ٿي. سلطانہ دروازو کوليو تہ مختيار داخل ٿي. هن سلطانہ جي ٽن ڪپڙن واري ڪاري لباس کي ڏسندي چيو "قميص ۽ رئو تہ رنگيل ٿو محسوس ٿئي پر هي سلوار نئين آهي..... ڪڏهن نهرائي اٿئي؟"

سلطانہ چيو، "اڄ ئي درزي ڪٽي آيو هو."
اهي لفظ جڏهن هن چيا تہ هن جون نظرون مختيار جي ڪنن تي پيون، "هي والا ڪٿان ورتا اٿئي؟"
مختيار جواب ڏيندي چيس، "اڄ ئي گھرائي ورتا آهن."
ان کان پوءِ ٻنهي وچ ۾ ٿوري دير تائين خاموشي ڇانئجي وئي.

# هوءَ ڇوڪري

شام جا چار ٿيا هئا، سخت گرمي هئي، جيئن ٻن پهرين جو 12 وڳي سخت گرمي ٿيندي آهي. هاڻ به ساڳيو ئي حال هو. هن بالڪونيءَ کان نهار ڪئي ته هن کي هڪ ڇوڪري نظر آئي جيڪا اُس ۽ گرميءَ کان بچڻ لاءِ وڻ هيٺان پلٽي هڻي ڏئي ويٺي هئي. ڇوڪريءَ جو رنگ گهرو سانورو هو. سريندر جي نظر جڏهن ان تي پئي ته هن کي ان ڇوڪريءَ سان به پهر گهارڻ جي خواهش پيدا ٿي..

وقت شام جا چار ٿي چڪا هئا پوءِ به سخت گرمي هئي. سريندر جو جسم سخت گرمي هئڻ ڪري پگهريل هو، سريندر ڇئن ڪلاڪن ۾ هڪ گلاس پاڻي جو پيتو هو پر هي پگهر ان کي سمجهه ۾ نه آيو هو. هو پگهر ۾ شل ٿي چڪو هو.

جڏهن هن ان ڇوڪريءَ کي پپل جي وڻ هيٺان ڏٺو هو ته هن سوچيو ته دنيا جي خوشقسمت ڇوڪري آهي جنهن کي نه ڪنهن گرمي جو احساس آهي نه وري ڪنهن موسم جو. هوءَ بي پرواهه سخت گرميءَ ۾ پپل جي وڻ هيٺان بي فڪر ويٺي آهي، ٻئي طرف سريندر پگهر ۾ شل هو. هن جي گنجي پگهر سبب هن جي جسم سان چنبڙيل هئي. هو ائين پيو محسوس ڪري جڻ ڪنهن هن جي جسم تي موبل آئل هاريو هجي. سريندر جي اندر ۾ خواهش پيدا ٿي ته هو پگهريل هجڻ باوجود ان ڇوڪريءَ کي ڀاڪرن ۾ ڀري پيار ڪري.

آسمان جو رنگ خاڪسرو هو. اُپ تي هلڪا بادل ڇانيل هئا. مٿيءَ ۽ هوا جي ميلاپ سان اُتي رائو ڇانيل هو، ان رائي منجهان اُس جي جهلڪ موجود هئي پر اها ڇوڪري اطمينان سان پنهنجي ڌن ۾ مگن پپل جي وڻ هيٺان ويٺي هئي.

سريندر هن کي غور سان نهارڻ لڳو، هن جو رنگ گهرو سانورو هو پر هن جا مهانڊا خوبصورت هئا، جيڪي سريندر جي اکين ۾ چپي رهيا هئا.

مزدور پيشي واري ڇوڪري پئي لڳي. ٿي سگهي ٿو هوءَ پينو فقيرياڻي هجي. سريندر هن بابت مختلف اندازا هڻڻ لڳو پر ڪو به فيصلو ڪري نه سگهيو. هاڻي هو اهو پيو سوچي ته ڇوڪريءَ کي هو گهر اچڻ جو اشارو ڪري يا نه ...؟

گهر ۾ سريندر بلڪل اڪيلو هو، هن جي ماءُ ۽ ڀيڻ ڪوهه مري ويبل هيون. والد وفات ڪري چڪو هو، هن جو ننڍيو ڀاءُ اسڪول جي هاسٽل ۾ ئي رهندو هو. سريندر جي عمر ستاويهه سالن جي لڳ ڀڳ هئي، سريندر اڳ ۾ پنهنجي گهر جي ٻن اڌڙوٽ عمر جي نوڪرياڻين سان لذت واريون گهڙيون گذاري چڪو هو.

سخت گرميءَ باوجود به سريندر جي اندر ۾ خواهش پيدا ٿي ته هو پپل جي وڻ هيٺان پلٽي ماري ويٺل ڇوڪريءَ وٽ وڃي يا ڪيس اشارو ڪري ته هو هن ڏانهن هلي اچي ته ٻئي ڄڻا گرمي جي موسم ۾ پگهريل هئڻ باوجود به هڪ ٻئي کي ڀاڪر ۾ ڀرين.

سريندر بالڪوني وٽ بيهي زور سان ڪنگهڪر ڪئي پر ڇوڪريءَ هن ڏانهن ڪو ڌيان نہ ڏنو. سريندر ڪيترائي ڀيرا زور سان ڪنگهڪر ڪئي، وري بہ ڪو نتيجو نہ نڪتو تہ هن ڇوڪري کي سڏ ڪري ورتو "هيڏانهن .... ٿورڙو هيڏانهن بہ تہ نهاريو!"
پر ان ڇوڪريءَ سريندر ڏانهن ڪو بہ ڌيان نہ ڏنو نہ وري هن طرف نهاريو. هوءَ پنهنجي ڀني کي ڪنهندي رهي. سريندر کي پريشاني ٿي تہ جيڪڏهن ان ڇوڪري بجاءِ ڪو ڪتو اتي بيٺل هجي ها تہ هو ضرور آواز ٻڌي هن ڏانهن ڌيان ڏي ها. جيڪڏهن ڪتي کي هن جو آواز نہ وڻي ها تہ هو هن مٿان ڀونڪي ضرور ها پر هي عجيب ڇوڪري آهي جيڪا هن جو آواز بہ ٻڌي نہ ٿي سگهي، جيڪڏهن ٻڌي ٿي تہ ان کي اڻ ٻڌو ڪري ڇڏي ٿي.
سريندر خفا ٿيندي هڪ وڏي رڙ ڪندي ڇوڪريءَ کي سڏيو "اي ڇوڪري!" ڇوڪري وري بہ هن ڏانهن ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو، نيٺ سريندر ڪاوڙ مان اٿيو ۽ پنهنجو ململ جو چولو پائي هيٺ لهي آيو. جڏهن ڇوڪريءَ وٽ پهتو تہ هو مسلسل پنهنجي ڀنيءَ کي کنهي رهي هئي. سريندر هن جي مٿان اچي بيٺو. ڇوڪريءَ هڪ نظر سريندر تي وڌي ۽ هن پنهنجي سلوار کي هيٺ ڪري ڀنيءَ کي ڍڪي ڇڏيو.
سريندر "تون هتي ڇا پئي ڪرين؟"
ڇوڪريءَ جواب ۾ چيس "ويٺي آهيان."
"ڇو ويٺي آهين؟"
ڇوڪري اٿي بيني، "هاڻي مان اٿي بيٺي آهيان."
سريندر حيرت ۾ پئجي ويو "تنهنجي اٿي بيهڻ سان ڇا ٿيندو مون کي تون اهو ٻڌاءِ تہ تون هيتري دير ڪان هتي ڇو ويٺي آهين؟"
ڇوڪريءَ چيس "توکي ڇا ڪپي؟"
سريندر ٿوري دير لاءِ پنهنجي وجود کي ڳولڻ لڳو "مون کي ڇا ڪپي.... ڪجھ بہ نہ. مان گهر ۾ اڪيلو آهيان.... جيڪڏهن تو مون سان هلندينءَ تہ تنهنجي مهرباني ٿيندي".
ڇوڪريءَ جي سانوري چپن تي عجيب مسڪراهٽ ظاهر ٿي"مهرباني ... ڇا جي مهرباني..... مان هلان ٿي!"
۽ پوءِ گڏجي هلڻ لڳا. جڏهن هو مٿي گهر ۾ داخل ٿي ڪمري اندر پهتا تہ ڇوڪري صوفي بدران فرش تي هيٺ ويهي رهي ۽ ڀني کي ڪنگهڻ لڳي... سريندر هن جي پرسان ويهي سوچڻ لڳو تہ هاڻي ڪيس ڇا ڪرڻ گهرجي ۽ ڪٿان ڪان ڳالھ ٻولھ شروع ڪجي.
سريندر هن جي بدن جو جائزو ورتو.... هوءَ ايڏي خوبصورت ڪانہ هئي، پر منجهس اهي نقش ۽ رنگ روغن ضرور موجود هئا جيڪي نوجوان ڇوڪرين ۾ هوندا آهن.... هن جا ڪپڙا ميرا هئا پر ڪپڙن مان هن جو مضبوط جسم نظر اچي رهيو هو.
سريندر چيس "هيٺ ڇو ويٺي آهين، مٿي صوفي تي اچي ويھ..."
ڇوڪريءَ چيس "نہ مان هتي ٺيڪ آهيان"

سريندر به هن سان گڏ هيٺ فرش تي ويهندي چيو،
"تنهنجي مرضي... پلا اهو ته ٻڌاءِ تون آهين ڪير ۽ پپل جي وڻ هيٺان ايتري دير کان
چو ويٺي هئينءَ؟"
"مان ڪير به آهيان، پپل هيٺان چو ويٺي آهيان.... ان سان تنهنجو ڪو به مطلب نه هجڻ
گهرجي." اهو چئي ڇوڪري پنهنجي سلوار جو پاچو هيٺ ڪري پني کي ڍڪي ڇڏيو
۽ ڪنگهڻ بند ڪري ڇڏيائين.
سريندر ڇوڪريءَ جي مست جوڀن بابت سوچي رهيو هو، هو دل ئي دل ۾ ڇوڪريءَ
جي انهن ٻن نوڪراڻين سان ڀيٽ ڪري رهيو جن سان هن به تي ڀيرا لذت واريون
گهڙيون گذاريون هيون. هو ان نتيجي تي پهتو ته اهي نوڪراڻيون ڍليون ۽ اڌ وهي
ڪائي چڪيون هيون، جيئن سالن کان استعمال ٿيل پراڻيون سائيڪلون هجن، پر هن
ڇوڪري جو ته هر پرزو پنهنجي جاءِ تي ٺائيٺ هو.
سريندر ڪڏهن به انهن نوڪراڻين کي پنهنجي صوفي جي زينت نه بڻايو هو. اهي
نوڪراڻيون هن کي زوريءَ منٿون ڪري لذت ماڻڻ لاءِ تيار ڪنديون هيون پر سريندر
محسوس ڪيو ته هن ڀيري هن کي پاڻ ڪجھ اڳڀرو ٿيڻو پوندو. هو اهڙي مشڪل
کان واقف نه هو پر اڄ همت کان ڪم ورتائين ۽ ڇوڪريءَ جي ڇيله ۾ زوردار ٻڪ
وڌائين.
ڇوڪريءَ پاڻ ڇڏائيندي چيو "هي ڇا پيو ڪرين؟"
سريندر هڪ ڀيرو وري پريشان ٿي ويو، "مان..... مان ..... ڪجھ به نه."
ڇوڪريءَ جي سانورن چپن تي عجيب مُرڪ ظاهر ٿي. "آرام سان ويهه!"
سريندر آرام سان ويهي رهيو، پر جسم ۾ جوانيءَ جي پڙڪيل باهه هن کي آرام سان
ويهڻ نه ڏنو ۽ هن ڇوڪريءَ کي ڀاڪر ۾ ڀري سيني سان لڳائي ڇڏيو.
ڇوڪريءَ ته گهڻائي هٿ پير هنيا پر هن ڀيري سريندر هن جي سموري بندن کي گرفت
۾ مضوط ڪري ڇڏيو. ڇوڪري هيٺ فرش تي ڪري پئي ۽ سريندر هن جي مٿان اچي
پيو، پوءِ نهايت تيزي سان پنهنجا چپ هن جي چپن تي رکي ڏڙا ڏڙ چميون ڏيڻ لڳو.
ڇوڪري بيوس ٿي سريندر جي هيٺان دٻجي وئي هئي.
سريندر سمجهيو ته هاڻي ڇوڪري مطمئن ٿي وئي آهي، تنهن ڪري هن پنهنجا هٿ
سندس قميص اندر داخل ڪيا ۽ هن جي ارهن کي مهٽڻ لڳو پوءِ ته سمورو ميدان
سريندر جي هٿ هيٺ هيو. ڪجھ ئي لمحن ۾ سريندر پگهر ۾ شل ٿي ويو . سريندر
کي پڪ ٿي ته هاڻي ميدان هن جي هٿ ۾ آهي. هن وڌيڪ ڇيڙ ڇاڙ بند ڪئي ۽ ڇوڪريءَ
کي پلنگ تي ليٽي پوڻ لاءِ چيو. ڇوڪري فرش تان اٿي پلنگ تي وئي ۽ سريندر به هن
سان گڏجي پلنگ تي اچي ليٽيو. پرسان پليٽ ۾ مالٽا ۽ ڇري رکيل هئي. ڇوڪريءَ
هڪ مالٽو ڪڻندي سريندر کان پڇيو "مالٽو کانوان؟"
"ها ها، هڪ چو سڀ کاءُ."

سريندر ڇري ڪنئي ۽ مالٽو ڇلڻ لڳو، ڇوڪريءَ مالٽو ۽ ڇري کسي سريندر کي چيو ”مان پاڻ ڇلهي ڪائيندس.“

هن نفاست سان مالٽي کي ڇلهيو ۽ ان جون ڦارون جدا جدا ڪيون، هڪڙي ڦار سريندر ڏي وڌائي ۽ ٻي پاڻ مزي سان چوسيندي رهي. پوءِ چيائين”تو وٽ پستول آهي؟“

سريندر جواب ۾ چيس”ها آهي ته سهي، پر تون ڇا ڪندينءَ؟“

ڇوڪريءَ جي سانورن چپن تي عجيب مسڪراهٽ ظاهر ٿي. چيائين”مون ائين ئي پڇيو. تو کي ته خبر آهي اڄ ڪلهه هندو مسلمان فساد پيا هلن.“

سريندر ٻيو مالٽو ڪنيو ۽ چيائين اهي فساد اڄ ڪان ته شروع ڪونه ٿيا آهن، ڪيترن ئي ڏينهن کان جاري آهن. مان پنهنجي پستول سان چار مسلمان قتل ڪري چڪو آهيان جيڪي خطرناڪ خوني ماڻهو هئا.“

”سچ!“ اهو لفظ چئي هوءَ اٿي بيٺي .چيائين ”مون کي پستول ته ڏيکار.“

سريندر اٿيو ۽ ٻئي ڪمري مان گولين سان ڀريل پستول ڪڍي آيو . چيائين ”هان هي وٺ، پر ترس“ هن پستول جي سيفٽي پن ٺاهي ورتي، ڇاڪاڻ جو اهو گولين سان ڀريل هو.

ڇوڪري پستول هٿن ۾ زور سان جهليندي سريندر کي چيو”مان به اڄ هڪ مسلمان ماريندس.“ اهو چئي هن سيفٽي پن کي هڪ طرف ڪيو ۽ سريندر مٿان پستول جا فائر ڪيا. ٿوري دير ۾ سريندر جو جسم پٽ تي وجي ڪريو.

”هي ڇا ڪري ڇڏيئي؟“

ڇوڪريءَ جي سانورن چپن تي مسڪراهٽ ظاهر ٿي ۽ چيائين ”اهي چار مسلمان جيڪي تو هن پستول سان ماريا هئا تن ۾ هڪ منهنجو پيءُ به هو.“

# پيرن

هيءَ ان زماني جي ڳالهه آهي جڏهن مان بي انتها غريب هئس. بمبئيءَ ۾ نَوَ روپيا مهيني تي هڪ بلڊنگ جي ڪولي ٽائيپ ڪمري ۾ رهندو هئس. جنهن ۾ نہ پاڻي جو نلڪو هو ۽ نہ بجلي جو ڪو نانءُ نشان هو. ڪمرو نهايت غليظ هوندو هو. ان جي ڇت تان منگهڻ منهنجي مٿان ڪرندا هئا ۽ ڪوئن جو تعداد بہ ڪافي هيو، ڪوئا ايترا وڏا هئا جو ٻليون بہ انهن کان ڊڄنديون هيون، اهڙا ڪوئا مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪٿي بہ نہ ڏٺا هئا.

بلڊنگ ۾ هڪ ئي وهنجڻ جي جاءِ هوندي هئي، جنهن جي دروازي جو ڪنڊو ٽٽل هئو. صبح جو سوير اُتان جون عورتون پاڻي ڀرڻ لاءِ ان غسل خاني ۾ جمع ٿينديون هيون. يهودي، مرهٽي، گجراتي، ڪرسچن، مختلف قسمن جون عورتون.

مان روز انهن عورتن جي اچڻ کان اڳ وهنجڻ واري جاءِ ۾ گهڙي وهنجڻ شروع ڪري ڇڏيندو هئس. هڪ ڏينهن منهنجي اک ٿوري دير سان کُلي مان سڌو غسل خاني ۾ ويس ۽ وهنجڻ شروع ڪيم. ٿوريءَ دير ۾ دروازو ذڪي سان کلي پيو. سامهون منهنجي پاڙيواري ڪچ ۾ دلو کنيو بيٺي هئي. هن مون کي ٿوري دير غور سان ڏٺو ۽ تڪڙ ۾ پوئتي مُڙي وئي پر سندس ڪَڇ مان دلو ترڪي فرش تي ڪري پيو ۽ هوءَ اتان ائين وني ڀڳي جڻ ڪو شينهن سندس ڪڍ پيو هجي. مان ڏاڍو کليس ۽ اُٿي در بند ڪري وري وهنجڻ لڳس.

ٿوري دير کان پوءِ دروازو ٻيهر کليو ۽ در تي برج موهن بيٺل هو. مون ڪپڙا پئي پاتا. هن مون کي چيو تہ "يار منٽو! اڄ آچر آهي". مون کي ياد اچي ويو تہ هر آچر تي برج موهن پنهنجي دوست "پيرن" سان ملڻ باندرا ويندو آهي ۽ اڄ آچر آهي. پيرن هڪ معمولي شڪل صورت جي پارسي ڇوڪري هئي، جنهن سان برج موهن جو گذريل ٽن سالن کان عشق جو چڪرُ هلندڙ هيو. هر آچر تي برج موهن مون کان اَٺ آنا ٽرين جو ڪرايو وٺي پيرن سان ملڻ باندرا ويندو هو. اڏ ڪلاڪ ان سان ڪچهري ڪندي هو ۽ حل ڪيل هفتيوار السٽريٽيڊ جا ڪراس ورڊ پزل هن کي ڏئي واپس اچي ويندو هو. هو بيروزگار هو. سڄو ڏينهن وينو مختلف اخبارن ۽ رسالن مان ڪراس ورڊ پزل حل ڪندو هو ۽ اُهي سڀ حل ڪيل ڪراس ورڊ آچر ڏينهن اچي پيرن کي ڏيندو هو، جيڪا پنهنجي نالي سان موڪليندي هئي ۽ ننڍا ننڍا انعام پڻ وصول ڪندي هئي، برج موهن انهن انعامن مان هڪ پائي بہ پيرن کان نہ گهري هئي.

برج موهن وٽ پيرن جون بيشمار تصويرون مختلف لباسن ۾ موجود هيون. سلوار قميص ۾، چست پاجامي ۾، ساڙهيءَ ۾، فراڪ ۾، فينسي دريس ۾... تقريبا سوَ کان وڌيڪ تصويرون هونديون هيون. هوءَ بلڪل بہ خوبصورت نہ هئي، پر مان اهو

چوندس ته هوءَ معمولي شڪل صورت واري ڇوڪري هئي مون پنهنجي راءِ جو اظهار ڪڏهن به برج موهن سان نه ڪيو هو، مون ڪڏهن اهو به نه پڇيو هومانس ته هوءَ ڪير آهي، ڇا ڪندي آهي هن جي ساڻس ملاقات ڪيئن ٿي، سندس عشق جي شروعات ڪيئن ٿي ۽ سندس پيرن سان شاديءَ جو ارادو آهي به يا نه ۽ نه ئي وري ڪڏهن برج موهن مونسان پيرن جي باري ۾ ڳالهايو هو. بس رڳو هر آچر تي هو ناشتو ڪري مون کان اٺ آنا ڪرائي لاءِ وٺي باندرا ويندو هو ۽ منجهند ڌاري موٽي ايندو هو.

مون ڪيس اٺ آنا ڏنا ۽ هو هليو ويو. منجهند جو موٽيو ته هن خلاف معمول مون کي چيو ته "اڄ معاملو ختم ٿي ويو". مون پڇيو مانس ڪهڙو معاملو؟ مون کي خبر نه هئي ته هو ڪهڙي معاملي جي ڳالهه پيو ڪري.

برج موهن جي من جو بار جڻ هلڪو ٿيو ۽ چيو پيرن سان اڄ صاف صاف ڳالهائي آيو آهيان. مون پيرن کي چيو ته جڏهن به توسان ملندو آهيان تڏهن مون کي نوڪري ڪا نه ملندي آهي. تون منحوس آهين. "پيرن مون کي چيو ته " سني ڳالهه آهي، پلي نه مل، ڏسنديس ته توکي ڪيئن ٿو ڪم ملي، مان منحوس آهيان ته تون به پهرين نمبر جو بيڪار ۽ ڪم چور آهين". سو هاڻ اهو قصو ختم، منهنجو خيال آهي ته انشاءَ الله سياڻي ئي مون کي ڪو نه ڪو ڪم ملي ويندو. سياڻي تون مون کي چار آنا ڏجانءِ ته مان سيٺ نانو ڀائي سان ملندس، هو ضرور مون کي پنهنجو اسسٽنٽ رکندو."

سيٺ نانو ڀائي فلم جو ڊائريڪٽر هو. هن اڳ ۾ ڪيترائي ڀيرا برج موهن کي نوڪري ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو. ڇاڪاڻ جو سيٺ جو به پيرن وانگر خيال هو ته برج موهن بيڪار ۽ ڪم چور آهي. پر ٻي ڏينهن برج موهن مون کان چار آنا وٺي ويو ۽ منجهند جو واپسي تي مون کي خوشخبري ٻڌايائين ته سيٺ نانو ڀائي ڪيس اڍائي سئو روپيا مهيني تي پاڻ وٽ نوڪري ڏني آهي. ڪانٽريڪٽ هڪ سال جو آهي، جنهن تي ٻنهي ڌرين جون صحيحُون ٿيل آهن". پوءِ هن ڪيسي مان سئو روپيا ڪڍي مون کي ڏيکاريا ۽ چيو ته "هي ايڊوانس طور مليا آهن، دل ته چوي ٿي ته هي پئسا ڪٺي پيرن ڏانهن باندرا وڃان ۽ ڪيس ٻڌايان ته ڏس، مون کي نوڪري ۽ ايڊوانس ٻئي مليا آهن. پر پيرن جي منحوسيت کان ڊڄان ٿو. اڄ هن سان ملندس ته سياڻي سيٺ ڪنهن نه ڪنهن بهاني سان مون کي نوڪري مان ڪڍي ڇڏيندو. خدا ڄاڻي هن ڇوڪري ۾ ايتري منحوسيت ڪٿان آئي. هاڻ مان گهٽ ۾گهٽ هڪ سال تائين ته پيرن جو منهن نه ڏسندس. مون وٽ ڪپڙا به گهٽ آهن، هڪ سال ڪمايان، نوان ڪپڙا نهرايان پوءِ ڏٺو ويندو".

ڇهه مهينا گذري ويا. برج موهن لڳاتار ڪم تي وڃي رهيو هو، هن ڪافي سارا نوان ڪپڙا نهرائي ورتا هئا ۽ درزن کن رومال پڻ خريد ڪيا هئائين. هن وٽ هاڻي ضرورت جون اُهي شيون هيون جيڪي هڪ ڪنواري نوجوان وٽ عيش ۽ آرام لاءِ هئڻ گهرجن، هڪ ڏينهن هو اسٽوڊيو ويل هو ته سندس نالي سان هڪ خط آيو. شام جو جڏهن هو واپس آيو ته مان ڪيس خط ڏيڻ ڀلجي ويس ٻئي ڏينهن صبح جو نيرن تي اهو خط ياد آيو ته مون اهو خط ڪڍي ڪيس ڏنو. لفافو وٺندي ئي سندس رڙ نڪري وئي.

”لعنت“
مون پڇيو ”ڇا ٿيو؟“
”اها ئي پيرن، نيڪ ناڪ زندگي پئي گذري“ اهو چئي هن چمچي سان لفافو کوليو، خط وارو ڪاغذ ڪڍيائين ۽ مون کي چوڻ لڳو، ”اها بدبخت آهي، مان سندس هٿ اکر ڪڏهن بہ وساري نہ ٿو سگهان“.
مون پڇيو ”ڇا ٿي لکي“
”منهنجو منٽو....! چوي ٿي تہ آچر واري ڏينهن مون سان ضرور مل. تون سان ڪجھ ڳالهائڻو آهي“. اهو چئي برج موهن خط لفافي ۾ وجهي کيسي ۾ رکي ڇڏيو ۽ مون کي چيائين ”بس ڙي يار منٽو! نوڪريءَ مان ڏسجئين انشاءَ الله سياڻي ئي جواب ملي ويندو“.
مون چيو مانس ”اها کھڙي بکواس ٿو ڪَرينَ“
برج موهن يقين سان وراڻيو ”منٽو! ڏسجانءِ سياڻي آچر آهي، نانو پائي کي مون کان ڪا نہ ڪا شڪايت ضرور ٿيندي. ۽ هو مون کي نوڪريءَ مان فورن ڪڍي ڇڏيندو“.
مون چيومانس ”جيڪڏهن توکي ايتري پڪ آهي تہ پوءِ پيرن سان ملڻ نہ وڃ“.
”اهو ٿي نہ ٿو سگهي، هوءَ سڏي ۽ مان نہ وڃان“ هن چيو.
”ڇو؟“
”نوڪري ڪندين مان بہ ڪجھ ڪجھ بيزار ٿي ويو آهيان. ڇهن مهينن کان تہ مٿي جو عرصو ٿي ويو آهي، ائين چئي هو ڪلندو ٻاهر هليو ويو.
ٻئي ڏينهن ناشتو ڪري هو باندرا هليو ويو. پيرن سان ملاقات ڪري واپس آيو پر هن ان ملاقات بابت ڪا بہ ڳالھ ٻولھ نہ ڪئي. مون هن کان پڇيو، ”ملي آئين پنهنجي منحوس ستاري سان“.
”ها يار _ ملي آيس ۽ ٻڌائي آيو مانس تہ نوڪريءَ مان هاڻ ترت جواب ملي ويندو“. اهو چئي هو کٽ تان اٿيو ۽ چيائين ”هل تہ هلي ماني کائون“.
اسان ٻئي ڇٽا حاجي هوٽل تان ماني کائي واپس آياسين، ان وچ ۾ پيرن جي باري ۾ ڪا بہ ڳالھ ٻولھ نہ ٿي. رات جو سمهڻ وقت برج موهن صرف ايترو چيو تہ ”هاڻ ڏسجي تہ سياڻي ڇا ٿو ٿئي“.
منهنجو خيال هو تہ ڪجھ بہ نہ ٿيندو پر ٻئي ڏينهن برج موهن روزانو خلاف معمول جلدي اسٽوڊيو مان واپس موٽي آيو. مون سان مليو تہ زور سان ٽهڪ ڏيندي چيائين ”نوڪريءَ کان جواب ملي ويو منٽو پائي!“
مون سمجهيو مذاق پيو ڪري، چيومانس ”ڇڏ يار!“
”ڇڏ يار _ جيڪو ڇڏڻو هو سو تہ ڇڏي آيس، هاڻ ڪنهن کي ڇڏيان. سيٺ نانو پائي جو اسٽوڊيو سيل ڪيو ويو آهي. منهنجي ڪري هرويرو ويچاري سيٺ تي مصيبت آئي آهي“. اهو چئي برج موهن ٻيهر کلڻ لڳو.
مون صرف اهو چيومانس تہ ”اهو سلسلو ڏاڍو عجيب آهي“.

“ڏس يار _ اردو ۾ چوندا آهن تہ “هاٿ ڪنگن ڪو آرسي ڪيا”. بلڪل ٺيڪ چوندا آهن. اهو چئي هو سگريٽ دڪائي ۽ ڪئمرا کڻي ٻاهر گهمڻ لاءِ نڪري ويو.

برج موهن هڪ دفعو ٻيهر بيروزگار ۽ بيڪار ٿي ويو هو. جيڪا جمع پونجي هئس سا بہ ختم ٿي وئي هئس تہ هن ٻيهر هر آچر تي باندرا وڃڻ لاءِ مون کان اٺ آنا گهرڻ شروع ڪيا. مون کي اڄان تائين خبر نہ هئي تہ ان اڌ مني ڪلاڪ ۾ هو پيرن سان کهڙي ڪچهري ڪري سگهندو هوندو. هو واقعي سني گفتگو ڪرڻ وارو شخص هو پر جنهن ڇوڪري جي نحوست جو هن کي پورو يقين هو، ان سان کهڙيون ڳالهيون ڪندو هوندو. ان باري ۾ مون ڪائنس هڪ ڏينهن پڇيو، “برج _ ڇا پيرن کي بہ توسان محبت آهي”.

“نہ هوءَ ڪنهن ٻئي سان محبت ڪري ٿي”.

“تہ پوءِ توسان ڇو ملندي آهي؟”

“ان لاءِ تہ مان ذهين آهيان. سندس معمولي نقش واري صورت کي بي انتها خوبصورت بنائي پيش ڪندو آهيان. سندس لاءِ ڪراس ورڊ پزل حل ڪندو آهيان. جنهن سان ڪيس ڪڏهن ڪڏهن انعام بہ ملي ويندا آهن. يار منٽو! تون اهڙين ڇوڪرين کي نہ ٿو سڃاڻين، مان ڄاڻان ٿو، جنهن سان هوءَ محبت ڪندي آهي ان ۾ جيڪا ڪمي آهي سا هوءَ مون سان ملي پوري ڪندي آهي. “اهو چئي هن مسڪرايو “وڏي چار سئو ويهہ آهي”.

مون حيرانيءَ مان پڇيو مانس “پوءِ تون ان سان ڇو ٿو ملين. “برج موهن مسڪرائيندي چشمي جي پويان اکيون بند ڪندي وراڻيو” مون کي مزو ايندو آهي”.

“کهڙي ڳالهہ جو مزو.”

“سندس نحوست جو _ مان هن جو امتحان وٺي رهيو آهيان. هن جي نحوست جو. اها نحوست پنهنجي امتحان ۾ پوري لهي ٿي. مون جڏهن کان هن سان ملڻ شروع ڪيو، مون کي نوڪري کان جواب مليو آهي. هاڻ منهنجي بہ هڪ منحوس خواهش آهي تہ پيرن جي ان منحوس اثر کي ختم ڪري ڇڏيان”.

“مون ڪانئس پڇيو “ڇا مطلب؟”

برج موهن سنجيدگيءَ سان وراڻيو “منهنجي دل چوي ٿي تہ هاڻ نوڪري مان ڪيجڻ کان اڳ ۾ مان نوڪري ڇڏي ڏيان. يعني مالڪن کي پاڻ ڪم ڪرڻ کان جواب ڏيئي اڄان ۽ چوان تہ سائين مون کي خبر هئي تہ توهان مون کي نوڪري مان ڪڍڻ وارا آهيو، ان لاءِ اوهان کي تڪليف ڏيڻ کان اڳ ۾ مان پاڻ نوڪري ڇڏي ٿو وڃان. اهو اوهان مون کي نوڪري مان نہ پيا ڪڍو پر اهو منهنجي دوست پيرن جو منحوس نڪ آهي، جيڪو ڪئميرا ۾ ائين گهڙي ٿو جيئن تير، سو پيو نوڪري مان ڪڍرائي”. هو وڏيڪ زور سان ٺهڪ ڏيڻ لڳو ۽ چيائين اها منهنجي ننڍڙي خواهش آهي، ڏسان پوري ٿئي ٿي يا نہ”.

مون چيو مانس “ اھا تہ عجيب و غريب خواھش آھي، گذريل آچر تي مون پيرن جي ان دوست کي، جنھن سان ھوءَ محبت ڪندي آھي. ھڪ فوٽو تيار ڪري ڏنو، ھو ڇھري جو پُٽ ان فوٽو کي ڪامپيٽشن ۾ اماڻيندو ۽ يقين آھي تہ ڪيس انعام بہ ملندو”.

اھو ٻڌي ھو وري ٿھڪ ڏيڻ لڳو.

برج موھن واقعي عجيب و غريب ماڻھو ھو. ھن پيرن جي دوست کي ڪيترائي پيرا فوٽو تيار ڪري ڏنا ھئا جيڪي السٽريٽيڊ ويڪلي ۾ ان جي نالي سان ڇپجندا ھئا جنھن سان پيرن خوش ٿيندي ھئي. برج موھن اھو ڏسي مسڪرائيندو ھو. ھن جي پيرن جي دوست سان ڪڏھن بہ ملاقات نہ ٿي ھئي ۽ نہ ئي ھو ان کي سڃاڻيندو ھو نہ وري ڪڏھن پيرن برج موھن سان ملاقات ڪرائي ھئي، ڪيس رڳو اھو ٻڌايو ھو تہ ھو ڪنھن مل ۾ ڪم ڪندو آھي ۽ تمام خوبصورت ڇوڪرو آھي.

ھڪ آچر تي برج موھن باندرا مان واپس ايندي ئي چيو، “يار منٽو! اڄ معاملو وري ختم ٿي ويو”.

مون پڇيو “پيرن وارو”

“ھا يار ڪپڙا بہ ختم ٿي ويا اٿم، سوچيم تہ اھو ملاقاتن وارو سلسلو ھاڻ ختم ڪريان. ھاڻ انشاءَ الله ڪجھہ ئي ڏينھن ۾ ٻيھر نوڪري ملي ويندي. منھنجو خيال آھي سيٺ نياز علي سان ملان ھن ھڪ فلم ناھڻ جو اعلان ڪيو آھي. سڃاڻي ئي ويندس. يار منٽو تون بس ان جي ايڊريس ھٿ ڪري ڏي”.

مون سيٺ نياز علي جي آفيس جو نئون فون نمبر ھڪ دوست کان پڇي برج موھن کي ٻڌائي ڇڏيو. ٻئي ڏينھن ھو اتي ويو. شام جو واپس آيو تہ ڏاڍو خوش ھو، کيسي مان ھڪ ٽائيپ ٿيل ڪاغذ ڪڍي مون ڏانھن اڇلايائين ۽ چوڻ لڳو “ھڪ فلم جو ڪانٽريڪٽ ٿيو آھي، پگھار بہ سئو روپيا طئي ٿي آھي. گھٽ آھي پر سيٺ نياز علي چيو آھي تہ وڌائيندس، نيڪ آھي”.

مان ڪلڻ لڳس “ھاڻ ٻيھر پيرن سان ڪڏھن ملندين” برج موھن چيو “ڪڏھن ملندس” اھو تہ مون بہ سوچيو پئي تہ مون کي ھن سان ڪڏھن ملڻ گھرجي، منٽو يار، مون توکي چيو ھو تہ منھنجي ھڪڙي ننڍڙي خواھش آھي، بس اھا پوري ٿي وڃي. منھنجي خيال ۾ مون کي جلد بازي کان ڪم نہ وٺڻ گھرجي. رڳو ٿي چار ڪپڙن جا نوان جوڙا ٺھرائي وٺان. پنجاھہ روپيا ايڊوانس طور وٺي آيو آھيان. پنجويھہ تون رک، پنجويھہ مان ٿو رکان”. مون پنجويھہ روپيا وٺي ھوٽل واري جو قرض ادا ڪيو. ان کان پوءِ اسان جا ڏينھن سکيا گذرڻ لڳا. بہ سئو برج موھن ۽ سئو روپيا مان ڪمائيندو ھوس وڏي عيش آرام ۾ ھئاسين، ائين پنج مھينا گذري ويا. اوچتو ھڪ ڏينھن پيرن جو خط برج موھن کي مليو.

“ڏس يار منٽو! عذرائيل اچي ويو آھي”.

پيرن جو خط ڏسي مون کي بہ خوف ورائي ويو. پر برج موھن مسڪرائيندي لفافو کوليو. مختصر تحرير ھئي مون برج کان پڇيو “ڇا لکيو اٿائين؟” لکيو اٿس تہ

آچر ڏينهن مونسان ضرور اچي مل، انتهائي اهم ڪم آهي. هن خط لفافي ۾ بند ڪري ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيو. مون پڇيو مانس ”ويندين؟“

”وڃڻو ئي پوندو“. پوءِ هن فلمي ڪلام ڳائڻ شروع ڪيو. ”مت ڀول مسافر تجهي جانا هي پڙي گا.“

مون کيس چيو ته ”برج موهن هن سان ملڻ نه وڃ... يار ڏاڍا سٺا ڏينهن گذرن پيا، تون نه ٿو ڄاڻين ته توکي هر آچر تي مان الائي ڪيئن باندرا وڃڻ لاءِ اٺ آنا ڏيندو هئس“.

برج موهن ڪلي چوڻ لڳو ”مون کي سڀ خبر آهي پر افسوس آهي جو اهي ڏکيا ڏينهن وري واپس اچڻ وارا آهن. جڏهن خدا ڄاڻي تون ڪيئن مون کي هر هفتي اٺ آنا باندرا وڃڻ لاءِ ڏيندو هُئين“.

آچر تي برج موهن پيرن سان ملڻ ويو، واپس آيو ته هن مون کي صرف ايترو چيو ته ”مون پيرن کي چيو: هي ٻارهون دفعو آهي جو تنهنجي منحوسيت جي ڪري مون کي نوڪري کان جواب ملندو؟“

...تو مٿان زرتشت جي رحمت ٿئي.

مون پڇيو ”هن اهو ٻڌي ڇا چيو؟“

برج جواب ڏنو ته هن فقط اهو چيو ته تون سِلي ايڊيٽ آهين“.

”تون آهين؟“

”سئو سيڪڙو!“ اهو چئي برج موهن ڪلڻ لڳو. ”هاڻ مان سڀاڻي صبح جو آفيس پهچي استعيفيٰ پيش ڪندس، استعيفيٰ مون پيرن جي گهر ۾ ئي لکي ڇڏي هئي.“ هن مون کي استعفيٰ ليٽر ڏيکاريو. ٻئي ڏينهن هن جلدي جلدي ناشتو ڪيو ۽ آفيس هليو ويو، شام جو واپس آيو ته سندس منهن لٿل هو، هن مون سان ڪجهه به نه ڳالهايو. آخر مون ئي هن کان پڇيو ”برج ڇا ٿيو؟“ هن وڏي نااُميديءَ مان ڪنڌ ڌوڏيندي چيو ڪجهه نه يار... سڄو قصو ئي ختم ٿي ويو“.

”ڇا مطلب؟“

”مون سيٺ نياز علي کي پنهنجي استعفيٰ ڏني ته هن ڪلي مون کي هڪ آفيشل ليٽر ڏنو، جنهن ۾ لکيل آهي ته منهنجي پگهار ايندڙ مهيني کان ٽي سئو روپيا ڪئي وئي آهي“.

پيرن مان برج موهن جي دلچسپي ختم ٿي وئي، هن هڪ ڏينهن مون کي چيو ته ”پيرن جي نحوست ختم ٿيڻ سان گڏ هوءَ به ختم ٿي وئي ۽ منهنجو هڪ دلچسپ مشغلو به ختم ٿي ويو. هاڻ ڪير هوندو جيڪو مون کي بيروزگار ۽ بيڪار ڪرڻ جو سبب بڻبو.

# سئو ڪينڊل پاور جو بلب

هو چونڪ تي قيصر پارڪ کان ٻاهر جتي چند ٽانگا بيهن ٿا، بجليءَ جي ٿنڀي ڪي ٽيڪ ڏئي خاموش ويٺو سوچي رهيو هو.

هن پارڪ ۾ ٻہ سال اڳ وڏي رونق هوندي هئي ۽ هاڻ اُجڙي ويو آهي. هن باغ ۾ ڪنهن وقت مرد ۽ عورتون خوش لباس ۾ گهمندا ڦرندا نظر ايندا هئا. هاڻي هتي ميرن ڪپڙن وارا واندا موالي بي مقصد ڦيرا ڏيندا ٿا وتن. بازار ۾ گهڻي رش هئي پر اهو مزو ڪو نہ هو. جيئن ڪنهن ميلي ۾ هوندو آهي. اوسي پاسي سيمنٽ جون ٺهيل عمارتون پنهنجو رنگ روپ وڃائي چڪيون هيون. مٽي ۾ مٽي، ڦاٽل وات ۽ ڏرا ڏنل اکين سان اهي عمارتون هڪٻئي ڪي نهاري رهيون هيون. ڪنهن بيوهہ عورت وانگر! هُو حيران هو تہ اهو ڪجل ۽ اهو سينڌور ڪيڏانهن اڏامي ويو ۽ اهي سُر ڪٿي غائب ٿي ويا جو هن ڪڏهن هتي ٻڌا هئا! گهڻي عرصي جي ٻہ ڳالهہ ناهي. هو ڪالهہ تہ (ٻہ سال ٻہ ڪو عرصو آهي) هتي آيو هو. ڪلڪتي کان جڏهن هن کي هتي هڪ ڪمپنيءَ سٺي پگهار ڏئي گهرايو هو تہ هن کي قيصر پارڪ ڀرسان گهڻي ڪوشش باوجود بہ ڪرائي تي ڪمرو نہ ملي سگهيو هو، پر هاڻ تہ ڌوٻين ۽ موچين جا فليٽن ۽ ڪمرن تي قبضا آهن.

جتي ڪنهن شاندار فلم ڪمپنيءَ جو دفتر هوندو هو، هاڻي اتي چُلها ٻري رهيا آهن، جتي شهر جون وڏيون هستيون جمع ٿينديون هيون. هاڻ اُتي ڌوٻي ميرا ڪپڙا ڌوئي رهيا آهن.

ٻن سالن ۾ هيڏو وڏو انقلاب!

هو حيران هو پر هن کي آيل اُن انقلاب جو پسمنظر معلوم هو. اخبارن ۽ انهن دوستن وسيلي جيڪي شهر ۾ موجود هئا. انهن ذريعي خبر چار ملي ويندي هئي تہ کهڙو طوفان آيو. پر هو سوچي ٿو تہ هتي کهڙو عجيب طوفان آيو هو جنهن عمارتن جا نقش بہ بدلائي ڇڏيا هئا ماڻهن هڪٻئي کي قتل ڪري ڇڏيو هو ۽ عورتن جي بي حرمتي ڪئي وئي ۽ عمارتن جي خشڪ ڪاٺين ۽ سرن سان اهڙو ڪجهہ سلوڪ ڪيو هو، هن ٻڌو هو تہ ان طوفان ۾ عورتن کي ڪپڙن کان آجو ڪري انهن جي بي حرمتي ڪئي وئي. هاڻي هن جي جيڪو آس پاس هو اهو سڀ اگهاڙو، لٽيل جوانيءَ جهڙو منظر هو.

هو بجليءَ جي ٿنڀي کي ٽيڪ ڏئي، پنهنجي هڪ دوست جو انتظار ڪري رهيو هو. جنهن جي مدد سان هو پنهنجي رهائش جو ڪو جوڳو بندوبست ڪرڻ چاهي پيو. ان دوست هن کي قيصر پارڪ ڀرسان جتي ٽانگا بيهن ٿا، انتظار ڪرڻ لاءِ چيو هو.

ٻہ سال ٿيا جڏهن هو نوڪريءَ جي سلسلي ۾ هتي آيو هو، تڏهن ٽانگا اسٽينڊ وڏو مشهور هو شاندار ٽانگا تيز رفتار چست گهوڙا هتي سواريءَ جي انتظار ۾ بيٺل

رهندا هئا. چاڪاڻ جو هتي عياشي جو هر سامان مهيا ٿيندو هو. سنا هوٽل ۽ ريسٽورنٽ قريب هئا. سني چانهه ۽ سني ماني ۽ ٻيا لوازمات ترت پورا ٿيندا هئا. شهر جا سمورا دلال هت ملي ويندا هئا. ان حوالي سان قيصر پارڪ ۾ وڏين وڏين پارٽين دوران روپيا ۽ شراب پاڻيءَ وانگر وهندو هو. هن کي ياد آيو ته ٻه سال پهريان هن پنهنجي دوست سان گڏ هتي ڪيئي عياشيون ڪيون هيون. سهڻي کان سهڻي ڇوڪري هر رات هنن جو جهول ۾ هوندي هئي. اسڪاچ مهانگي هئڻ ڪري ملي نه سگهندي هئي. پر هتي هڪڙي منٽ ۾ اسڪاچ بوتل ملي ويندي هئي.

ٽانگا هاڻ ٻه بينا آهن پر اهي پتل سان جوڙيل سنج ۽ چمڪ ٽانگن ۾ هاڻي نظر ڪو نه ٿي اچي. هن گهڙيءَ ۾ وقت ڏنو، پنج ٿيا هئا فيبروريءَ جا ٿڌڙا ڏينهن هيا شام جا پاچا لڙي چڪا ها. هن دل ۾ پنهنجي دوست تي لعنت ملامت ڪندي سڄي هٽ تي هڪ ويران هوٽل ۾چانهه پيئڻ لاءِ وڃڻ وارو هو ته پويان ڪنهن هن کي آهستي سڏ ڪيو. هن خيال ڪيو ته شايد هن جو دوست آهي، پر جڏهن هن پوئتي ڏنو ته هڪ اڻ واقف شخص سامهون بيٺل هو. سندس عام شڪل صورت، لٺي جي نئين سلوار جيڪا ڪجهه ميري هئي، نيري ڪلر ۾ پاپلين جي قميص جيڪا لانڊري ۾ وڃڻ لاءِ بيتاب هئي، تنهن کي مخاطب ٿيندي چيو:

”اوهان مونکي سڏيو؟“

هن آهستي جواب ڏنو

”جي“

هن سوچيو ته مهاجر آهي، پني ٿو ”چا ڪپئي؟“

هُن جواب ۾ چيو ته

”جي ڪجهه ٻه نه“ هن ويجهو اچي چيو ”ڪجهه گهرجي توهان کي...؟“

”چا؟“

”ڪائي ڇوڪري“ اهو چئي هو ٿورو پوئتي ٿيو.

هن جي سيني ۾ هڪ تير لڳو، ڏسو ته هڪڙي دور ۾ ٻه ماڻهن جا جنسي جذبا ڳولهيندي ڦرندي رهي ٿو! ۽ پوءِ انسانيت بابت ڪيئي حوصلا شڪن سوال هن جي دماغ ۾ ڦرندا رهيا.

”ڪٿي آهي ڇوڪري؟“

هن جو لهجو دلال لاءِ اميد ڀريل ڪو نه هو. چند قدم اڳتي ڪڍي چيو:

”جي نه، اوهان کي ضرورت ڪانهي“

هِن هُن کي روڪيو، ”اهو تو ڪئين ڄاتو، انسان کي هر وقت ان شيءِ جي ضرورت هوندي آهي، جيڪا تون مهيا ڪري سگهين ٿو، سوريءَ تي ٻه ۽ ٻرندڙ باهه ۾ ٻه.....؟“

هو فلسفي بڻجڻ وارو هو، پر خاموش رهيو.

”ڏس جيڪڏهن ويجهو آهي ته مان هلڻ لاءِ تيار آهيان چاڪاڻ جو مون هتي هڪ دوست کي ملڻ لاءِ وقت ڏنو آهي“

دلال ويجهو آيو "بلڪل قريب آهي"
"ڪٿي؟"
"سامهون واري بلڊنگ ۾"
هن سامهون واري بلڊنگ تي هڪ نظر ڊوڙائي
"هن ۾... هن وڏي بلڊنگ ۾"
"ها"
"مان به هلان؟"
"هلو، پر مان اڳيان اڳيان هلندس" دلال سامهون واري بلڊنگ طرف هلڻ لڳو.
هو سوين هانوَ ڏاريندڙ ڳالهيون سوچيندو دلال پويان هلندو رهيو، سڏ پنڌ جو فاصلو هو جلد طئہ تي ويو. دلال ۽ هو ٻئي ان وڏي بلڊنگ ۾ آيا جنهن جي ٻاهران هڪ پراڻو بورڊ لٽڪي رهيو هو بلڊنگ جي حالت خراب هئي، جڳهہ جڳهہ تان نڪتل سِرون، ڪٽيل پاڻيءَ جي نلڪن جا ڪنڪشن ۽ گندگيءَ جا ڍير هئا. هلڪي هلڪي اونداهي ٿي رهي هئي ڏيوڍيءَ مان گذري اڳيان وڌيو ته بلڪل اوندهہ ٿي چڪي هئي، ڪشادي صحن مان گذري هڪ پاسي مڙيو جتي عمارت جو ڪم هلندي هلندي رڪجي ويو هو. اگهاڙيون سِرون پيون هيون، چوني ۽ سيمنٽ جو هڪ ڍير پيو هو، جتي ڪٿي بجري وڪريل هئي دلال نامڪمل ڏاڪڻ چڙهڻ لڳو ۽ پوئتي ڏسي هن کي چوڻ لڳو "اوهان هتي ويهو مان اچان ٿو"
هو اتي بيهي رهيو، دلال نظر کان اوجهل ٿي ويو، هو منهن مٿي ڪري ڏاڪڻ جي آخري ڏاڪي تائين ڏسڻ لڳو هن کي تيز روشني نظر آئي.
ٻہ منٽ مس گذريا. تہ هو بہ آهستي آهستي مٿي ڏاڪڻ تي چڙهڻ لڳو آخري ڏاڪي تي جڏهن پهتو تہ هن دلال جو ڪڙڪيدار آواز ٻڌو
"اٿين ٿي يا نہ"
ڪنهن عورت جواب ڏنس "مون چيو تہ مون کي هاڻي سمهڻ ڏي"
هن عورت جو دٻيل آواز ٻڌو.
دلال وري رعب ڪندي چيس "مان چوانءِ ٿو اُٿ.... منهنجو چيو نہ مڃيندينءَ تہ پو ياد رکجانءِ..."
عورت چيس "تون مون کي ماري ڇڏ پر مان نہ اٿنديس، خدا جي واسطي منهنجي حال تي رحم ڪر".
دلال، عورت کي مڃائڻ لاءِ جتن ڪرڻ لڳو.
"اٿ منهنجي منڙي ضد نہ ڪر، پنهنجو گذران ڪيئن ٿيندو؟"
عورت چيس "گذارو وڃي پوي جهنم ۾، مان بک ۾ مري ويندس پر خدا جي قسم ٿئي مون کي ننڊ ڪرڻ ڏي.
دلال جي آواز ۾ ڪڙڪي اچي وئي "تون نہ اُٿندينءَ حرامزادي...
عورت رڙيون ڪرڻ لڳي "مان نہ اٿنديس بلڪل نہ اٿنديس، نہ اٿنديس"

دلال جو آواز گُهٽجي ويو.
"آهستي ڳالهاءِ ڪو ٻڌي نہ وٺي، اُٿ تہ هلون، ٽيهہ چاليهہ روپيا ملي ويندا".
عورت جي آواز ۾ عرض ۽ التجا هئي "ڏس! مان هٿ تي ٻڌانءِ مان ڪيترائي ڏينهن راتيون جاڳي گذاريون اٿم. ڪو رحم ڪر. خدا جي واسطي مون تي رحم ڪر".
" بس هڪ ٻن ڪلاڪن لاءِ... پوءِ سمهي پئجانءِ، ٻيءَ صورت ۾ مون کي سختي ڪرڻي پوندي".
ٿوريءَ دير لاءِ خاموشي طاري ٿي، هن دٻيل پيرن سان اڳتي وڌي ڪمري ۾ نهاريو، جنهن ۾ تيز روشني هئي.
هن ڏٺو تہ هڪ ننڍڙي ڪمري ۾ فرش تي هڪ عورت ليٽيل آهي، ڪمري ۾ ٻہ ٽي ڪائٹ پيئڻ جا ٿانوَ پيل هئا ۽ دلال اُن عورت جي پيرن جي چنگهن کي هٿن سان زور ڏئي رهيو هو.
ٿوريءَ دير ۾ دلال عورت کي چيو "هاڻ اُٿ، قسم خدا جو هڪ ٻن ڪلاڪن جي تڪليف اٿئي، پوءِ سُمهي پئجانءِ" عورت هڪدم ڪاوڙ مان اٿي، هوءَ ڪاوڙ ۾ ٻاهہ جا اُلا ٿي لڳي ۽ رڙ ڪندي دلال کي چيو "چڱو مان هلان ٿي".
هو هڪ پاسي ٿي ويو، اصل ۾ هو ڊڄي ويو، دٻيل پيرن سان هو ڏاڪڻ تان تيزيءَ سان لهي آيو ۽ سوچيائين تہ هو ڀڄي وڃي، هن شهر مان ئي ڀڄي وڃي، هن دنيا کان ڀڄي وڃي پر ڪاڏي.....؟"
هن سوچيو تہ هي عورت ڪير آهي؟ هن تي ايترو ظلم ڇو ڪيو وڃي ٿو؟ هي دلال ڪير آهي؟ ۽ عورت جو ڇا ٿو لڳي؟ هن ڪمري ۾ هيڏو بلب، جيڪو سئو ڪينڊل پاور کان گهٽ ڪونهي، اهو ٻاري ڇو رهن ٿا؟ ۽ ڪڏهن کان رهن ٿا؟
هن جي اکين ۾ تيز بلب جي روشني اجا تائين چمڪي رهي هئي. هن کي ڪجهہ ڏسڻ ۾ ئي نہ پئي آيو. هو سچي رهيو هو تہ ايڏي تيز روشنيءَ ۾ ڪير ٿو ننڊ ڪري سگهي؟ ايترو وڏو بلب؟ ڇا هو ننڍو پندرهن يا پنجويهہ ڪينڊل پاور جو بلب نہ ٿا لڳائي سگهن؟
هو سوچي رهيو هو تہ ڪيس هلڪن قدمن جو آواز آيو، هن ڏٺو تہ ٻہ پاڇا هن جي پرسان ٻيٺل هئا. هڪ دلال جو هو، جنهن چيو:
"ڏسو صاحب"
"ڏسي ڇڏيم"
"ٺيڪ آ نہ"
"بلڪل ٺيڪ آ"
"چاليهہ روپيا ٿيندا"
"ٺيڪ آ"
هن ڪيسي ۾ هٿ وڌو ۽ ڪجهہ نوٽ ڪڍي دلال کي ڏنا.
"ڏسو! ڪيترا آهن؟"
نوٽن جي ڪڙڪڻ جو آواز آيو

دلال چيو: پنجاهه روپيا آهن
هن چيو ”پنجاهه روپيا ئي پاڻ وٽ رک“
”سلام صاحب“
هن دل ۾ چيو ته هڪ وڏي سر ڪٽي دلال جي مٿي ۾ وهائي ڪڍان!
دلال چيس ”جناب! هن کي وٺي وڃوس پر هن کي گهڻو تنگ نه ڪندا، هڪ ٻن ڪلاڪن کان پوءِ پاڻ ئي هتي ڇڏي وڃجوس“.
”ٺيڪ آ“
هو عورت کي ساڻ ڪري وڏي بلڊنگ مان ٻاهر نڪري آيو.
ٻاهر ٽانگو بيٺو هو. هو پاڻ اڳيان ويهي رهيو ۽ عورت پوئيان. دلال هڪ ڀيرو وري سلام ڪيو. جنهن تي هن کي هڪ ڀيرو وري دلال تي سخت ڪاوڙ آئي. هن هڪ ڀيرو وري دل ۾ سوچيو ته دلال جي مٿي ۾ سر هڻي مغز ڦاڙي وجهانس.
ٽانگو هلي ٿو ۽ پرسان هڪ ويران هوٽل جي دروازي تي رُڪي ٿو. هو ٽانگي مان لهي عورت کي وٺي ڪمري ۾ ويو، جتي هن عورت جي جسم تي هڪ ڏکهي نظر وڌي جيڪا مٿي کان پيرن تائين اُجڙيل هئي. هن جون اکيون سجيل ۽ جهڪيل هيون. هوءَ عورت ائين بيٺي هئي، جيئن ڪا عمارت گهڙيءَ پل ۾ ڪرڻ واري هجي، هن عورت سان ڳالهائڻ شروع ڪيو.
”ٿورو ڳچيءَ کي مٿي ته ڪريو“
هوءَ ڇرڪجي وئي ”ڇا؟“
”ڪجهه به نه، مون ته صرف ايترو چوڻ پئي چاهيو ته ڪا ڳالهه ٻولهه ڪريو“ هن جون اکيون ڳاڙهي ٻوٽيءَ وانگر ٿي لڳيون، جيئن اُنهن ۾ ڪنهن مرچ وڌا هجن.
هوءَ خاموش هئي.
”تنهنجو نالو؟“
”ڪجهه به نه“ هن جي لهجي ۾ تيزاب واري تيزي هئي.
”تون ڪٿان جي آهين؟“
”جتان جي به تون سمجهين“
” تون ايڏو رُکو ڇو ٿي ڳالهائين“؟
عورت هاڻ جڻ ننڊ مان اٿي پئي، هن ڳاڙهين اکين سان نهاريندي چيو ته ”مون کي جلدي وڃڻو آهي“
هن پڇيس ”ڪيڏانهن ويندينءَ؟“
عورت وڏي رکائيءَ ۽ بيزاريءَ سان جواب ڏنس ”جتان کان تون وٺي آيو آهين“
”تون هلي وڃ“
”مطلب جي ڳالهه ڪر مون کي تنگ ڇو ٿو ڪرين؟“
هن همدردي ڪندي عورت کي چيو ”مان توکي تنگ نه ٿو ڪريان، مون کي توسان همدردي آهي“.

هن بيزار ٿيندي چيو “مون کي ڪائي همدردي نہ گهرجي”.
پوءِ هوءَ تنگ ٿي تيز لهجي ۾ ڳالهائڻ لڳي، “مقصد جي ڳالھ ڪر نہ تہ .... مون کي وڃڻ ڏي”.
هن ويجهو اچي، هن جي وارن ۾ هٿ ڦيرڻ گهريو تہ عورت هن جي هٿ کي زور سان هڪ پاسي ڌڪي ڇڏيو.
مان چوانءِ ٿي مون کي تنگ نہ ڪر، مون ڪيترن ڏينهن کان ننڊ ناهي ڪئي، جڏهن کان آئي آهيان تہ ننڊ نصيب ئي ڪو نہ ٿي آهي. هو مڪمل طور تي عورت سان همدردي ڪرڻ لڳو.
هن چيس “تون هتي سُمهي پئہ”
عورت جون اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون، تيز لهجي ۾ چيو “مان هتي سمهڻ نہ آئي آهيان هي منهنجو گهر ناهي”.
“تنهنجو گهر اُهو آهي جتان کان تون آئي آهين؟”
عورت وڌيڪ ڪاوڙ ۾ ڳاڙهي ٿي وئي.
“اُف بڪواس بند ڪر، منهنجو ڪو گهر ناهي، تون بيءَ صورت ۾ مون کي ڇڏي اچ ۽ پنهنجا پئسا واپس وٺ، هن....هن هوءَ گار ڏيندي ڏيندي رهجي وئي.
هن سوچيو تہ اهڙيءَ حالت ۾ هن عورت کان ڪجھ پڇڻ يا همدردي ڪرڻ فضول آهي.
هن چيس “هل مان توکي ڇڏي اچان”
هو هن کي وڏي بلڊنگ ۾ ڇڏي آيو.
ٻي ڏينهن هن قيصر پارڪ جي هڪ ويران هوٽل ۾ هن عورت جي سموري داستان پنهنجي دوست کي ٻڌائي تہ سندس دوست بہ داستان ٻڌي خاموش ٿي ويو ۽ سخت افسوس ڪندي هن پڇيو:
“ڇا هوءَ جوان هُئي؟”
هن چيو “مون کي معلوم ناهي، چڱي نموني هن کي ڏسي نہ سگهيس. منهنجي دماغ ۾ تہ هر وقت اهو خيال اچي ٿو تہ مون سِر ڪٽي دلال جو مٿو ڇو نہ ڦاڙيو”.
دوست چيس “واقعي وڏي ثواب جو ڪم هو”
هو وڌيڪ دير تائين هوٽل ۾ پنهنجي دوست سان ويهي نہ سگهيو، هن جي دل ۽ دماغ تي گذريل وارتا جو بار هو، چانھ ختم ڪري ٻئي دوست هوٽل مان روانا ٿيا.
هن جو دوست سڌو ٽانگا اسٽينڊ تي آيو ۽ هن جون نگاهون اُن دلال کي ڳوليندڀون رهيون، پر دلال ڪٿي نظر نہ آيو.
وقت ڇھ ٿيا هئا، وڏي بلڊنگ طرف وڃڻ لڳو ۽ ان بلڊنگ ۾ داخل ٿيو. ماڻهو اندر اچي وڃي رهيا هئا پر هو وڏي اطمينان سان ان جاءِ تي پهتو جتي ڪافي اونده هئي پر جڏهن هو اُن ڏاڪڻ تي پهتو تہ هن کي روشني نظر آئي، هن مٿي نهار ڪئي ۽ دبيل پيرن سان مٿي چڙهڻ لڳو. ڪجھ دير ڏاڪڻ جي آخري ڏاڪي تي خاموش بيٺو رهيو. ڪمري مان تيز روشني اچي رهي هئي پر ڪائي چُر پُر ۽ نہ وري ڪو آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

آخري ڏاڪو چڙهي هو اڳيان وڌيو، دروازو ڪليل هو، هو هڪ پاسو وٺي دروازي مان اندر جهاتي پائڻ لڳو. سڀ ڪان پهريان هن ڪي تيز ٻرندڙ بلب نظر آيو. جنهن جي روشني هن جي اکين ۾ گهڙي وئي. هو هڪدم دروازي ڪان پري ٿي ويو ۽ اونده ۾ منهن ڪري پنهنجي اکين ڪي طراوت بخشڻ لڳو.
ٿوري دير ۾ هن وري دروازي مان نهارڻ شروع ڪيو. هن اهڙيءَ طرح نهار ڪئي جو تيز ٻرندڙ بلب جي روشنيءَ ڪان بچي سگهي. هن ڏٺو تہ فرش تي پيل رلهيءَ تي هڪ عورت ليٽيل هئي، هن اُن عورت ڪي چٽائي ڏٺو جيڪا اگهور ننڊ ۾ سُتل هئي. منهن تي رَئو پيل هيس. هن جو سينو ساهہ کڻڻ سان هيٺ مٿي ٿي رهيو هو. ٿورو اڳيان وڌيو تہ هن ڪان وڏي رڙ نڪري وئي پر هن پنهنجي رڙ ڪي دٻائي ڇڏيو. عورت ڪان ٿورو پري فرش تي هڪ ماٺهو پيو هو. جنهن جو مٿو چٿيل هو ۽ پرسان رت ۾ پريل هڪ سر پئي هئي. اهو سمورو منظر هن هڪ ئي نظر ۾ ڏٺو ۽ ڏاڪڻ ڪان واپس هيٺ لهڻ لڳو.
پير ترڪي پيس ۽ هيٺ وڃين ڦهڪو ڪيو پر هن پنهنجن زخمن جي پرواهہ نہ ڪئي ۽ هوش حواس قائم رکندي وڏي مشڪل سان پنهنجي ڪمري ۾ پهتو ۽ سموري رات خواب ۾ ڊڄندو رهيو.

# دونهون

هو جڏهن اسڪول روانو ٿيو ته هن کي رستي ۾ هڪ ڪاسائي نظر آيو، جنهن جي مٿي تي هڪ وڏو ٽوڪرو هيو. ان ٽوڪري ۾ تازي ذبح ٿيل ٻڪر جو گوشت هو. ان تازي گوشت مان دونهون نڪري رهيو هو ۽ اهو گوشت هلڪي ڦڙ ڦڙ ڪري رهيو هو جيئن ڪڏهن هن جي اک ڦڙڪندي هئي.

سوا نوَ ٿيا ها آسمان تي ڪڪر ڇانيل هيا ائين پيو محسوس ٿئي ڄڻ اڃان سوير هئي، سرديءَ ۾ شدت ڪا نه هئي پر اينڊڙ ويندڙ ماڻهن جي وات مان گرم گرم ٻاڦ نڪري رهي هئي، هر شيءِ ڌنڌلي نظر اچي رهي هئي ائين پيو لڳي ڄڻ ڪڪرن جو وزن هيٺ دٻيل هجي. موسم ڪجھ اهڙي ڪيفيت واري هئي جو جيئن ربڙ جو جوتو پائي ماڻهو هلندو آهي بازار ۾ ماڻهن جي اچ وڃ جاري هئي، دوڪان کلي چڪا ها. آواز گهٽ هيا جيئن ڪو ڪَنَ ۾ سرگوشيون ڪندو هجي، هلڪو.... هلڪو... آهستي... آهستي ماڻهو ڳالهائي رهيا هئا.

مسعود بغل ۾ ٿيلهو وجهي اسڪول وڃي رهيو هو هن جي چال به اڄ سست هئي جڏهن هن تازي ذبح ٿيل ٻڪري جي گوشت مان دونهون اٿندي ڏٺو هو ته هن کي ڏاڍي راحت آئي ٿي، ان گوشت مان اٿيل دونهين هن جي ٿڌن ڳلن تي گرم گرم لڪيرن جو ڄار اُٽي ڇڏيو هو. ان گرميءَ هن کي راحت پهچائي ۽ هو سوچڻ لڳو ته سرديءَ جي موسم ٿڌن هٿن تي بيد جو لڪڻ کائڻ کان پوءِ اگر اهو دونهون ملي وڃي ته ڪيترو نه سٺو ٿيندو.

فضا به اٻاڻڪي هئي، روشني ڌنڌ ۾ ويڙهيل هئي، جنهن سان فضا ۾ گدلاڻ پيدا ٿئي پئي ۽ اها گدلاڻ الائي ڇو هن جي اکين کي مزو ڏئي رهي هئي، هو ان سبب کان ته نظر اينڊڙ شيون جهٽ پلڪ ۾ نظرن کان اوجهل پئي ٿينديون وڃن.

مسعود جڏهن اسڪول پهتو ته هن کي پنهنجي دوستن کان معلوم ٿيو ته هن جي اسڪول جو سيڪريٽري صاحب گذاري ويو آهي تنهن ڪري اڄ اسڪول بند رهندو. موڪل جي ڪري سڀ ڇوڪرا خوش هيا ٻار اسڪول ۾ مختلف راندين ۾ مشغول ٿي ويا ڪجھ ٻار گهر هليا ويا ڪجھ ٻار اچن پيا ۽ نوٽس بورڊ وٽ جمع ٿي سيڪريٽري صاحب جي مرڻ جو نوٽيس پڙهي رهيا هئا.

مسعود جڏهن اهو ٻڌو ته سيڪريٽري صاحب مري ويو آهي ته هن کي افسوس نه ٿيو هن جي دل اهڙن جذبن کان خالي هئي چاڪاڻ جو گذريل سال هن ئي موسم ۾ هن جو ڏاڏو گذاري ويو هو جنهن جي جنازي کڻڻ وقت وڏي پريشاني ٿي هئي، چاڪاڻ جو ان وقت مينهن وسي رهيو هو، قبرستان ۾ گپ هئي ڪيئي ماڻهو ان ۾ ترڪي پيا هئا ۽ هو به پير ترڪڻ سبب ذري گهٽ وڃي کوٽيل قبر ۾ ڪرندي بچيو هو. اهي سڀ

ڳالهيون هن کي ياد هيون سرديءَ جي شدت، هن جا گپ ۾ خراب ٿيل ڪپڙا، سرخيءَ جهڙا نيرا هٿ جنهن کي مهٽڻ سان داغ لڳي چڪا ها ۽ نڪ هن کي ائين لڳي رهيو جيئن برف جي ڳنڍڙي ۽ پوءِ هن واپس اچي هٿ پير ڌوتا ۽ ڪپڙا مٽايا، اهو سڀ ڪجهه هن کي ياد هو، هاڻي جڏهن هن اسڪول جي سيڪريٽري صاحب جي موت واري خبر ٻُڌي ته هن کي گذريل سال واري وارتا ياد آئي ۽ هن سوچيو جڏهن سيڪريٽري صاحب جو جنازو ڪڍندو ته مينهن پئجي ويندو ۽ قبرستان ۾ گپ ٿي ويندي ڪيترين ئي ماڻهن جا پير ترڪي پوندا.

مسعود جڏهن سيڪريٽري صاحب جي مرڻ جي خبر ٻڌي ته هو سڌو پنهنجي ڪلاس ڏانهن ويو ڪمري ۾ پهچي هن پنهنجي ڊيسڪ جو تالو کوليو ٻه ٽي ڪتاب اُن ۾ رکيائين جيڪي هن کي ٻئي ڏينهن وري ڪٽي اچڻا هئا باقي ٿيلهي ۾ وجهي گهر هليو آيو.

رستي ۾ هن کي اهو ئي ڪاسائيءَ جي دوڪان ۽ ذبح ٿيل ٻڪري جو گوشت نظر آيو، جيڪو ڪاسائيءَ جي دوڪان تي لوهي سيخ ۾ ٽنگيل هيو. جڏهن ته ٻيو گوشت جو ٽڪرو تختي تي هن جي سامهون پيل هو. مسعود جڏهن هن جي دوڪان جي ويجهو آيو هن جي دل ۾ خواهش پيدا ٿي ته اُهو گوشت جنهن مان دونهون نڪري رهيو هو ان کي ڇهي ڏسي، هن آڱر وڌائي ٻڪري جي گوشت جي ان حصي تي رکي جيڪو ڦڙڪي رهيو هيو، گوشت گرم هيو مسعود جي ٿڌي آڱر کي ان گوشت جي گرمي محسوس ٿي ڪاسائي دوڪان اندر ڇُرين کي تيز ڪرڻ ۾ مصروف هيو مسعود هڪ ڀيرو وري گوشت کي آڱرين سان ڇهي ڏٺو ۽ اُتان هليو ويو.

مسعود گهر پهچندي ئي پنهنجي ماءُ کي سيڪريٽري صاحب جي موت جي خبر ٻڌائي، هن کي ماءُ ٻڌايو ته تنهنجو پيءُ ٻه ان ئي جنازي ۾ شريڪ ٿيڻ ويو آهي. هاڻي مسعود جي گهر ۾ صرف ٻه ماڻهو هيا ماءُ ۽ وڏي ڀيڻ ماڻس بورچي خاني ۾ پاڇي پچائي رهي هئي وڏي ڀيڻ، ڪلثوم پنهنجي ڪمري ۾ درباري راڳ جو سرگم ياد ڪري رهي هئي.

هن جي پاڙي جا ڇوڪرا جيڪي هن سان گڏ اسڪول ۾ پڙهندا هئا. ماستر صاحب جي مرڻ جو هنن تي ڪو خاص اثر نه پيو هو، تنهن ڪري مسعود ٻه پاڻ کي هلڪو هلڪو محسوس ڪري رهيو هو اسڪول جو ڪو ڪم ڪو نه هو. ڇهين جماعت ۾ جيڪو پڙهايو وڃي ٿو هو پنهنجي گهر ۾ پنهنجي پيءُ کان ٽيوشن وٺندو هيو. ڪيڏڻ لاءِ ٻه هن وٽ ڪا شيءِ ڪانه هئي، هن وٽ صرف تاش هئي پر هن کي تاش سان ڪا دلچسپي نه هئي لوڊو ۽ ٻين راندين ۾ هن جي ڀيڻ پنهنجي سهيلين سان گڏ روز ڪيڏندي هئي پر مسعود کي راندين سان ڪو دلي لڳاءُ نه هو.

اسڪول جو ٿيلهو ڪمري ۾ رکڻ کان پوءِ هن پنهنجي اسڪول واري ڊريس لاٿي ۽ سڌو وڃي بورچي خاني ۾ پنهنجي ماءُ وٽ وڃي ويٺو. ساڻ هو پنهنجي ڀيڻ جي درباري راڳ جي سرگم جو آواز ٻه ٻڌي رهيو هو جنهن ۾ ڪيئي دفعا ساري گاما اچي

ٿو. هن جي ماءُ بورچي خاني ۾ پالڪ ڪٽي رهي هئي. پالڪ ڪٽڻ ڪانپوءِ هن ساون پنن واري پاجي ديڳڙيءَ ۾ وڌي، ٿوري دير ۾ ديڳڙيءَ کي ٻاڦ لڳايائين ته ديڳڙيءَ مان هلڪو دونهون نڪرڻ لڳو اُن دونهي کي ڏسي مسعود کي ٻڪري جو گوشت ياد آيو ۽ هن پنهنجي ماءُ کي چيو "امان اڄ مان ڪاسائي جي دوڪان تي ٻه ڪنل ٻڪرا ڏٺا جنهن جي کل لٿل هئي ۽ ان جي گوشت مان دونهون نڪري رهيو هو. بلڪل ائين جيئن صبح سوير منهنجي وات مان ٻاڦ نڪرندي آهي".

"ها ....! اهو چئي هن جي ماءُ چلهي ۾ پيل ڪاٺين مان ڪوئلن کي اُٿلائڻ لڳي".

"ها....۽ مان گوشت کي پنهنجي آڱر سان ڇهي ڏٺم ته اهو گرم هيو".

"ها..." اهو چئي هن جي ماءُ اهو ٿانءُ ڪنيو جنهن ۾پالڪ کي ڌوئي صاف ڪيو هو، اهو کڻي بورچي خاني کان ٻاهر هلي آئي".

"۽ اهو گوشت ڦڙڪي پيو..."

"جي..... " مسعود جي وڏي ڀيڻ درٻاري راڳ جي سرگم کي ياد ڪرڻ وارو ڪم پورو ڪري مسعود طرف ڌيان ڏيندي چيو، "ڪيئن ٿو ڦڙڪي؟"

"هيئن... بلڪل هيئن" مسعود آڱرين وچ ۾ ڦڙڪڻ پيدا ڪري پنهنجي ڀيڻ کي ڏيکاريو.

"پو ڇا ٿيو؟" اهو سوال ڪلثوم پنهنجي سرگم ڀريل دماغ مان ڪيو جو مسعود هڪ وقت لاءِ بلڪل جواب نه ڏئي سگهيو.

"پو ڇا ٿيڻ گهرجي...؟" مون ته ائين ئي توسان ڳالهه ڪئي ته ڪاسائيءَ جي دوڪان تي گوشت ڦڙڪي رهيو هو ۽ مون هن کي پنهنجي آڱر سان ڇُهي ڏٺو جيڪو گرم هيو.

"گرم هيو.... نيڪ آ مسعود پر اهو ٻڌاءِ ته تون منهنجو ڪم ڪڏهن ڪندين؟"

"ٻڌاءِ"

"مون سان گڏ اچ"

"نه پهريون ڪم ٻڌاءِ"

"تون اچ ته سهي"

"جي نه ... پهريون ڪم ٻڌاءِ"

"ڏس منهنجي چيلهه ۾ سخت سور آهي..."

"مان ڪمري ۾ پلنگ تي ليٽان ٿي، تون لتن سان مون کي زور ڏي".

"ڏس منهنجو تون سٺو ڀاءُ آهين نه" قسم سان مون کي چيلهه ۾ سخت سور پوي ٿو، مسعود کي اهو چئي ڪلثوم پنهنجي چيلهه تي مُڪون هڻڻ شروع ڪيون.

"تنهنجي چيلهه کي ڇا ٿو ٿي وڃي جڏهن ڏس سورُ ئي سورُ آهي ۽ زور به مون کان ٿي ڏيارائين... ڇو نه ٿي پنهنجي سهيلين کي چوين ته اهي زور ڏين".

مسعود اُٿي بيٺو ۽ راضي ٿي ويو "نيڪ آ پر هڪڙي ڳالهه چوانءِ ٿو ته ڏهه منٽن کان وڌيڪ زور ڪو نه ڏيندوسانءِ..."

”شاباس... شاباس“

هن جي پيٽ اُتي بيني ۽ سرگرم واي ڪاپي سامهون الماريءَ ۾ رکي واپس ان ڪمري ۾ آئي جتي مسعود ۽ ڪلثوم سمهندا هئا.

هوءَ اڳر ۾ پهتي ته هن پنهنجي ڏکندڙ چيلهه کي سڌو ڪيو ۽ آسمان طرف نهاريو. ڪارا ڪارا بادل آسمان تي ڇانيل ها، ”مسعود اڄ بارش ضرور ٿيندي“ اهو چئي هن مسعود ڏانهن نهاريو جيڪو ڪمري ۾ پنهنجي کٽ تي ليٽيل هو. جڏهن ڪلثوم پنهنجي پلنگ تي اونڌهي منهن ليٽي ته مسعود کٽ تان اٿيو ۽ مٿي گهڙيءَ ڏانهن نهاريو ”ڏس باجي! يارنهن ۾ ڏهه منٽ باقي آهن، مان پوري يارهين وڳي روز ڏيڻ بند ڪندس“.

”ٺيڪ آ، پر تون وڌيڪ نخرا نه ڪر، هاڻي جلدي پلنگ تي اچي منهنجي چيلهه تي زور ڏئي، ٻي صورت ۾ ياد رک، ڪن ڇڪيندي مانءَ ڪلثوم مسعود کي دڙڪا ڏيندي چيو.

مسعود پنهنجي ڀيڻ جي حڪم جي تعميل ڪئي ۽ پيٽ جو سهارو وٺي پنهنجي ڀيڻ جي چيلهه تي زور ڏيڻ شروع ڪيا. مسعود جڏهن پنهنجي پنهنجي پيرن جي وزن سان زور ڏئي رهيو هو ته ڪلثوم جي نرم ۽ نازڪ چيلهه هيٺ جهڪي پئي وڃي، جڏهن هن پيرن سان زور ڏنو ٺيڪ اهڙي طرح جيئن مزدور مٽيءَ کي ڳوهيندو هجي ۽ ڪلثوم کي آرام ۽ مزو آيو ته هن دٻيل آواز ۾ هاءِ.... هاءِ .... ڪرڻ شروع ڪيو.

ڪلثوم جي ڪُلهن تي گوشت گهٽو هيو جڏهن مسعود جو پير ان حصي تي پيو ته هن کي ائين محسوس ٿيو ته هو ٻڪر جي گوشت کي دٻائي رهيو هجي جيڪو هن ڪاسائيءَ جي دوڪان تي پنهنجي آڱر سان ڇُهي ڏٺو هو. هن جو خيال ڪجهه لمحن لاءِ ڪاسائيءَ جي دوڪان ڏانهن پئي ويو. پر هو سوچي پيو ته ان ڳالهه ۾ منهنجو مطلب ته ڪونهي، هو اجايو خيال ذهن ۾ سمائي رهيو آهي.

مسعود محسوس ڪيو ته هن جي پيرن هيٺان زور ڏيڻ ڪري حرڪت پيدا ٿئي پئي، اهڙي قسم جي حرڪت جيڪا هن ٻڪر جي گرم گرم گوشت ۾ ڏٺي هئي...... هن وڏي بي دليءَ سان چيلهه تي زور ڏيڻ شروع ڪيا پر هاڻي هو زور ڏيندي هڪ عجيب لذت محسوس ڪري رهيو هو. هن جي پيرن جي هيٺان ڪلثوم دانهن ڪري رهي هئي، دٻيل آواز جيڪو مسعود جي زور ڏيڻ سان گڏ آهستي آهستي نڪري رهيو هو ۽ پيرن جي حرڪت سان ساٿ ڏئي رهيو هو، هن کي گمنام لذت جو وڌيڪ احساس ڏياري رهيو هيو.

گهڙيال ۾ يارنهن تي وڳا پوءِ به مسعود پنهنجي ڀيڻ ڪلثوم جي چيلهه کي زور ڏيندو رهيو. جڏهن چيلهه ۾ سورُ هلڪو ٿيو ته ڪلثوم سڌي آهلي پئي ۽ چيائين ”شاباس مسعود، شاباس.... هاڻي منهنجي ڄنگهن کي به زور ڏي بلڪ اهڙي طرح .... شاباس منهنجا ڀاءُ....“

مسعود ديوار جي سهاري سان ڪلثوم جي ساٿرن تي پيرن جو زور ڏنو ته هن جي پيرن هيٺان ائين لڳو ڄڻ ڪا مڇي ترڪي وئي هجي..... ڪلثوم جي جسم مان سسراٽيون نڪري ويون ۽ بي اختيار ڪلندي رهي.

مسعود هن جي ساٿر تان ترڪي ڪرندي ڪرندي بچيو پر هن جي پيرن جي ترين جي هيٺان مڇين جي ترڪڻ واري حرڪت رڪجي وئي هن جي دل ۾ خواهش پيدا ٿي ته هو وري ٻيهر ڀت کي ٽيڪ ڏئي ڪري پنهنجي پيڻ جي ساٿرن تي زور ڏي، نيٺ هن ڪلثوم کي چئي ڏنو "توهان ڪلڻ ڇو شروع ڪيو آهي؟ سڌي سُمهه ته مان تنهنجي ساٿرن تي زور ڏيان..."

ڪلثوم سڌي سمهي پئي، مسعود جڏهن هن جي ساٿرن تي ٻيهر چڙهيو ته هن جي جسم ۾ ڪتڪتائي پيدا ٿي، هن جي جسم ۾ اجا تائين ڪتڪتائين جو اثر موجود هو " بس ڪر.. مسعود مون کي ڪتڪتايون ٿيون ٿين، تون وحشين وانگر زور ڏئي رهيو آهين..."

مسعود سوچيو ته شايد هن غلط طريقي سان زور ڏنو آهي، "نه هاڻي مان تنهنجي ساٿرن کي ڏاڍيان زور نه ڏيندس... تون ماٺ ڪر، هاڻي مان توکي سهڻي نموني سان زور ڏيندس جو توکي ڪا به تڪليف نه ٿيندي...."

پٽ جو سهارو وٺندي مسعود پاڻ سنياليو ۽ آهستي آهستي ڪلثوم جي ساٿرن تي پير رکيائين ۽ هوريان هوريان زور ڏيڻ لڳو. ڪلثوم جي ساٿرن مان پيدا ٿيل ترڪندڙ مڇين واري حرڪت هن جي پيرن کي محسوس ٿي رهي هئي......... مسعود هڪ ڏينهن اسڪول ۾ ڇڪيل رسي تي هڪ بازيگر کي هلندي ڏٺو هو هن ائين ڀانيو ته بازيگر جي پيرن هيٺان به ائين رسو ترڪندو هوندو جيئن سندس پير ڪلثوم جي ساٿرن کي زور ڏيندي ترڪي رهيا هئا.

ان کان پهريون ڪيترا ڀيرا هن پنهنجي ڀيڻ ڪلثوم جي ڄنگهن کي زور ڏنا ها پر جيڪا لذت اڄ هن کي محسوس ٿي رهي هئي اها ڪيس ڪڏهن به اڳ محسوس ڪا نه ٿي هئي، ٻڪر جي تازي گوشت جو هر هر خيال پئي آيو. هن هڪ ڀيرا سوچيو "ڪلثوم کي جيڪڏهن ذبح ڪيو وڃي ته سندس ڪل لاٿي وڃي ته ڇا هن جي گوشت مان به اهائي ٻاڦ نڪرندي؟" پر اهڙي واهيات ڳالهه سوچيندي هن کي شرم ٿي آيو ۽ هن دماغ کي اهڙي طرح انهن خيالن کان صاف ڪيو جيئن سليٽ کي اسفنج سان صاف ڪندو هو.

"بس ... بس..." ڪلثوم دانهن ڪئي. "بس ... بس"

مسعود کي هڪڙي ڪيچل سُجهي، هو ٽپ ڏئي پلنگ تان هيٺ لٿو ته هن ڪلثوم جي ٻنهي بغلن ۾ ڪتڪتايون ڪرڻ شروع ڪيون. ڪلثوم کِل ۾ ونجي وئي، هن ۾ ايتري سگهه ئي ڪا نه رهي جو مسعود کي هٿن کان پڪڙي روڪي سگهي پر جڏهن مسعود کي لت هڻڻ چاهي ته مسعود ٻاهر ڀڄي ويو.

جڏهن هو آڳر ۾ داخل ٿيو ته هن ڏٺو ته هلڪي هلڪي ڦڙ ڦڙ پئي رهي هئي اُپ تي ڪڪر ڪارا چانيل هئا، مينهن جون ڪٽيون فرش جي سرن ۾ جذب ٿي ويون مسعود جي بدن ۾ هڪ وڻندڙ گرمي پيدا ٿي جڏهن هن جي ڳلن کي ٿڌڙي ٿڌڙي هير جو احساس ٿيو ۽ هن جي نڪ تي به ٿي مينهن ڪٽيون پيون ته ڪتڪتائي هن جي جسم ۾ پيدا ٿي، سامهون پيت مٿان هڪ ڪبوتر ۽ ڪبوتري ڇهنب ويڙهائي رهيا هئا ائين پئي پاسيو جڻ دم تي رکيل ايامپل ديگڙي گرم هجي. گُل دائودي ۽ نازبوءِ جا گل ۽ ساوا ساوا پن ڳاڙهين ڪوندين ۾ وهنجي رهيا هئا، ۽ فضا ۾ عجيب نند چانيل هئي، اهڙي نند جنهن ۾ وڏيڪ سجاڳي هئڻ جو احساس هيو. انسان جي چوطرف خواب ائين ويڙهيل هئا جيئن اوني ڪپڙو.

مسعود اهڙين ڳالهين بابت سوچي رهيو هو، جنهن جو مطلب هو پاڻ به سمجهي نه ٿي سگهيو. هو ان ڳالهين کي محسوس ته ڪري رهيو هو پر هن جو مطلب سوچ کان مٿي هو. پر انهن سوچن ۾ کيس مزو ضرور اچي رهيو هو. مينهن ۾ ڪجهه دير پسڻ ڪانپوءِ جڏهن مسعود جا هٿ ٺري پيا ۽ تريون زور ڏيڻ ڪري اچيون ٿيون ويون، تڏهن هن هٿن جون مُٺيون پڪوڙي ورتيون ۽ وات مان گرم ٻاڦ ڪڍي مُٺين کي بند ڪري ڇڏيو. هٿ پڪوڙڻ سان ڪجهه گرميءَ جو احساس ته جاڳيو پر اُهي هٿ ڪافي گهميل هئا. ان ڪري هو هٿ سيڪڻ لاءِ رنڌڻي ۾ هليو ويو. ماني تيار هئي اجان هن ٻهريون گرهه ڪنيو ته هن جو پيءُ قبرستان مان موٽي آيو. پيءُ پٽ وچ ۾ ڪا به ڳالهه ٻولهه نه ٿي، مسعود جي ماءُ اٿي ڪري مڙس واري ڪمري ڏانهن هلي وئي.

ماني کائي فارغ ٿي مسعود ڊرائنگ روم ۾ هليو ويو دري کولي فرش تي سمهي پيو. مينهن جي ڪري ٿڌ ۾ شدت هئي ساڻ ٿڌڙي هير به گهلي رهي هئي، پر هي سردي هن کي خوشي فراهم ڪري رهي هئي، ڍنڍ جي پاڻيءَ وانگر مٿان ٿڌي ۽ اندران گرم مسعود جڏهن فرش تي ليٽيو ته هن جي دل ۾ خواهش پيدا ٿي ته هو سيءَ جو ڀرپور مزو وٺي جتي هن جي جسم کي راحت انگيز گرمي ملي، دير تائين هو اهڙي گرم گرم ڳالهين تي سوچيندو رهيو جنهن سبب هن جي پٺن ۾ هلڪو هلڪو سور پيدا ٿي پيو. هڪ ٻه ڀيرو هن آرس ڀڳو ته کيس مزو آيو. هن جي جسم جي ڪنهن حصي ۾ ائين محسوس ٿيو ته ڪا شيءِ اٽڪي پئي هجي. اُها ڪهڙي شيءِ هئي، ان بابت مسعود کي ڪا خبر نه هئي پر هن جي جسم ۾ تڪليف پيدا ٿي جنهن ۾ لڪيل مزو به شامل هيو.

دير تائين قالين تي پاسا بدلائي نيٺ اُٿي پيو ۽ باورچي خاني مان ٿيندي صحن ۾ اچي پهتو، ڪو به گهر جو ڀاتي نه باورچي خاني ۾ هو نه آڳر ۾، جيترا به گهر جا ڪمرا هئا اُهي سڀ بند هئا مينهن هاڻي بند ٿي چڪو هو. مسعود هاڪي ۽ بال ڪڍي پڌر ۾ راند ڪرڻ شروع ڪئي، جڏهن هن زور سان بال کي ڌڪ هنيو ته بال پڌر جي سڄي هٿ واري ڪمري جي دروازي تي لڳو. اندران مسعود جي پيءُ جو آواز آيو ڪير؟

“جي مان آهيان مسعود”
“اندران آواز آيو “چا پيو ڪرين؟”
“ڪيڏانهن ٿو”
“پل ڪيڏ...” ٿوري دير ترسي، هن ڪي پيءُ چيو “تنهنجي ماءُ مون ڪي زور ڏئي رهي آهي، گهڻو گوڙ نہ ڪر...” اهو ٻڌي مسعود بال ڪي اُتي ڇڏي هاڪيءَ ڪي هٿ ۾ ڪڻي سامهون واري ڪمري طرف رخ ڪيو ان ڪمري جو هڪ تاڪ بند هيو ۽ ٻيو ٿورو ڪليل هو. مسعود ڪي هڪ ٻي ڪيچل سُجهي هو دٻيل قدمن سان دروازي ڏانهن وڌيو ۽ دروازي ڪي ڌڪو ڏنائين تہ ٻہ رڙيون ٻڌڻ ۾ آيون ڪلثوم ۽ هن جي سهيلي بملا جيڪا ساٽس گڏ سُتل هئي ڇرڪي پيون ۽ پنهنجي مٿان چادر وجهي ڇڏيائون. بملا جي بلائوز جا بٽڻ ڪليل هئا ۽ ڪلثوم ان جي اگهاڙي سيني ڏانهن نهاري رهي هئي، مسعود ڪي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي هن جو دماغ چڪرائجي ويو، اُتان پوئين پير موٽندي جڏهن ڊرائنگ روم ڏانهن وريو تہ هن ڪي پنهنجي جسم ۾ عجيب طاقت جو احساس ٿيو، جنهن سبب ڪجهہ دير لاءِ هن جي سوچ واري سگهہ رڪجي وئي.
ڊرائنگ روم جي دريءَ پرسان ويهي جڏهن مسعود هاڪيءَ ڪي ٻنهي هٿن سان پڪڙي گوڏن تي رکيو ان خيال کان تہ هو هاڪيءَ ڪي ڇبو ڪري زور سان پيچي وٺندو پر اها پيچي نہ سگهي دير تائين هو طاقت آزمائيندو رهيو پر ڪو نتيجو نہ نڪتو، دير تائين هُو هاڪي سان مَلهہ وڙهندو رهيو پر جڏهن ٿڪجي هارجي پيو تہ هن ڪاوڙ ۾ اچي هاڪيءَ ڪي پري اڇلائي ڇڏيو.

# بُوءِ

مينھوڳيءَ جا ڏينھن ھئا، دريءَ ٻاھران پپل جي وڻ جا پن پاڻيءَ ۾ پُسي رھيا ھئا ۽ ساڳ واڻ سان اٽيل پلنگ تي جيڪو ھاڻي دريءَ کان ڪجھ پرڀرو سوريو ويو ھو تنھن مٿان رنڌير سان گڏ عيسائي ڇوڪري ھن جي جسم سان چنبڙيل ھئي.

دريءَ ٻاھران پپل جا پن رات جي گھگھ انڌيري ۾ جھومڪ وانگر جھومي رھيا ھا ۽ عيسائي ڇوڪري رنڌير جي ڳلن تان چُميون وٺي رھي ھئي. ھڪ انگريزي اخبار جو سموريون خبرون ۽ اشتھار پڙھڻ کان پوءِ جڏھن ھو تفريح خاطر گھر جي بالڪونيءَ ۾ اچي بيٺو تہ ھن عيسائي ڇوڪريءَ کي جيڪا شايد سُٽ جي ڪارخاني ۾ ڪم ڪندي ھئي سا مينھن کان بچڻ لاءِ گدامڙيءَ جي وڻ ھيٺان اچي بيٺي ھئي تنھن کي کنگھڪر ڪندي ھن پاڻ ڏانھن متوجھ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ نيٺ ھٿ جي اشاري سان ڪيس مٿي اچڻ لاءِ چيائين.

ھو ڪيترن ئي ڏينھن کان اڪيلائپ جو شڪار ھو، ٻي جنگ عظيم سبب بمبئيءَ جون سموريون عيسائي ڇوڪريون جيڪي اڳ سولائيءَ سان ملي وينديون ھيون سي فوج ۾ ڀرتي ٿي ويون تہ ڪيترين وري ڇانوڻيءَ جي علائقي ۾ ڊانسنگ اسڪول قائم ڪري ورتا جتي صرف انگريز فوجي وڃي سگھندا ھئا.

رنڌير انھن ڏھاڙن ۾ ڪافي اُداس ھو، ڇاڪاڻ تہ عيسائي ڇوڪريون اٽلپ ٿي ويون ھيون، ٻيو سبب اھو ھو تہ رنڌير جيڪو گورن جي مقابلي ۾ مھذب، تعليم يافتہ ۽ صحت مند نوجوان ھو صرف ان لاءِ ھن تي ڇڪلي ڇڪلي ۾ وڃڻ جي پابندي ھئي جو ھن جي چمڙي گوري ڪا نہ ھئي.

جنگ کان پھريائين رنڌير ناگ پاڙي ۽ تاج محل ھوٽل جي ڀرسان قائم ڇڪلن ۾ ڪيترن خوبصورت عيسائي ڇوڪرين سان راتيون گذاري چڪو ھو ۽ ھن کي ڄاڻ ھئي تہ ھو عيسائي لونڊن جي مقابلي ۾ سھڻي نموني ميلاپ ڪري سگھي ٿو. انھن ڇوڪرين سان جيڪي فيشن جي خاطر عشق ڪن ٿيون ۽ آخر ۾ ڪنھن چريٽ سان نڪاح ڪري ڇڏينديون آھن.

رنڌير صرف دل ئي دل ۾ پيدا ٿيل ڪاوڙ جو بدلو وٺڻ لاءِ ھن عيسائي ڇوڪريءَ کي پاڻ وٽ گھرايو، ھيزل ھن جي فليٽ جي ھيٺين حصي ۾ رھندي ھئي صبح جو ساڄھر وردي پائي ڪٿيل وارن تي ٽيڏي خاڪي ٽوپي رکي فئڪٽريءَ ڏانھن ويندي ھئي تہ ھن کي ڏسي ڦٽ پاٿ تي ھلندڙ ماڻھو ھن جي لوڏ تان قربان ويندا ھا. رنڌير سوچيو تہ آخر ھن جو عيسائين ڇوڪرين تي ايترو توجھ ڇو آھي ان ۾ ڪو شڪ ناھي تہ عيسائي ڇوڪريون پنھنجي خوبصورت جسم جو سھڻي طريقي سان نماءُ ڪن ٿيون. ڪنھن بہ قسم جي حجاب کان سواءِ پنھنجي ماھواريءَ جو ذڪر پڻ ڪري ڇڏينديون

آهن ۽ پنهنجن پراڻن عاشقن جا قصا بہ بي حجاب ٿي ٻڌائيندي آهن. جڏهن ڪا ميوزڪ ٻڌنديون آهن تہ نچڻ لڳنديون آهن..... هي سڀ ڪجھ نيڪ آ پر ڇا ڪا ٻي عورت انهن خاصيتن جي مالڪ ٿي سگهي ٿي؟

رنڌير جڏهن عيسائي ڇوڪريءَ کي مٿي سڏ ڪيو تہ ڪيس يقين نہ هو تہ هو هن کي پاڻ سان گڏ پنهنجي بستر تي سمهاري سگهندو. پر ٿوري دير ۾ جڏهن هن جا پسيل ڪپڙا ڏٺائين تہ ڪيس خيال آيو ڪٿي ويچاريءَ کي ڪو سبب نمونيا نہ ٿي وڃي ان ڪري رنڌير چيس "ڪپڙا لاهي وٺ، ڪٿي سيءُ نہ لڳي وڃئي..."

هوءَ هن جو مطلب سمجهي، شرمائجي وئي هئي پر ٿوري دير ۾ جڏهن رنڌير هن اڳيان سفيد چادر رکي تہ هوءَ ڪجھ دير لاءِ سوچن ۾ پئجي وئي، پوءِ آخر اسڪرٽ لاهي ورتائين ۽ آهستي آهستي جسم جي مٿين حصي تي پيل آلي چوليءَ کي لاهڻ جي ڪوشش ڪيائين، هن سفيد چادر اوڙهي ڇڏي ۽ اندران ٻنهي هٿن سان چوليءَ کي لاهڻ جي ڪوشش ڪيائين پر چولي آلي هئڻ ڪري جسم تي چنبڙي پئي تہ هن مرهٽي زبان ۾ رنڌير کي ڪجھ چيو جنهن جو مطلب اهو هو: "ڇا ڪريان چولي نٿي لهي..."

رنڌير ان جي ويجهو اچي هڪ هٿ سان چوليءَ کي پڪڙي ٻئي هٿ سان سٽ ڏنائين تہ چولي ڦاٽي پئي ۽ هن جي اڳيان بہ خوبصورت اُرھ اُڀري اچي بيٺا....! رنڌير کي ائين لڳو ڄڻ ڪنهن ڪنيار جي هٿان تازي ڳوهيل مٽيءَ منجهان بہ پيالا تيار ٿي ويا. هن جي اُرهن ۾ اُها ساڳي تازگي، مزو ۽ تراوت نظر آئي ٿئي جيڪا هن جي هٿن مان نڪتل تازن ٺڪرن جي ٿانون ۾ محسوس ٿيندي آهي، هن جي ڳاڙھ سرين جوان ڇاتين ۾ جيڪي بلڪل بيدار هيون انهن ۾ عجيب قسم جي چمڪ هئي، ائين پئي لڳو ڄڻ تالاب جي ميري پاڻيءَ ۾ بہ ڏيئا ٻري رهيا هجن انهن ۾ ڏنڌلي روشني موجود هئي جنهن ۾ چمڪ هُجڻ جي باوجود چمڪ نہ هئي.

برسات جا ساڳيا ڏينهن هئا دريءَ جي ٻاهران پپل جي پنن ۾ شور هو، هن عيسائي ڇوڪريءَ جا ٻئي ڪپڙا جيڪي مينهن جي پاڻيءَ ۾ پُسي چڪا هئا هڪ غليظ ڍير جي شڪل ۾ فرش تي پيا هئا ۽ هوءَ رنڌير سان ٻڪيل هئي، هن جي اگهاڙي ۽ ميري جسم جي گرمي رنڌير جي سرير ۾ اهو احساس پيدا ڪري رهي هئي جيڪا سخت سردين ۾ حجامن جي غليظ حمامن ۾ تڙ ڪرڻ وقت محسوس ٿيندي آهي. سڄي رات هوءَ رنڌير سان ٻڪيل هئي، ٻئي ڄڻا هڪٻئي ۾ سمائجي ويا، هنن مشڪل سان بہ ٻہ ٻول ڳالهايا هوندا، جو تہ جيڪو ڪجھ چوڻو ۽ ٻڌڻو هو سو گرم ساهن، نرم هٿن ۽ آلن چپن سان ڳالهائجي رهيو هو. رنڌير جا هٿ سڄي رات هن جي اُرهن تي ڦرندا رهيا. نرم اُرهن جي چوڌاري ننڍا ننڍا ڦُڙا جيڪي هڪ ڪاري دائري ۾ ڦهليل هئا سي اُڀري پيا ۽ هن ڇوڪريءَ جي ساري جسم مان سسراٽيون اُڀري آيون ۽ رنڌير ڪجھ وقت لاءِ ڇرڪي پيو. اهڙين لمحن مان هو ڪيئي ڀيرا گذري چڪو هو ۽ هو ان جي لذت کان بہ چڱيءَ ريت واقف هو، ڪيترين ئي ڇوڪرين جي نرم ۽ سخت اُرهن سان سينو ملائيندي ڪيئي راتيون گذاريون هيائين، هو اهڙين ڇوڪرين سان بہ راتيون

گذاري چڪو هو جن اجا جوانيءَ جي پهرين ڏاڪي تي قدم رکيو هو، هن جو انهن ڇوڪرين سان جيءُ جڙيو هو. جيڪي هن جي سيني سان چنبڙي پنهنجا ذاتي تجربا به ٻڌائي ڇڏينديون هيون. جيڪي ڪنهن به ڌاري کي ٻڌائي نه ٿيون سگهجن.... اهڙين ڇوڪرين سان به هن جو واسطو پئجي چڪو هو، جيڪي سڄو پورهيو پاڻ ڪنديون هيون ۽ هن کي ڪا تڪليف ڪرڻ نه ڏينديون هيون. پر هيءَ عيسائي ڇوڪري جيڪا گدامڙيءَ جي وڻ هينان پُسيل بيني هئي جنهن کي رڻڌير هٿ جي اشاري سان مٿي گهرائي ورتو هو اُها سيني ڇوڪرين کان بنهه مختلف هئي.

سڄي رات رڻڌير کي هن جي بدن مان عجيب قسم جي بوءِ اچي رهي هئي، جيڪا هڪ طرف خوشبودار ۽ ٻئي طرف ڌپ هاڻي به هئي، رڻڌير سڄي رات پيئندو رهيو، هن جي اُرهن کي، هن جي بغلين کي ۽ هن جي پيٽ کي چمندو رهيو هر جاءِ کي چميائين جتان هن کي خوشبو اچي رهي هئي ته بدبوءِ به آئي ٿي. سڄي رات رڻڌير سوچيندو رهيو ته هو ڪڏهن به ايترو اُن عيسائي ڇوڪريءَ جي ويجهو نه وڃين ها جيڪڏهن هُن جي اگهاڙي جسم مان اها پگهر جي بوءِ نه اچي ها......... اها بوءِ جيڪا هن جي دل ۽ دماغ تي ڇانئجي ۽ هن جي سڄي جسم ۾ گهر ڪري وئي.

ان پگهر جي بوءِ رڻڌير ۽ ڇوڪريءَ کي هڪ رات ۾ هڪٻئي جي ويجهو آڻي ڇڏيو. ٻئي هڪٻئي ۾ سمائجي ويا هئا ۽ سمنڊ جي اونهائين ۾ ڄڻ لهي ويا هئا. اها لذت جيڪا متصر هجڻ جي باوجود دائمي محسوس ٿي رهي هئي، ائين پئي لڳو ڄڻ هلندڙ لمحو رڪجي ويو هجي، ۽ هو اُهي پکي ٻڌجي ويا هجن جيڪي آسمان جي نيراڻ ۾ اڏندي اڏندي گم ٿي ويندا آهن، هن عيسائي ڇوڪريءَ جي جسم مان نڪرندڙ برقي قوت کي رڻڌير چڱيءَ ريت سمجهي سگهيو ٿي جڏهن ته هن کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ جي طاقت وٽس نه هئي. بلڪل اهڙيءَ طرح جيئن چيڪيءَ مٽيءَ مٿان پاڻي پوڻ سان تازي خوشبو پيدا ٿي پر هيءَ اها بوءِ به ڪا نه هئي هيءَ ڪا ٻي بوءِ هئي، جنهن ۾ عطر ۽ لوبان جي مصنوعيت نه هئي پر اصلي خوشبوءِ هئي. عورت ۽ مرد جي ميلاپ واري ازلي خوشبو.

رڻڌير کي پگهر جي ڌپ کان سخت نفرت هئي، تڏ کان پوءِ هو اڪثر پنهنجن بغلن ۾ خوشبودار پائوڊر لڳائيندو هو يا اسپري استعمال ڪندو هو جنهن سان پگهر جي ڌپ نه اچي پر عجب اهو هو جو هو ڪيترائي ڀيرا نه چاهيندي به عيسائي ڇوڪريءَ جي وارن ڀريل بغلن کي چٽيندو رهيو الائي ڇو هن کي ڪا به ڪراهت محسوس نه ٿي پر هن کي عجيب قسم جي لذت ضرور محسوس ٿي رهي هئي، هن جي بغلن جا نرم وار جيڪي پگهرجڻ سبب آلا ٿي ويا هئا انهن مان بوءِ اچي رهي هئي جيڪا سمجهندي به هو سمجهي نه سگهيو. رڻڌير کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ هو ان بوءِ کان هُو واقف هو ان جو مطلب به سمجهي پيو پر ڪنهن ٻئي کي ان جو مطلب سمجهائي نه پئي سگهيو.

برسات جا ڏهاڙا هئا ان دريءَ جي ٻاهران جڏهن هن ڏٺو ته پپل جا پن مينهن جي پاڻيءَ ۾ وهنجي رهيا هئا جن ۾ هوا جي ڪري سُرسراهٽ پيدا ٿي چُڪي هئي. اونداهي هئي پر ان ۾ روشنيءَ جا ترورا موجود هئا. برسات جا اهي ئي ڏهاڙا ها جڏهن رنڌير جي ڪمري ۾ ساڳ جي واڻ سان اڻيل هڪ پلنگ هيو پر هاڻي ان سان گڏ هڪ ٻيو پلنگ به پيو هو ۽ ڪنڊ ۾ هڪ ڊريسنگ ٽيبل به رکيل هئي ڏينهن برسات جا هئا موسم بلڪل ائين ئي هئي جو مينهن جي ڦڙن سان گڏ ٿوري ٿوري روشني به لهي آئي هئي، هوا ۾ عطر ۽ مهنديءَ جو هٻڪاءُ سمايل هو.

ٻيو پلنگ خالي هو هن پلنگ تي جنهن تي رنڌير اوندهي منهن ليٽي دريءَ وٽان پپل جي جهومندڙ پنن تي مينهن ڦڙين جو رقص ڏسي رهيو هو، هڪ خوبصورت ڇوڪري پنهنجي اوگهڙ ڪي ڍڪڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي سُمهي پئي هئي...... هن جي ڳاڙهي ريشمي سلوار ٻئي پلنگ تي پئي هئي، جنهن جو ڳاڙهو اڳٺ هيٺ لڙڪي رهيو هو، ان پلنگ تي هن جا ٻيا لٽل ڪپڙا به پيا ها. هن جي سونهري گلن واري قميص، بريزر ۽ رئو جن جو رنگ ڳاڙهه سرو هو هي سڀ ڪپڙا مهندي ۽ عطر جي تيز خوشبوءِ ۾ سمايل ڇوڪريءَ جي ڪارن وارن ۾ مٽي نما خشڪيءَ جا ذرا جميل هئا. ڇهري تي وکريل لالي ۽ سرخي عجب رنگ پيدا ڪري ڇڏيو هو. جڏهن ته اُرهن مٿان انگيءَ ڪچي گلابي رنگن جا داغ ڇڏيا هئا.

هن جا اُرهه کير وانگر اڇا هئا، جن ۾ ٿوري ٿوري نيراڻ به هئي، بغلن جا وار ڪوڙيل هيا جنهن ڪري اُتي سُرمئي رنگ پيدا ٿي پيو هو رنڌير ڪيئي ڀيرا هن ڇوڪريءَ ڏانهن نهاري سوچيو ته ڇا ائين نٿو لڳي جڻ ڪوڪا اکيڙي هن کي ڪانيءَ جي بند پيتيءَ مان ٻاهر ڪڍيو ويو هجي. ڪتابن ۽ چينيءَ جي ٿانون وانگر، ڇاڪاڻ ته جيئن ڪتابن جي مٿان وزن پوڻ ڪري نشان پئجي ويندا آهن ۽ چينيءَ جا ٿانوَ هڪٻئي سان ٽڪرائجڻ ڪري نشان پئجي ويندا آهن نيڪ اهڙي طرح هن ڇوڪريءَ جي بندن تي اهڙا نشان ڪيس نظر آيا.

جڏهن رنڌير هن جي تنگ ۽ چست بريزر جون ڏوريون کوليون ته هن جي پٺيءَ، سيني ۽ نرم نرم اُرهن تي جهريون نظر آيون جن ۾ جوين جون عڪس نظر نه ٿي آيو ۽ چيلهه مٿان اڳٺ جا نشان پئجي ويا هئا ۽ سيني تي جڻ کي رانيوٽا پاتل هجن، برسات جا ساڳيا ڏينهن هيا پپل جي نرم نرم پنن تي مينهن جون ڪٽيون وسڻ ڪري آواز اچي رهيو هو ۽ اُن آواز کي رنڌير سڄي رات ڪنائيندو رهيو، موسم خوشگوار هئي، هير گهلي رهي هئي، ان ۾ مهندي ۽ عطر جي تيز خوشبوءِ شامل هئي.

رنڌير جا هٿ هن جي ڇٽي بدن تي دير تائين ڦرندا رهيا هن جي آڱرين سندس گوري بدن ۾ پيدا ٿيل چرپر کي محسوس ته ڪيو ۽ هن کي جسم جي ڪيترن حصن ۾ پيدا ٿيل گرمائش ۾ محسوس ٿي. جڏهن هن پنهنجو سينو هن جي سيني سان ملايو ته رنڌير جي جسم کي ڇڙيل سازن جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا...... پر اها ڪيهه ڪٿي هئي؟ اُها

بوءِ ڪٿي هئي؟ جيڪا عيسائي ڇوڪريءَ جي جسم مان هن کي آئي ٿي، اُها ڪيهه جيڪا ٻُڪئي ٻار جي روئڻ مهل ٻڌڻ ۾ ايندي آهي.

رنڌير دريءَ ۾ لڳل شيخن ڪان ٻاهر ڏسي رهيو هو. هن جي پر ۾ پپل جا پن هوا ۾ جهومي رهيا هئا هو وڻ ڪان پار ڏسڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو جتي هن کي عجيب قسم جي ڏنڌلي روشني نظر آئي ٿي. اُها اهڙي روشني هئي جيڪا عيسائي ڇوڪريءَ جي ڇاتين ۾ ڏني هئائين. روشني جيڪا ڪنهن راز وانگر لڪيل به هئي ته ظاهر به.

رنڌير جي سيني ساڻ چنبڙيل گورو جسم گيهه ۾ مليل اٽي وانگر نرم هو، پر جيڪا هن ڇوڪريءَ جي جسم مان عطر جي خوشبو اچي رهي هئي سا مزيدار نه هئي، رنڌير کي اها مُردي کي لڳل خوشبوءِ وانگر محسوس ٿي رهي هئي، هُن ۾ ڪجهه کٽاڻ هئي، اهڙي کٽاڻ جيڪا بدهضميءَ ڪان پوءِ آيل اوڳرائيءَ سان ماڻهو محسوس ڪندو آهي.

رنڌير پنهنجي پر ۾ سُتل ڇوڪريءَ ڏانهن ڏٺو، جنهن جو جسم قتل ڪير جهڙو بي رنگ ۽ بي سوادو محسوس ٿي رهيو هو، ڇوڪريءَ ۾ عورت پڻو ته ظاهر ئي نه هو ۽ جسم تي ڳاڙها داغ به نظر آيا ٿي. اصل ۾ رنڌير جي دماغ ۾ اُها پگهر جي بوءِ سمايل هئي جيڪا عيسائي ڇوڪريءَ جي جسم مان ازخود اچي رهي رهي هئي...... اُها بوءِ جيڪا عطر ڪان وڌيڪ اثرائتي هئي جنهن جي سنگهڻ سان طبيعت خراب نه ٿي، اُها بُوءِ پاڻمرادو نڪ ذريعي دماغ کي فرحت بخشي رهي هئي.

رنڌير آخري ڪوشش ڪندي ڇوڪريءَ جي جسم تي هٿ گهمايو، پر هن کي اها لذت محسوس ڪا نه ٿي، جيڪا ڪيس عيسائي ڇوڪريءَ مان محسوس ٿي هئي. رنڌير جي نئين نويلي زال فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ جي ڌيءَ هُئي ۽ تعليم يافته پڻ هئي، جيڪا پنهنجي ڪاليج ۾ هزارن ڇوڪرن جي دلين جي ڌڙڪن بڻيل هئي، پر هوءَ رنڌير جي مرداڻي حس کي جاڳائي نه سگهي...... هو پنهنجي گهر واريءَ جي جسم ۾ مهنديءَ جي واحيات خوشبوءِ ۾ ان عيسائي ڇوڪريءَ جي پگهر جي بُوءِ ڳولهي رهيو هو جيڪا برسات جي انهن ئي ڏهاڙن ۾ پپل جي وڻ هيٺان اچي بيٺي هئي، اُن عيسائي ڇوڪريءَ جي جسم مان جيڪا بوءِ اچي رهي هئي رنڌير ان بُوءِ کي هر هر تلاش ڪري رهيو هيو.

# ٿڌو گوشت [جسم]

ايشر سنگهه جيئن ئي هوٽل جي ڪمري ۾ داخل ٿيو، ڪلونت ڪور پلنگ تان اٿي بيني. هن پنهنجي تيز نظرن سان هن کي گهوري ڏٺو ۽ دروازي جي هڙڪي ڏئي چڙهيائين. رات جا ٻارنهن ٿيا هئا، شهر ۽ ان جي پسگردائي عجيب پُراسرار قسم جي خاموشيءَ ۾ غرق هئي.

ڪلونت ڪور پلنگ تي پلٿي ماري ويهي رهي، ايشر سنگهه سُٽ جيان اُلجهيل خيالن کي سُلجهائي رهيو هو، هو هٿ ۾ ڪرپان ڪنيو ڪنڊ ۾ بيٺو هو، چند لمحا خاموشيءَ ۾ گذري ويا. ڪلونت ڪور کي پنهنجو پلٿي ماري پلنگ تي ويهڻ پسند نه آيو ۽ هوءَ پنهنجون ٻئي ٽنگون پلنگ کان هيٺ لٽڪائي لوڏيندي رهي. ايشر سنگهه پوءِ به ڪجهه نه ڳالهايو.

ڪلونت ڪور صحتمند هئي، ويڪرن ڪُلهن واري ماس ڀرل عورت هئي، هن جا اُرهه اُڀريل، تيز اکيون، هن جي چپن تي وارن جو سرمئي ڇانورو، ڪاڏيءَ مان خبر پوي پئي ته هوءَ وڏي ٻي خوف عورت هئي.

ايشر سنگهه سِرُ جهڪائي ڪمري جي ڪنڊ ۾ چپ چاپ بيٺو رهيو. هن جي مٿي تي ڇڪي ٻڌل پڳڙي ڍلي ٿي رهي هئي، هن جي هٿ ۾ جيڪو ڪرپان هيو اهو هٿ به آهستي آهستي ڍلو ٿيندو ويو، ايشر سنگهه قدڪاٺ ۾ ائين پئي لڳو ته هو ڪلونت ڪور جهڙين عورتن لاءِ پسنديده مردُ هو.

ڪجهه گهڙيون ٻيون به خاموشيءَ سان گذري ويون، ته آخر ڪلونت ڪور خاموشيءَ کي ٽوڙيندي پنهنجي تيز نظرن کي جهڪائيندي صرف ايترو چيو "ايشور جان....".

ايشر سنگهه ڪنڌ مٿي ڪري ڪلونت ڪور کي ڏٺو پر هو هن جي نگاهن جي گولين جو تاب سهي نه سگهيو ۽ منهن ٻي طرف موڙي ڇڏيو.

ڪلونت ڪور رڙ ڪندي چيو " ايشور جان ..... پر هن آواز کي فورن دٻائي ورتو ۽ پلنگ کان اٿي ايشور ڏانهن وئي ۽ چيو "هيترا ڏينهن ڪٿي هُئين؟"

ايشر سنگهه پياسن چپن تي زبان ڦريندي چيو "مون کي ڪا خبر ڪانهي".

ڪلونت ڪور ڪاوڙ مان چيو "هي به ڪو جواب آهي"

ايشر سنگهه ڪرپان هڪ طرف اُڇلائي پلنگ تي ليٽي پيو، ائين پيو معلوم ٿئي ته هو ڪيترن ئي ڏينهن کان بيمار هو. ڪلونت ڪور پلنگ ڏانهن ڏٺو جنهن تي ايشر سنگهه ليٽيل هو، هن جي دل ۾ همدردي پيدا ٿي ۽ هن ايشر جي نرڙ تي هٿ رکي نهايت پيار مان پڇيو "جاني توکي ڇا ٿيو آهي؟"

ايشر سنگهه جون نگاهون ڇت ۾ ڪپيل رهيون، ڪلونت جي آواز تي هن ڇت کان نگاهون هٽائي ڪلونت جي مايوس چهري ڏانهن نهارڻ لڳو.... ”ڪلونت“ هن جي آواز ۾ ڏک سمايل هو، ڪلونت ڪور ويڙهجي پنهنجي هيٺين چپ کي ڏندن ۾ دٻائيندي ”جيءُ جاني“ چئي ڪري هوءَ پنهنجي هيٺين چپ کي ڏندن سان ڪرٽڻ لڳي.

ايشر سنگهه پنهنجي پڳڙي لاهي هڪ پاسي رکي ڇڏي، ڪلونت ڪور کي سهارو ڏيڻ وارين نگاهن سان ڏٺو، هن جي گوشت ڀرل کُلهي تي ٺڪڪي هنئي ۽ مٿي کي ڌوڏيندي پنهنجو پاڻ کي چوڻ لڳو ”هن ڇوريءَ جو دماغ ئي خراب آ....“

مٿي کي ڌوڏڻ سان هن جا وار کُلي پيا، ڪلونت ڪور هن جي وارن ۾ پنهنجي هٿ جي آڱرين سان ڦڻي ڏيندي وڏي پيار مان پڇيو ”ايشر جان! هيترا ڏينهن تون ڪِٿي هُئين؟“

”... هن جي ماءُ جي گهر“

ايشر سنگهه، ڪلونت ڪور کي گهوري ڏٺو ۽ اوچتو ٻنهي هٿن سان هن جي ايريل اُرهن کي مهٽڻ لڳو ”قسم واهه گروءَ جو! وڏي جاندار عورت آهين“

ڪلونت ڪور ايشر سنگهه جي هٿن کي هيٺ جهٽڪو ڏئي پڇيو ”توکي منهنجو قسم ٻڌاءِ تون ڪٿي هُئين...؟“ شهر ويو هُئين ڇا؟“

ايشر سنگهه پنهنجي وارن کي ويڙهيندي جواب ڏنو ”نه..“

ڪلونت ڪور کي ڏاڍو غصو آيو ”نه تون ضرور شهر ويو هُئين.....“ جتان تون ڪيترائي روپيا ڦر ڪيا هوندا جيڪي تون مون کان لڪائين ٿو“

”اهو پنهنجي پيءُ جو پٽ ئي ناهي جيڪو توسان ڪوڙ ڳالهائي....“

ڪلونت ڪور ٿوري دير لاءِ خاموش ٿي وئي پر هوءَ فورن ئي تيز لهجي ۾ ڳالهائڻ لڳي ”مون کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته ان رات توکي ڇا ٿيو هو....؟ ڇڱو ڀلو مون سان سُتل هُئين خوش هُئين، مون کي تون سڀ ڪُجهه پارايا هُئا جيڪي تون شهر مان ڦر ڪري آيو هُئين، مون کان چُميون وٺي رهيو هُئين پر نه ڄاڻ اوچتو توکي ڇا ٿي ويو جو جلدي اُٿي ڪپڙا پائي مون وٽان هليو وئين....“

ايشر سنگهه جو رنگ هيڊو ٿي ويو، ڪلونت ڪور هن کي چيو ”ڏس تنهنجو رنگ پيلو ٿي ويو آهي... ايشر، قسم واهِ گروءَ جو ضرورو ڪجهه دال ۾ ڪارو آهي؟“

”تنهنجو قسم ڪا ڳالهه ناهي“

ايشر سنگهه جو آواز دٻيل هو، ڪلونت ڪور جو شڪ وڌيڪ مضبوط ٿي ويو، هن هيٺين چپ کي دٻائيندي هڪ هڪ لفظ تي زور ڏيندي چيو، ايشر جان ڇا ڳالهه آهي، تون اهو ناهين جيڪو اڄ کان اٺ ڏينهن پهريائين مون سان ملڻ آيو هُئين؟“

ايشر سنگهه هڪدم اُٿي ويٺو جڻ هن تي ڪنهن حملو ڪيو هجي هن ڪلونت ڪور کي پنهنجي مضبوط ٻانهن ۾ ڀڪوڙي وحشي جانورن جيان هن جي جسم تي چڪ پاتا ۽ چُميون ڏيندي چيو: ”جاني، مان اُهو ئي آهيان... زور سان مون کي ڀاڪر پاءِ ته تنهنجي جسم جي هڏين مان گرمي نڪري...“

ڪلونت ڪور هن سان وڌيڪ مزاحمت نہ ڪئي صرف اهو چوندي رهي “توکي رات ڇا ٿي ويو هو؟”

“.... ماءُ جو .....”

“ٻڌائيندي نہ....”

“ڪا ڳالهہ هجي تہ توکي ٻڌايان”

“مون کي پنهنجي هٿن سان ماهہ ڏئي ساڙي ڇڏ جيڪڏهن مان توسان ڪوڙ ڳالهايان”

ايشر سنگهہ پنهنجون ٻانهون هن جي ڳچيءَ ۾ وجهندي پنهنجا چپ هن جي چپن تي ڪپائي ڇڏيا. ايشور جي مُڇن جا وار ڪلونت جي نڪ ۾ هليا ويا....... جنهن ٻئي کلڻ لڳا.

ايشرسنگهہ پنهنجي صدري لاهي ورتي ۽ ڪلونت ڪور کي شهوت ڀريل نظرن سان نهارڻ لڳو “اچ تہ هڪ بازي تاس جي کيڏي وٺون!”

ڪلونت ڪور جي چپن تي پگهر جون ننڍيون ننڍيون بوندون ڦٽي آيون. هن هڪ ادا سان پنهنجي اکين جي تارن کي گهمائيندي چيو “هل.... پري ٿي....”

ايشرسنگهہ هن جي ماس ڀريل ڪُلهن تي زور سان چونڊي پاتي تہ ڪلونت ڪور هڪ پاسي ٿي وئي “چونڊي نہ پاءِ مون کي تڪليف ٿي ٿئي”

ايشرسنگهہ اڳتي وڌي ڪلونت جو هيٺيون چپ پنهنجي ڏندن هيٺان آڻيندي چپن کي چوسڻ لڳو، ڪلونت ڪور بلڪل پگهرجي وئي، ايشرسنگهہ پنهنجو چولو لاهيندي چيو “ها، هاڻي ٿي وڃي ترپ چال...”

ڪلونت ڪور جا چپ ٿڙڪڻ لڳا ايشر سنگهہ ٻنهي هٿن سان ڪلونت ڪور جي قميص کي ائين لاٿو جيئن ٻڪري جي کل لاهبي آهي، ڪلونت جي ڪپڙن کي لاهي هن هڪ پاسي رکيو ۽ پوءِ هن جي ننگي گوري بدن کي نهارڻ لڳو، هن زور سان هن ٻانهن تي چونڊي پائيندي چيو “ڪلونت! قسم واهہ گروءَ جو سخت اڪڙيل جسم واري عورت آهين....”

ايشرسنگهہ جي چونڊيءَ سان ٻانهن تي ٿيل ڳاڙهي نشان کي ڪلونت ڪور ڏسندي چيو “وڏو ظالم آهين ايشر”

ايشرسنگهہ پنهنجين ڪارين گهاٽين مُڇن ۾ مُسڪرائيندي چيو “اچ ظلم کي ٿيڻ ڏي؟” ۽ اهو چئي هو ڪلونت ڪور جي جسم سان وڌيڪ کيڏيندي ظلم ڪرڻ لڳو....... ڪلونت ڪور جو هيٺيون چپ ڏندن هيٺان هيو، ايشر هن جي ڪنن جي پاپڙين تي هلڪا هلڪا چڪ پئي پاتا، هن جي ابريل اُرهن کي مهٽيندو ۽ چوسيندو رهيو، ساڻ هن جي ڳلن کي جيءَ جان سان چمندو رهيو ۽ پوءِ هن جي ابريل ارهن کي پنهنجي هٿن ۾ پڪڙي چوسيندو رهيو ۽ هن جي سڄي ڇاتيءَ تي آلاڻ ڪري ڇڏي....

ڪلونت ڪور تيز باهہ تي چڙهيل هڪ ديگڙيءَ وانگر ابرڻ لڳي پر ايشرسنگهہ ان تمام هيلن جي باوجود بہ پاڻ ۾ اها گرمي پيدا ڪري نہ سگهيو. جيترا داوَ هن

استعمال ڪيا اهي سڀ جو سڀ هڪ شڪست کاڌل پهلوان وانگر پٽي لڳا. هن جو ڪو بہ داءُ فائدي مند ثابت نہ ٿيو ڪلونت ڪور جنهن جي بدن جا سمورا ساز پنهنجو پاڻ وڄي رهيا هئا، ايشر جي غير ضروري ڇيڙ ڇاڙ کان تنگ ٿيندي ڪلونت چيو ”ايشر جان، گهڻو ڪجهہ ڪيو اٿئي هاڻي پتو ڪڍي اڇلاءِ!“

اهو ٻڌندي ايشر سنگهہ جي هٿن مان تاش جا پتا ڪري پيا ۽ هو سهڪندي ڪلونت ڪور جي پاسي ۾ ليٽي پيو، هن جي نرڙ تان پگهر جا قطرا نمايان نظر پئي آيا، ڪلونت ڪور هن جي مردانگي جاڳائڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي پر هوءَ ناڪام رهي، هاڻي تائين سڀ ڪجهہ بنا چوڻ جي ٿيندو رهيو پر ڪلونت جي جسم جا منتظر سمورا عضوا تڙپندي نظر آيا ۽ ڪيس سخت نااميد ٿيڻ ڪري ۽ هوءَ کاوڙجي پلنگ تان لهي آئي سامهون ڪلچ ۾ ٽنگيل چادر لاهي جسم کي ويڙهي منهن سُڄايل لهجي ۾ چيو ”ايشر اُها ڪير حرام زادي آهي جنهن وٽ تون هيترا ڏينهن گذاري آيو آهين ۽ جنهن تو مان سَتُ ئي ڪڍي ڇڏيو آهي“.

ايشرسنگهہ پلنگ تي ليٽيل سهڪندو رهيو ۽ هو ڪلونت کي ڪوئي بہ جواب نہ ڏئي سگهيو.

ڪلونت ڪور غصي ۾ باهہ جيان تپندي چيائين ”مان پُڇان ٿي ڪير آهي اُها، چالو عورت....؟ ڪير آهي اُها جنهن توسان پيار ڪيو آهي.... کهڙو آهي اُهو چور پتو جو تون مون کي ٻڌائي نہ ٿو سگهين؟“

ايشرسنگهہ ٿڪل لهجي ۾ جواب ڏنو ”ڪير بہ ناهي ڪلونت! ڪير بہ ناهي....“

ڪلونت ڪور پنهنجي ماس ڀريل ڪُلهن تي هٿ رکي يقين سان چيو ”ايشر، مان اڄ ڪوڙ سچ جي ڄاڻ توکان وٺي رهنديس.... قسم کڻ واءِ گروءَ جو....

ڇا تنهنجي خاموشيءَ جي تهہ ۾ ڪا عورت ناهي لڪل؟“

ايشرسنگهہ ڪجهہ چوڻ چاهيو پر ڪلونت ڪور هن کي ڳالهائڻ جي اجازت نہ ڏيندي چيو ”قسم کڻڻ کان پهريون اهو سوچ تہ مان بہ سردار نيهال سنگهہ جي ڌيءَ آهيان.. جي تو ڪوڙ ڳالهائيندين تہ تکو ٻوٽي ڪري ڇڏيندي سانءِ... هاڻي قسم کڻ واهِ گروءَ جو .... ڇا تنهنجي خاموشيءَ جي تهہ ۾ ڪا عورت ناهي لڪل؟“

ايشرسنگهہ وڏي ڏک سان ”ها“ ڪئي، اهو ٻڌندي ڪلونت ڪور کاوڙ ۾ تپي باهہ ٿي وئي، هن ڪنڊ ۾ پيل ڪرپان کي ڪڍي مياڻ کي ڪيلي جي کل وانگر لاهي اُڇلائيندي ايشرسنگهہ تي وارُ ڪيو.

جهٽ پلڪ ۾ ايشرسنگهہ جي جسم مان رت جو ڦوهارو نڪري پيو، ڪلونت ڪور کي اڃان تسلي نہ ٿي هن وحشي ٻليءَ وانگر ايشرسنگهہ جا وار پٽڻ شروع ڪيا ۽ هن کي ماءُ ڀيڻ تي گاريون ڏيڻ لڳي، ايشرسنگهہ هن کي ڪمزور لهجي ۾ التجا ڪندي چيو تہ ”ڪلونت بس، هاڻي مون کي معاف ڪري ڇڏ“ هن جي آواز ۾ درد هيو ان کي محسوس ڪندي ڪلونت پوئتي هٽي بيٺي.

ايشرسنگهه جي ڳلي مان رَتُ وهي رهيو هو، هن پنهنجا ڏڪندڙ چپ ڪوليا ۽ ڪلونت ڪور کي ڏک ۽ ڪاوڙ واري مليل نگاهن سان نهاريندي چيو ”جان، تون ڏاڍو تکڙ مان ڪم ورتو... پر جيڪو تو ڪيو سو نيڪ ڪيو....“

ڪلونت ڪور جي ڪاوڙ وري ڀڙڪي پئي ۽ چيو ”پر تون اهو ٻڌاءِ اُها ڪير آهي؟“

رتُ جون ڦينگون ايشرسنگهه جي چپن تي لڳيون ته هو ان رتُ جو ذائقو چکندي هن جي بدن ۾ ڏڪڻي پيدا ٿي پئي ”۽... مان... ۽..... مان.... اِن ڪرپان سان ڇهن ماڻهن کي قتل ڪري چُڪو آهيان... ها ان ڪرپان سان....“

ڪلونت ڪور جي دماغ ۾ صرف ٻي عورت ئي وينل هُئي، جنهن لاءِ هو بار بار ايشر کا پڇي رهي هئي، هاڻي به هن پڇندي چيس مون کي ٻڌاءِ ،اُها ڪير آهي حرامزادي....“

ايشرسنگهه جي ڏنڌلائجي ويل اکين ۾ ان وقت هڪ چمڪ پيدا ٿي ۽ ڪلونت ڪور کي چيو ”هاڻي وڌيڪ اُن پڇويءَ کي گاريون نه ڏي...“

ڪلونت ڪور غصي مان رڙ ڪندي چيو ” مون کي ٻڌاءِ ته هوءَ ڪير آهي....“

ايشرسنگهه جي ڳلي جو آواز صاف ٿي ويو ”ٻڌايانءِ ٿو.... اهو چئي هن پنهنجي ڳچيءَ تي هٿ ڦيريو ته پنهجي هٿن جي آڱرين تي لڳل رَتُ ڏسي ڪري مسڪرائيندي هن ڪلونت کي چيو ”انسان به عجيب شيءِ آهي....“

ڪلونت ڪور هن جي جواب جو شدت سان منتظر ٿيندي چيو ”ايشر تون مطلب جي ڳالهه ڪر....“

ايشرسنگهه جي مسڪراهٽ هن جي رتُ هاڻي مُڇن ۾ وڌيڪ ڦهلجي وئي ۽ چيو ”مطلب جي ته ڳالهه ڪيان ٿو....“

تون منهنجي ڳچي چيري وڌي آهي هاڻي مان توکي آهستي آهستي سموري ڳالهه ٻڌائيندس...

۽ هو جڏهن پوري ڳالهه ٻڌائڻ لڳو ته هن جي نرڙ تي پگهر جاري هو ”ڪلونت منهنجي جان! مان توکي اهو نه ٿو ٻڌائي سگهان ته مونسان ڪهڙي وارتا ٿي آهي....؟ انسان به عجيب شيءِ آهي... شهر ۾ لٽ ڦر هلي پئي، ته مون به ان لٽ ڦر ۾ حصو ورتو، سونا زيور ۽ روپيا جيڪي به منهنجي هٿ لڳا اهي سڀ جو سڀ مان توکي ڏنا پر توکي هڪڙي ڳالهه مان نه ٻڌائي آهي....“

ايشرسنگهه ڪرپان جي گهاوَ جو درد وڌيڪ محسوس ڪندي تڙپڻ لڳو، ڪلونت ڪور ايشرجي وڌندڙ درد ڏانهن ڪو ڌيان نه ڏنو ۽ وڏي بي رحميءَ سان پڇيو ”ڪهڙي ڳالهه آ؟

ايشرسنگهه چيو ”جنهن گهر ۾ مان گهريو هئس ان ۾ تقريبا ست ماڻهو موجود هئا، جنهن مان ڇهن کي مون قتل ڪري ڇڏيو ان ڪرپان سان جنهن سان تون مون تي وارُ ڪيو آهي، پر ڇڏ ان ڳالهه کي هاڻي اصل ڳالهه ٻڌ، انهن ۾ هڪڙي خوبصورت

ڇوڪري به هئي جنهن کي مان زبردستي کنيي کڻي آيم، ڪلونت ڪور خاموش ايشرسنگهه جي ڳالهه کي ٻڌندي رهي ڪلونت جان... مان توکي وڏيڪ ڇا ٻڌايان ته اها ڇوڪري ڪيڏي نه خوبصورت هئي، مان ان کي به ماري ڇڏيان ها پر مون ان وقت سوچيو هر روز ڪلونت ڪور جا مزا ته وٺان ٿو اڄ هن خوبصورت ڇوڪريءَ جي ميوي جي رسُ به چوسي مزو وٺان..."

ڪلونت ڪور وچ ۾ صرف "هون هون، ڪري پئي"

۽ پوءِ مان ان خوبصورت ڇوڪريءَ کي ڪُلهن تي کڻي ڪيئي رستا پار ڪري هڪڙي واهه جي ڪنڌيءَ تي ٿوهر جي هينان ليٽائي ڇڏيو، پهريون سوچيم ته "هن جي خوبصورت جسم سان ڪيڏي وٺان" پر پوءِ خيال آيو ته نه...." اهو چوندي ايشرسنگهه جي زبان جڻ سُڪي وئي، ڪلونت ڪور ٿُڪ اڇلي پنهنجي نڙي صاف ڪندي پڇيو "پو اڳتي ڇا ٿيو؟"

ايشرسنگهه نڙيءَ مان مشڪل سان هي لفظ نڪتا "مون... آخر مون پتو اڇلائي ڇڏيو... اهو لفظ چوندي هن جو آواز ٻڏي ويو....

ڪلونت ڪور هن کي ڌاڍو جهنجهوڙيندي چيو "پو اڳتي ڇا ٿيو؟" ايشرسنگهه پنهنجي بند ٿيل اکين کي کوليو ۽ ڪلونت ڏانهن نهاريو ته هن جي جسم جي ٻوٽي ٻوٽي ٿڙڪي رهي هئي، "هوءَ ... مُئل هئي.. لاش هئي... بلڪل ٿڌو جسم.. منهنجي جان، مون کي پنهنجو هٿ ڏي..."

ڪلونت ڪور جئين پنهنجو هٿ ايشرسنگهه جي هٿ مٿان رکيو جيڪو برف کان وڌيڪ ٿڌو هو..."

# شريفان

قاسم جڏهن پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيو تہ هن کي پنيءَ ۾ لڳل گوليءَ جو درد وڌي ويو. هو جڏهن ٿورو اڳتي وڌيو تہ هن جي اڳيان پنهنجي زال جو لاش زمين تي پيل نظر آيو، جنهن کي ڏسي هن جي پيرن هيٺان زمين نڪري وئي ۽ هن جي دماغ ۾ انتقام جي باهہ ڀڙڪي اٿي، جيڪر ڪهاڙو ڪڍي ٻاهر نڪري پئجي ۽ هر طرف لاش ڪيرائجن، پر هن کي پنهنجي ڌيءَ شريفان جو خيال آيو.

“شريفان....... شريفان..... هن وڏي رڙ ڪري سڏ ڪيو” سامهون دالي جو در بند هو. قاسم سوچيو تہ شريفان شايد خوف کان در بند ڪري لڪي ويٺي هوندي. هو دروازي ڏانهن وڌي در سان منهن لڳائي رڙ ڪئي “شريفان ... شريفان....” ........ مان آهيان تنهنجو پيءُ” پر اندران ڪو بہ جواب نہ آيو. قاسم زور سان دروازي کي ڌڪو ڏنو ۽ دروازو کلي پيو ۽ پاڻ ذري گهٽ اونڌي منهن ڪريو هو، پر هن پاڻ کي سنڀالي ورتو ۽ هو جڏهن مٿي اُٿڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو تہ هن جي هٿن کي ڪجهہ محسوس ٿيو...... ۽ هن کان هڪ هيانءُ ڏاريندڙ رڙ نڪري وئي.

ٿورو اڳيان هن جي نوجوان ڌيءَ جو لاش زمين تي پيل هو. ننگي... بلڪل ننگي، پورو ماس ڀريل جسم، چٽ ڏانهن اُڀا ٿيل اُرهہ... هڪدم قاسم جو وجود ڏڪي ويو. هن کان جيءَ جهوريندڙ رڙ نڪري وئي ۽ پو هن جي رڙ چپن اندر ئي دٻجي وئي ۽ هن جون اکيون بند ٿي ويون. بس هن جي چپن اندر ئي دٻجي وئي ۽ هن جون اکيون بند ٿي ويون، بس هن جي چپن مان هلڪو آواز نڪتو “شريفان” هن اکيون بند ڪري ڪجهہ ڪپڙا ڪڍي شريفان جي لاش مٿان اڇلائي هن جي ننگي جسم کي ڍڪي، دالي منجهان نڪري آيو.

ٻاهر نڪري هن پنهنجي زال جي لاش ڏانهن ڪو بہ ڌيان نہ ڏنو ڇاڪاڻ جو هن جي ذهن ۾ شريفان جو ننگو لاش ڦري رهيو هو، هن ڪنڌ ۾ پيل ڪُهاڙو ڪنيو ۽ گهر کان ٻاهر نڪري ويو.

قاسم جي ساڄي پنيءَ ۾ گولي لڳل هئي جنهن ڪري درد هن کي ستائي رهيو هو، هن جي وفادار پيار ڪندڙ زال قتل ٿي چڪي هئي پر هن کي ان جو ايڏو خيال نہ هو جيڏو ڪيس شريفان جي ننگي لاش جو ..... بس هن جي ذهن ۾ شريفان جي لاش جي ننگي تصوير ڦِري رهي هئي.

ڪهاڙو هٿ ۾ ڪڍي قاسم سنسان بازار مان ڦاٽندڙ لاوي وانگر وهندو هلندو رهيو. چوڪ تي هن جي هڪڙي سِکَ سان نوڪ جهوڪ ٿي. سِک نوجوان وڏو اڪڙيل نوجوان هو پر قاسم هن تي ڪهاڙيءَ جا لڳاتار وار ڪري ان سک جو لاش زمين تي ڪيري وڏو جيئن تيز طوفان ۾ مضبوط کان مضبوط وڻ بہ اچي پٽ پوندا آهن.

قاسم جي رڳن جو خون وڌيڪ گرم ٿي چڪو هو پرسان رستي جي ٻي پاسي ڪجهه ماڻهو نظر آيا قاسم تيز تير وانگر ان طرف وڌيو ۽ انهن ماڻهن جي جڏهن هن تي نظر پئي ته هو ”مهاديو“ جا زوردار نعرا هڻڻ لڳا. قاسم انهن نعرن جي جواب ۾ انهن کي ماءُ ڀيڻ تي گاريون ڏيندي حملو ڪيو، هو ڪهاڙي سان وار ڪندي هڪ هڪ کي ماريندو رهيو چند گهڙين ۾ انهن ماڻهن جا لاشا رستي تي تڙپندا نظر آيا ڪجهه اتان ڀڄي نڪتا، قاسم جو ڪهاڙو هوا ۾ ڦرندو رهيو، هن جون اکيون بند هيون ڪهاڙو لهرائيندي لهرائيندي هن جا پير هيٺ ڪريل لاشن سان ٽڪرايا ۽ هو به هيٺ ڪري پيو. هن سوچيو ته شايد هن کي ڪنهن ماڻهوءَ حملو ڪري ڪيرائي وڌو آهي هن ڪاوڙ مان گاريون ڏيڻ شروع ڪيون ۽ رڙ ڪندي چيو، ”مون کي به ماري ڇڏيو... مون کي به ماري ڇڏيو“

پر جڏهن هن کي اهڙي ڪا به شيءِ محسوس نه ٿي ۽ نه ئي ڪو هن جي بدن تي وار ٿيو هو ته هن پنهنجون اکيون کوليون ۽ پنهنجي چوطرف ڏٺو ته هن جي اڳيان ڪيترن ماڻهن جا خون ۾ لت پت لاش پيا هئا.

ٿوري وقت لاءِ قاسم کي مايوسي تي چاڪاڻ جو هن جي دنيا ويران ٿي چڪي هئي. هو به مرڻ پيو چاهي پر هن کي هڪدم شريفان جي ننگي لاش جي تصوير اکين اڳيان ڦري آئي. هن جي سموري وجود جي بارود کي جڻ ڪنهن تيلي هڻي ڇڏي هجي، هو جلدي اٿي بيٺو ۽ هٿ ۾ ڪهاڙو کنيو ۽ قاتل لاوي وانگر رستي تي وهڻ لڳو.

هو جنهن بازار ۾ گهميو پئي اهي سڀ جو سڀ ويران هيون هو هڪ گهٽيءَ ۾ داخل ٿيو ان گهٽيءَ ۾ اڪثريت مسلمانن جي رهائش پذير هئي هن کي اتي سخت مايوسي ٿي هو تڪڙ ۾ ان گهٽيءَ مان نڪري وري بازار ۾ آيو، اتي هن پنهنجو ڪهاڙو هوا ۾ لهرائيندي ماءُ ڀيڻ تي گاريون ڏيندي للڪاري رهيو هو.

قاسم هاڻي ماءُ ڀيڻ کان سواءِ ڌيءَ تي به گاريون ڏيڻ شروع ڪيون، هو هڪ ساهيءَ ۾ ڪيتريون ئي گاريون ڏئي ويو پر پوءِ به هن کي ڪاوڙ سبب چين نه آيو. هو هڪ گهر ڏانهن وڌيو جنهن جي دروازي تي ڪجهه هنديءَ ۾ لکيل هو، دروازو اندران بند هو، قاسم جي ذهن تي چريائپ ۽ وحشت ڇانيل هئي هن دروازي تي ڪهاڙي جا وار ڪيا ٿوري دير ۾ دروازو ٽڪرا ٽڪرا ٿي ڪري پيو، قاسم گهر اندر داخل ٿيو، ننڍڙو گهر هو، گهر جي آڳر ۾ بيهي زوردار گاريون ڏيندي چوڻ لڳو ”ٻاهر نڪرو... ٻاهر نڪرو....“.

سامهون دالي ۾ ڪنهن انساني جسم جي حرڪت پيدا ٿي قاسم ان کي زوردار گاريون ڏيڻ لڳو، دالي جو دروازو اوچتو کُلي پيو، هڪ نوجوان حسين ڇوڪري سامهون نظر آئي.

قاسم ڪاوڙ مان پڇيو ”ڪير آهين تون.....“

ڇوڪريءَ خشڪ چپن تي زبان ڦيريندي جواب ڏنو ”هندو“.

قاسم جو جسم سيٽجي ويو..... هن ٻاهه ۾ ٻڙڪندڙ اکين سان هڪ ٻيرو ان ڇوڪريءَ ڏانهن نهاريو، جنهن جي عمر مشڪل سان چوڏهن يا پندرهن سال هئي، هن جي هٿن مان ڪهاڙو هيٺ ڪري پيو هن ڪنهن باز جيان جهرڪيءَ جهڙي نازڪ ۽ نفيس بدن رکندڙ ڇوڪريءَ کي جهٽي دالي اندر ڌڪو ڏنو، ان ڇوڪريءَ جي جسم تي پيل ڪپڙن کي ڦاڙي ڦٽي ڪيو، تقريبا اڌ ڪلاڪ هن ان ڇوڪريءَ کي پنهنجي حوس جو نشانو بڻايو، پر ان ڇوڪريءَ قاسم اڳيان ڪا به مزاحمت نه ڪئي ڇاڪاڻ جو قاسم جڏهن دالي اندر داخل ٿيو ته هن ان ڇوڪريءَ کي ڌڪو ڏنو هو جيڪا زمين تي ڪرندي ئي بيهوش ٿي وئي هئي.

قاسم جڏهن اکيون کوليون ته هن جا ٻئي هٿ ان ڇوڪريءَ جي نازڪ ڳچيءَ ۾ ڳُپيل ها، قاسم جهٽڪي سان ڇوڪريءَ جي ڳچيءَ مان هٿ ڪڍي اُٿي بيٺو، هو پگهرجي پيو هو هن هڪ ڀيرو ڇوڪريءَ ڏانهن نهاريو ته جيئن هن کي آٿت اچي.

هن جي اڳيان ان نوجوان ڇوڪريءَ جو لاش پيل هو ننگو... بلڪل ننگو.... پورو ماس ڀريل جسم، چٽ ڏانهن اڀيل ننڍڙا ننڍڙا اُرهه...

قاسم جون اکيون هڪدم بند ٿي ويون ٻنهي هٿن سان هن پنهنجو چهرو ڍڪي ڇڏيو. هن جي بدن تي گرم گرم پگهر برف وانگر ٺڌو ٿي چڪو هو ۽ هن جي رڳن ۾ ڦاٽندو لاوو هڪ پٿر بڻجي چڪو هو.

ٿوري دير ۾ هڪ ماڻهو هٿن ۾ تلوار سميت داخل ٿيو، هن ڏٺو دالي ۾ ڪو ماڻهو اکيون بند ڪري ڏڪندڙ هٿن سان فرش تي پيل ڪنهن شيءِ کي ڪمبل سان ڍڪي رهيو هو هن زوردار رڙ ڪندي پڇيس " ڪير آهين ڙي تون؟" قاسم کان ڇرڪ نڪري ويو، هن جون اکيون کُلي ويون پر هن کي سامهون ڪجهه به نظر نه آيو.

تلوار سان مسلح ماڻهوءَ هڪ ڀيرو ٻيهر هڪل ڪندي پڇيس ڪير آهين ڙي تون؟"

"قاسم"

قاسم هڪ ڀيرو وري ڇرڪي پيو هن ٿورو پري بيٺل ماڻهوءَ کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي پر هو سڃاڻي نه سگهيو، مسلح ماڻهو پريشان ٿيندي قاسم کان پڇيو "تون هتي ڇا ٿو ڪرين؟"

قاسم ڏڪندڙ هٿن سان ڪمبل ۾ ويڙهيل شيءِ ڏانهن اشارو ڪندي صرف ايترو چيو "شريفان".

جلد اهو مسلح شخص ڪمبل ۾ ويڙهيل شيءِ ڏانهن وڌيو ۽ هن ڪمبل کولي ڏٺو ته هن کان هڪ اُپ ڏاريندڙ رڙ نڪري وئي هو ننگي لاش کي ڏسي ڏکڻ لڳو ۽ پوءِ هڪدم هن پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون، تلوار هن جي هٿن مان هيٺ ڪري پئي ۽ هو اکين تي هٿ رکي "بملا .....بملا..." چوندو ٿڙندو ٿاٻڙندو در کان ٻاهر نڪري ويو.

# پنگياڙي

”پري هٽ...“
”ڇو“
”مون کي تو مان ڌپ ٿي اچي“
”هر انسان جي جسم مان ڌپ ايندي آهي.... پر اڄ ويهن سالن کان پوءِ توکي منهنجي جسم مان ايتري ڌپ ڇو اچي رهي آهي؟“
” ويهه سال... الله ئي ڄاڻي ٿو ته مان توسان ايڏو ڊگهو عرصو ڪيئن گذاريو آهي“.
”ڇا مون ايڏي ڊگهي عرصي ۾ توکي ڪا ايذي تڪليف ڏني آهي ڇا .....؟“
”ڪڏهن به نه“
”ته پوءِ اڄ اوچتو منهنجي جسم مان توکي ڌپ ڇو محسوس ٿئي ٿي ۽ غضبناڪ قسم جي ڪاوڙ ڇو ٿي ڪرين؟“
”تون پنهنجو نڪ ته ڏس جيڪو ڪاوڙ منجهان پڪوڙي وانگر ٻڻجي ويو آهي“
”مان ان کان انڪار نه ٿي ڪيان.. پر تون ڄاڻين ٿو ته پڪوڙا مون کي گهڻا وڻندا آهن...“
”توکي ته هر واحيات گندي شيءِ وڻندي آهي...“
”ڍير تي پيل گند به ته اسان ئي ڦهلائيندا آهيون... پوءِ ان ۾ ماڻهو دلچسپي ڇو نه وٺي، ۽ تون ڄاڻين ٿي ته اڄ کان ڏهه سال پهريون جڏهن تنهنجي هيري جي منڊي گم ٿي وئي هئي ته ان ئي گند جي ڍير مان مون ئي توکي ڳولهي ڏني هئي“.
”وڏي مهرباني ڪئي هئي تون مون تي“
”مهربانيءَ جي ڳالهه ناهي.. فارسي جو هڪ شعر آ...

خاڪساران را به حقارت منگر
توچه داني ڪه درين گرد سواري باشد
”مان خاڪ جو مطلب به سمجهي ناهيان سگهي“
”اها ئي ته ڳالهه آهي جو تون اڄ تائين مون کي سمجهيو ئي ناهي... نه ته ماڻهوءَ کي سمجهڻ ۽ پرکڻ لاءِ ويهن سالن جو وڏو عرصو هجي ٿو“.
” ان ويهن سالن ۾ تون مون کي ڪهڙو سُک ڏنو آهي؟“
”تون ڏک جي ڳالهه ڪر... مون ان سموري عرصي ۾ توکي ڪهڙو ڏک ڏنو آهي؟“
”ڪو به نه“
”پو ائين چوڻ جو ڪهڙو مطلب.. انهن ويهن سالن ۾ تون مون کي ڪهڙو سُک ڏنو آهي؟“
”منهنجي ويجهو نه اچ.. مان سمهان ٿي“
”ڪاوڙ ۾ توکي ڪهڙي ننڊ ايندي؟“

“ننڊ اچي نہ اچي.. پر.. مان اکيون بند ڪري سمهي پونديس ۽....”
“۽ وري ڇا....؟”
“سمهي ان ڏينهن تي ڳوڙها ڳاڙيندس جنهن ڏينهن آءٌ تنهنجي پلئہ پئي هيس”.
“توکي ياد آهي اهو ڏينهن ڪهڙو هو.... سال ڪهڙو هو.... ۽ وقت ڪهڙو هو؟”
“مان ڪڏهن بہ اهو ڏينهن وساري نہ ٿي سگهان... خدا ڪري اهو ڏينهن ڪنهن بہ نوجوان ڇوڪريءَ مٿان نہ اچي”
“تون ٻڌاءِ تہ سهي.. مان تنهنجي يادگيريءَ جو امتحان وٺڻ ٿو چاهيان...”
“هاڻي تون منهنجو امتحان وٺندين... پري هٽ... مون کي تو مان ڌپ ٿي اچي”
“حد ٿي وئي... تنهنجو ايڏو وڏو نڪ جيڪو ختم ٿيڻ جو نالو ئي نہ ٿو وٺي.. ان کي آخر ڇا ٿيو آهي، جو ان مان ڌپ ختم ئي نہ ٿي ٿئي.... پر مون کي ان مان بهترين خوشبو اچي رهي آهي..”
“ويهن سالن ۾ تون مون کي هزارين ڀيرا چيو آهي تہ جڏهن تون ڪنهن جي بہ ڪمري ۾ داخل ٿيندو آهين ۽ اتان واپس نڪري ويندو آهين تہ مان تنهنجي خوشبوءِ کي سڃاڻي وٺندي آهيان تہ تون ان ڪمري ۾ ڪي پل گذاريا هوندا”.
“تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين”
“ڏس.. مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ ڳالهايو آهي... تون مون مٿان وڏيڪ الزام نہ هڻ”
“واهہ سائين واهہ... تون تہ وڏو سچار آهين.. منهنجي سئو روپئي جو نوٽ تو چورايو هو ۽ پوءِ ڏيڻ تہ پري جي ڳالهہ پر مڃڻ کان ئي انڪار ڪيو هو”.
“اها ڪڏهن جي ڳالهہ آهي؟”
“ٻہ جون سال اڻويهہ سوٻائيتاليهہ... جڏهن سلمہ منهنجي پيٽ ۾ هُئي”
“اها تاريخ توکي واهہ جي ياد آهي”
“ڇو نہ ياد رهي، ان وقت پاڻ ٻنهي جي وچ ۾ زوردار جهيڙو ٿيو هو، مان اندر ڪمري ۾ هئس، تون وڏي صفائيءَ سان منهنجي ويهاڻي هيٺان چابي ڪڍي ٻئي ڪمري ۾ وڃي منهنجي الماريءَ کي کوليو جتي منهنجا ست سئو روپيا پيا ها انهن مان هڪ سئو جو نوٽ تون چوري ڪري ويو هُئين”.
“مون جڏهن ٻن ٽن ڪلاڪن کان پوءِ الماريءَ ۾ وڃي ڏٺو تہ مون کان رڙ نڪري وئي هئي، پر تنهنجي ڪن تي جونءَ بہ نہ ڇُري... ۽ مان خاموش ٿي ويس”.
“اها ٻہ جون اڻويهہ سئو ٻائيتاليهن جي ڳالهہ آهي ۽ هاڻي سال چونجاهہ هلي ٿو، هاڻي ان جو ذڪر ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟
“فائدو تہ هر حال ۾ تنهنجو ئي ٿيندو... منهنجي هڪ نيلم جي منڊي بہ تون گم ڪري ڇڏي هئي پر مون ان وقت بہ توکي ڪجهہ نہ چيو هو”
“ڏس، مان تنهنجو قسم کڻي چوان ٿو، نيلم واري منڊيءَ بابت مون کي ڪجهہ بہ خبر ناهي ۽ نہ وري ان سئو روپئي جي نوٽ جي باري ۾...”

“هاڻي جيڪڏهن مون تنهنجو قسم کنيو ئي آهي ته مان توکي سچ ٻڌايان ٿو... مون... مون چورايو ضرور هو صرف ان لاءِ ته ان مهيني مون کي پگهار دير سان ملڻ واري هئي ۽ مٿان تنهنجي سالگرهه به هئي ۽ توکي تحفو به ڏيڻو هو... ان ويهن سالن ۾ تنهنجي هر سالگرهه تي مون پنهنجي وس ۽ وِتُ آهر ڪو نه ڪو تحفو پيش ڪندو رهيو آهيان”

“وڏا تحفا ڏنا اٿئي؟”

“ڏس ناشڪري نه ڪر”

“مان ڪيترا ڀيرا چئي چُڪي آهيان، مون کان پري هٽ... مون کي تو مان ڏپ اچي ٿي”.

“ڇا جي، ڏپ؟”

“اها تو کي خبر”

“مون پنهنجو پاڻ کي ڪيترائي ڀيرا سُنگهيو آهي پر مون کي منهنجي پڪوڙي جهڙي نڪ مان ڪا به اهڙي ڏپ محسوس نه ٿئي ٿي، جنهن تي توکي اعتراض هجي”

“تون ڳالهيون ٺاهڻ جو ماهر آهين”

“۽ تون ڳالهه بگاڙڻ واري عورت آهين.... منهنجي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته تون ايترو ناراض ڇو آهين؟”

“پنهنجي گريبان ۾ جهاتي پائي ڏس!”

“مان هن وقت قميص کان آجو آهيان”

“ڇو؟”

“سخت گرمي آهي”

“سخت گرمي هجي يا نرم... توکي قميص نه لاهڻ گهرجي، اها ڪا شرافت آهي ڇا؟”

“محترمه تون به ته قميص لاهي ڇڏي ڪئي آهي... پنهنجي اگهاڙي جسم ڏانهن توجهه ته ڪر”

“اوهه.... هي مون کان ڪهڙي واحيات حرڪت ٿي وئي آهي!”

“اهڙي واحيات حرڪت تون هر گرميءَ جي مند ۾ ويهن سالن کان ڪندي پئي اچين”

“تون ڪوڙ ٿو هڻين”

“خير آ، ڪوڙ ڳالهائڻ ته هر مرد جي عادت هوندي آهي”

“پر تون مون کان هاڻي پري ٿي وڃ”

“پر ڇو؟”

“اُف توبهه.. ايڏا ڀيرا توکي چئي چُڪي آهيان ته مون کي تومان ڏپ ٿي اچي”

“پهريان صرف ڏپ هُئي... هاڻي گندي ڏپ اچي ٿي”

“خبردار جو مون کي هٿ لڳايو اٿئي... پري ٿي...”

“ڀلا ايتري مون کان ڇو بيزار آهين اڄ؟”

“هاڻي مان تومان صفا بيزار ٿي چُڪي آهيان”

“ويهن سالن ۾ ڪڏهن به تون اهڙو بيزاري ۽ نفرت جو اظهار نه ڪيو آهي”

“پلا هاٿي تہ ڪري ڇڏيو آهي نہ”

“پر مون کي خبر تہ پئي تہ ڇا ڳالھ آهي”

“مان چوانءِ ٿي، مون کي هٿ نہ لاهي”

“مون کي تو مان ڪراهت ٿي اچي”

“تون ناپاڪ آهين.... حد کان وڌيڪ ذليل آهين”

“ڏس تون مون سان زيادتي ڪري رهي آهين”

“تو گهٽ ڪئي آهي، ڪوئي بہ شريف ماڻهو تو جهڙي ذليل حرڪت ڪري نہ ٿو سگهي”

“ڪهڙي؟”

“اڄ صبح ڇا ٿيو هو؟”

“اڄ صبح.. مينهن پيو هو”

“مينهن پيو هو.... پر ان مينهن ۾ تون ڪنهن کي پنهنجن ٻانهن ۾ آٽي دٻائي ڇڏيو هو...”

“اُف!”

“ڇا هاٿي اِن جو جواب اُف سان ڏيندين.... مون توکي ڏسي ورتو هو... جڏهن تون هُن کي ياڪر ۾ پريو هو”.

“ڏس منهنجي جان”

“مون کي جان جان نہ چئہ... توکي شرم اچڻ گهرجي...”

“پر ڪنهن ڳالھ تي... ڪهڙي گناھ جي ڪري؟”

“نيڪ آ ماڻهو گناھ ڪري... پر اهڙي گندگيءَ ۾ نہ ڪري”

“مان ڪهڙي گندگيءَ ۾ ڪريو آهيان، آخر ڳالھ تہ ڪر”

“اڄ صبح تو هُنَ... هُنَ”

“ڇا؟”

“هُن پنگياڻي کي... جوان پنگياڻي جيڪا منائي واري سان پڇي وئي هئي”

“لاحول ولا... تون بہ عجيب عورت آهين... هوءَ ويچاري ڳورهاري هئي، مينهن ۾ ٻهارو ڏيندي هن جي مٽي کي چڪر اچي ويا ۽ ڪري پئي هئي، مان ان کي ڪٽي ان جي ڪوارٽر ۾ ويس”.

“پوءِ ڇا ٿيو؟”

“هوءَ مري وئي؟”

“افسوس.... ويچاري...”

“ڏس منهنجو جسم هاٿي ٽڏو ٿي ويو آهي”

“منهنجي ويجهو اچ منهنجا جاني.....”

“مان قميص پائي وٺان...”

“نہ هرگز نہ... قميص پائڻ جي هاٿي ضرورت ناهي، تنهنجي قميص مان آهيان!”

# لاري اڏو

لاري اڏي تي هوءَ اي روٽ واري بس جي انتظار ۾ ويٺي هئي، هن جي پرسان ڪيترائي مرد ويٺا هئا، انهن مان هڪ هن کي گهُوري رهيو هو، هن کي ائين محسوس ٿي رهيو هو ڄڻ ڪو شخص سرائي سان هن جي دل ۽ دماغ ۾ ٽنگ ڪري رهيو هو....
هن جي عمر 20 _ 22 سال ٿيندي پر هوءَ پڪي پختي عمر جي باوجود گهبرائي رهي هئي، سياري جا ڏينهن هئا پر ان باوجود هن ڪيئي ڀيرا پنهنجي نرڙ تان پگهر اگهيو....
هن جي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته هوءَ ڇا ڪري، لاري اڏي تي ويهي رهي يا ڪو ٽانگو ڪرائي گهر وڃي... يا واپس پنهنجي سهيليءَ وٽ وڃي.... هن جي اها نئين نئين سهيلي ٿي هئي. هن جي ملاقات هن سان هڪ پارٽيءَ ۾ ٿي هئي جتي هو هڪٻئي کان ڪافي متاثر ٿيون هيون.... اهو پهريون موقعو هو جو هوءَ پنهنجي سهيلي جي اسرار تي ان جي گهر آئي هئي.
نوڪر بيمار هو جڏهن سندس سهيليءَ گهڻو زور ڀريو ته هوءَ اڪيلي ئي ان جي گهر هلي وئي هئي.... ٻه ڪلاڪ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪنديون رهيون، وقت سنو گذري ويو.... هن جي سهيليءَ جنهن جو نالو شاهده هو تنهن ويندي وقت چيو "سلمه هاڻي تنهنجي شادي ٿيڻ گهرجي" سلمه شرمائجي وئي.
"ڪهڙيون ٿي ڳالهيون ڪرين شاهده، مون کي شادي ناهي ڪرڻي"
"ته ڇا سڄي عمر ڪنواري رهندينءَ؟"
"ڪنواري رهڻ ۾ ڪهڙي تڪليف آهي؟" شاهده مسڪرائڻ لڳي، "مان ٻه ائين چوندي هيس پر جڏهن شادي ٿي ته دنيا جون سڀ مسرتون مون تي ظاهر ٿيون، اها ئي ته عمر آهي جڏهن ماڻهو پوري طرح شاديءَ مان مزو حاصل ڪري ٿو... تون منهنجو چوڻ وٺ بس هڪ ٻن مهينن اندر ڪنوار ٿي وڃ، تنهنجي هٿن تي مهندي مان لڳائينديس".
"ڇڏ ان مذاق کي..." شاهده سلمه جي ڳل تي هلڪي پيار مان ٺڪي هنئي.
"اهو مذاق آهي؟ جيڪڏهن اها مذاق آهي ته هيءَ پوري دنيا ٻه هڪ مذاق آهي، مرد ۽ عورت جو رشتو ٻه فضول آهي، مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته آخر تون هڪ ابدي ۽ ازلي رشتي کان انڪار ڇو پئي ڪرين؟ ڏسان ٿي ته تون مرد کان بغير ڪيئن ٿي گذاري سگهين؟ خدا جو قسم ڇري ٿي ويندينءَ..... ڇري".
"سنو آ ته ڇري ٿي وڃان، ڇرين لاءِ هن دنيا ۾ ڪا جاءِ ڪانهي ڪا؟ هيترا سارا ڇريا آهن آخر اهي ٻه ته جهڙي تهڙي زندگي گهاري رهيا آهن".
"جهڙي تهڙي جيئڻ ۾ ڪهڙو مزو آ پياري سلمه.... مان تو کي چوان ٿي جڏهن کان منهنجي شادي ٿي آهي ته منهنجي دنيا ئي بدلجي وئي آهي، منهنجو مڙس ڏاڍو پيار ڪندڙ آهي".

”ڪهڙو ڪم ڪندو آهي“

”مون سان محبت ڪندو آهي، اهو ئي ان جو ڪم آهي، الله جو ڏنو سڀ ڪجهه آهي.... منهنجو هٿ هن ڪڏهن به تنگ ٿيڻ ناهي ڏنو“، سلمه محسوس ڪيو ته هن جي دل تنگ ٿي رهي آهي.

”شاهده مون کي تنگ نه ڪر، مونکي شادي ناهي ڪرڻي، مون کي مردن کان سخت نفرت آهي“.

”ڇو؟“

”بس ائين ئي هاڻي مان توکي ڇا چوان!“

”مردن کان مون کي به نفرت هوندي هئي پر جڏهن منهنجي شادي ٿي ۽ منهنجي مڙس مون کي پيار ۽ اٿاهه محبت ڏني مون کي پهريون ڀيرو محسوس ٿيو ته مرد عورت لاءِ ڪيترو ضروري آهي“.

”پلي هجي، پر مون کي ان جي ضرورت ناهي“

شاهده مسڪرائيندي، ”سلمه هڪ ڏينهن تون ضرور ان ڳالهه جي قائل ٿي ويندءِ ته مرد عورت لاءِ ضروري آهي، ان ڪانسواءِ هوءَ هڪ اهڙي سواري آهي جنهن جا ڦيٿا نه هجن، منهنجي شادي کي پورو سال ٿيو آهي.... ان سال ۾ مونکي جيترين خوشيون منهنجي مڙس ڏنيون آهن مان بيان نٿي ڪري سگهان.... خدا جو قسم هو هڪ فرشتو آهي.... فرشتو... مون تي هر وقت فدا رهندو آهي“.

سلمه اهو ائين محسوس ڪيو ته ڄڻ هن جي مٿي تي فرشتا پَرَ ڦڙڦڙائي رهيا آهن، هن سوچڻ شروع ڪيو ته شايد مرد عورت جي ضرورت هجي.... پر جلد هن جي دماغ ۾ اهو خيال آيو ته هن جو عقل هن جو ساٿ نه ڏئي رهيو آهي، مرد جي ڪهڙي ضرورت آهي، ڇا عورت ان ڪانسواءِ زندگي گهاري نٿي سگهي، جي شاهده هن کي ٻڌايو ته هن جو مڙس ڏاڍو پيار ڪرڻ وارو آهي، سٺي عادتن وارو مرد آهي پر ان مان اهو ته ثابت نٿو ٿئي ته هو شاهده لاءِ ضروري هيو...

سلمه حسين هئي... ڇا ته هن جو جوڀن هو.... پريل هٿ پير.... ويڪري پيشاني.... ڇيلهه کان هيٺ تائين ڊگها ڪارا وار.... ڊگهو نڪ ۽ ان تي ٽر.... جڏهن هوءَ پنهنجي سهيليءَ کان اجازت وٺي غسل خاني ۾ وئي ۽ پاڻ کي آئيني آڏو بيهي پنهنجي جوڀن تي هڪ ڀرپور نظر وڌي، هن کي ڏاڍي الجهن محسوس ٿي، هن سوچيو آخر هي جسم ۽ حسن، هي اپار ڪنهن لئه آهي؟ قدرت جي سڄي ڪاريگري بيڪار پئي وڃي.... اَنُ پيدا ٿيندو آهي ته ماڻهو ان مان پنهنجو پيٽ پاليندو آهي.... ان جي جواني به ته ڪنهن ٻنيءَ ۾ بيٺل سنگ جيان هئي، آخر ان کي ڪوئي ته ڪائيندو نه ته سڙي سُڪي ويندي.

هوءَ ڪافي دير تائين غسل خاني ۾ آئيني اڳيان سوچيندي رهي، هن جي ذهن ۾ هن جي سهيلي جون سڀ ڳالهيون پڙاڏو ٿي گونجي رهيون هيون.... مرد عورت لاءِ ضروري آهي... هن جو مڙس هن سان ڏاڍو پيار ڪندو آهي، هو هڪ فرشتو آهي، سلمه هڪ

لمحي لاءِ محسوس ڪيو ته هن جا ڪپڙا ۽ هن جو رئو فرشتن جا پَرَ بڻجي چڪا آهن، هوءَ گهٻرائجي وئي.... جلدي فارغ ٿي ٻاهر نڪري آئي.
ٻاهر وراندي ۾ مڪيون پون پون ڪري رهيون هيون. سلمه کي ائين لڳو ڄڻ هي به فرشتا هجن جيڪي ويس بدلي آيا آهن. پوءِ جڏهن هن جي سهيلي هن کي پنهنجي گهر جي سامهون واري باغ ۾ وني وئي ۽ اتي هن به تي پوپٽ ڏنا ته اهي به هن کي فرشتا ڏسجڻ ۾ آيا.... پر هن ڪيئي دفعا سوچيو ته اهڙا رنگين ننڍڙا پتڪڙا فرشتا ڪيئن ٿا ٿي سگهن... هن کي ڪافي دير تائين فرشتا ئي فرشتا پئي ڏسجڻ ۾ آيا، جيڪي هن جي ويجهو ئي آيا هن کي پيار ٿي ڪيائون. هن جي ڇهري کي ٿي چميون ڏنائون... هن جي سيني تي هٿڙا پئي ڦيرايائون.... جنهن مان هن کي ڏاڍو سڪون پئي مليو... پر هن فرشتن جي هٿن کي سختي سان پري ڪندي انهن کي چيو__ وڃو ___ هليا وڃو توهان جو گهر ته آسمان تي آهي هتي ڇا ڪرڻ آيا آهيو.... هو فرشتا هن کي چوڻ لڳا. اسان فرشتا ناهيون، حضرت آدم جي اولاد آهيون، اهو بزرگ جنهن کي جنت مان ڪڍيو ويو، پر اسان تو کي وري جنت ۾ پهچائڻ جو وچن ٿا ڪيون. ها اتي کير ۽ ماکي جون نديون ٿيون وهن.... سلمه ائين محسوس ڪيو ڄڻ هن جي سيني مان کير جا گوها نڪرڻ لڳا هجن ۽ هن جا چپ مناڻ سان پرجي ويا هجن. شاهده هر هر هن سان پنهنجي مڙس جون تعريفون پئي ڪيون.
اصل مقصد هن جو اهو هيو ته جيئن هن جي ڀاءُ سان سلمه جو رشتو ٿئي، پر گهر ۾ هي پهرين ملاقات هئي ان ڪري هو کُلي ڳالهائي نه سگهي.... بهرحال هن اشارن اشارن ۾ سلمه تي اهو واضح ڪري ڇڏيو ته هن جو مڙس ڏاڍو شريف ۽ محبت ڪرڻ وارو ماڻهو آهي ۽ ان جو ڀاءُ ان ڪان به وڌيڪ شريف ماڻهو آهي. سلمه اهو اشارو نه سمجهي سگهي. ان ڪري جو هوءَ ڏاڍي سادي طبيعت واري هئي. هن صرف ايترو چيو، "اڄڪلهه جي زماني ۾ شريف ماڻهن جو ملڻ مشڪل آهي. تون خوش نصيب آهين جو تو کي اهڙو سنو ڪٽنب مليو آهي جنهن جو هر ماڻهو نيڪ ۽ صالح آهي.... افسوس آ جو منهنجو مڙس هن وقت گهر ۾ موجود ناهي نه ته مان تو کي ان سان ضرور ملايان ها. وري ڪڏهن سهي.."
"ڇا ڪندو آهي؟"
" ائين ته هن کي ڪم ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي، لڪن جي ته جائداد آهي، گهر ۽ دڪانن جي مسواڙ ئي هر مهيني ٻن هزارن جي قريب وصول ٿيندي آهي. ان ڪان علاوه ماشاءَ الله زمين آهي. ان جي آمدني جدا آهي. اَنُ پاڻي جي ڪائي کوٽ ناهي، ڪٽڪ گهر ۾ پئي آهي، چانور به جام، هر قسم جي ڀاڄي به ميسر آهي. الله جو وڏو فضل ڪرم آهي. ان جو ننڍو ڀاءُ اڄ ڪلهه لنڊن ۾ آهي. زراعت متعلق خبر ناهي ڇا سکي رهيو آهي.... هڪ مهيني اندر واپس اچي رهيو آهي اهو پنهنجي وڏي ڀاءُ کان وڌيڪ سهڻو آهي، تون ان کي ڏسندينءَ ته..."
سلمه گهٻرايل لهجي ۾ چيو: "ها ها... جڏهن هو ايندو ته ان سان ملڻ به ٿي ويندو....".

شاهده چوڻ لڳي "ڏاڍو شريف ڇوڪرو آهي، اصل پنهنجي وڏي ڀاءُ وانگر".
"جي ها. ضرور هوندو. آخر شريف خاندان سان تعلق اٿس".
"هو بس اڇڻ وارو ٿي آهي... تون مون کي پنهنجي هڪ تصوير ڏئي ڇڏ".
"ڇا ڪندينءَ؟"
"بس ماڪي لڳائي ڇٽيندي مانس". اهو چئي شاهده سلمہ جي منهن کي چميو ۽ پنهنجي مڙس جون تعريفون شروع ڪري ڏنائين. سلمہ بيزار ٿي پئي ۽ هن کان بهانو ٺاهي اجازت ورتي ۽ هوءَ لاري اڏي تي پهتي جتان هن کي اي روٽ واري بس ذريعي وڃڻو هو....
هوءَ جڏهن اتي پهتي تہ هڪ مرد هن کي گهوري رهيو هو. هوءَ پريشان ٿي وئي. سياري جا ڏينهن هئا پر پوءِ بہ هن ڪيئي دفعا نرڙ تان پگهر اگهيو. لاري اڏي تي هڪ بس آئي هن ان جو نمبر بہ نہ ڏٺو جيئن ئي ٻہ ٽي مسافر لٿا هوءَ تڪڙي ان بس ۾ سوار ٿي.
اهو ماڻهو بہ بس ۾ داخل ٿيو. هن جي پريشاني اڃا وڌي وئي، اتفاق اهڙو ٿيو جو بس جي انجڻ ۾ خرابي پيدا ٿي جنهن سبب ان کي بيهڻو پيو. سڀني مسافرن کي چيو ويو تہ توهان لهي وڃو، ضروري مرمت سبب بس وقت تي هلي نہ سگهندي. سلمہ هيٺ لٿي تہ اهو شخص جيڪو هن کي گهوري رهيو هو اهو بہ هيٺ لهي آيو. روڊ تي هڪ ڪار وڃي رهي هئي. هن ان جي ڊرائيور کي سڏ ڪيو، "امام الدين".
امام الدين ڪار هڪدم بيهاري _ ان شخص سلمہ کي هٿ مان ورتو ۽ چيائين، "اچو هيءَ ڪار منهنجي آهي، جتي بہ توهان وڃڻ چاهيو مان توهان کي ڇڏي ايندس".
سلمہ انڪار نہ ڪري سگهي ۽ ڪار ۾ ويهي رهي. هن کي ماڊل ٽائون وڃڻو هيو پر هو تہ هن کي ڪنهن ٻي هنڌ وٺي ويو ۽ سلمہ محسوس ڪيو تہ مرد واقعي عورت جي ضرورت آهي.
هن پنهنجي زندگي جو بهترين ڏينهن گذاريو. خير پهريان تہ هن ڏاڍا حيلا هلايا، انڪار ڪيو پر ان شخص آخر هن کي ايلاز ٻهانا ڪري راضي ڪري ورتو. ٽن چئن ڪلاڪن کان پوءِ جڏهن سلمہ ان شخص جو ٻٽون کولي ائين ئي ڏٺو پئي تہ ان ۾ هڪ پاسي کان شاهده جو فوٽو هيو. هن هٻڪندي پڇيو، "هي، هي عورت ڪير آهي؟"
ان شخص جواب ڏنو، "منهنجي زال"
سلمہ جي وات مان رڙ نڪري وئي، "توهان جي زال!"
شاهده جو مڙس کلڻ لڳو " ڇا مردن جون زالون ناهن هونديون!"

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book